ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنچر پهرين آگسٽ 2026ع 17 صفرالمظفر 1448ھ صفحا 06 - ملھ 30 وپيه شمارو (346)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايف بي آر جي جديد ٽريڪنگ سسٽم کي ماڊل بڻائي ملڪ ۾ هارڻ جي چُرپر جي سخت نگراني جو نظام جوڙڻ جي هدايت

حڪومت معاشي استحڪام ۽ پائيدار ترقي لاءِ سڌارن جي ايجنڊا تي ڀرپور عملدرآمد جاري رکيو آهي: وزيراعظم

عالمي بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابزر جي قيادت ۾ وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ اداري جي ڪردار جي واکاڻ

پاڪستان جو آئيني وفاقي ڍانچو، صوبائي خودمختياري ۽ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ گڏيل تعاون ۽ مشاورت ملڪ جي ترقي ۽ استحڪام جي لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. ورلڊ بئنڪ جو ڪنٽري ڊائريڪٽر

عالمي بئنڪ پاران پيش ڪيل تجزيي ۽ عالمي تجربن جي روشني ۾ تقابلي جائزو سلراهه جوڳو آهي، اهڙا مطالعا پاليسي سازي جي عمل ۾ ڪارائتي رهنمائي فراهم ڪرڻ ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا: وزيراعظم

عوام کي پاڻي جي بنا رنڊڪ فراهمي ۽ مناسب قيمتن کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي، حڪومت جي سڌارن واري ايجنڊا سڀني ادارن ۾ هڪجهڙي نموني لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويجي

اوگرا جي ٻيهر جوڙجڪ ڪري هر شعبي ۽ عهدي لاءِ ماهرن جي ميرٽ ۽ شفاف طريقي سان مقرري ڪئي ويجي، اوگرا ۾ سڌارن ۽ نئين سر جوڙجڪ لاءِ حڪومت هر قسم جي پيشيوراڻي مهارت فراهم ڪندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف عالمي بئنڪ جي پاڪستان جي ترقياتي سفر ۾ مسلسل مدد کي ساراهيندي چيو آهي ته حڪومت معيشت کي مستحڪم ۽ پائيدار ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ جي لاءِ سڌارن جي ايجنڊا تي ڀرپور عملدرآمد جاري رکيو آهي هن اهڙن خيالن جو اظهار عالمي بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابزر جي قيادت ۾ وفد سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن جمعي ڏينهن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

بلقيس صابر مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير وومين ونگ جي نائب صدر مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) بلقيس صابر کي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

صدر پاران ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جنرل سيد عامر رضا کي نشان امتياز (ملٽري) عطا ڪرڻ جي منظوري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن سان ڳالهين جي ڪا به گنجائش ناهي انهن کي پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا: ترجمان پاڪ فوج

دهشتگردن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي آهي ته انهن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي، انهن کي يا ته قانون مطابق هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا يا اسان خلاف جنگ کي منهن ڏيڻو پوندو

اهو تاثر پکيڙڻ جي چالاڪي واري ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته بلوچستان ۾ صورتحال انتهائي خراب آهي ۽ صوبي کي غير مستحڪم ڪرڻ ۾ مخصوص عناصر ملوث آهن

گم ٿيل ماڻهو مستونگ، خضدار ۽ ٻين علائقن ۾ دهشتگردي جي ڪارروائين ۾ ملوث نڪتا آهن ۽ آپريشنز دوران مارجي ويل ڪيترائي حملا آور گم ٿيل ماڻهن مان ئي نڪتا آهن

بلوچستان ۾ 31,080 ۽ خيبرپختونخوا ۾ 7,177 آپريشن ڪيا ويا، پاڪستان جي ٻين حصن ۾ 2,091 انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن (IBOs) ڪيا ويا، بلوچستان ۾ 178 ماڻهو شهيد ٿيا

اهي واپار جي آڙ ۾ منشيات ۽ ڊيزل جي اسمگلنگ ڪن ٿا، سردار (قبائلي اڳواڻ) هڪ هزار ارب رپين جي بجيٽ مان حصو چاهين ٿا، پر انهن کي اهو حصو نه ڏنو ويندو: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته دهشتگردن سان ڳالهين جي ڪا به گنجائش ناهي، انهن کي يا ته رياست اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا يا پوءِ خاتمي کي منهن ڏيڻو پوندو هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته دهشتگردن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي آهي ته انهن سان ڪا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

زرداري جي ٻئي پُٽ کي هاڻي خبر پئي آهي ته هي نظام نٿو هلي سگهي: راڻا ثناءُ الله

سنڌس ٻئي فرزند چيو هو ته موجوده نظام ختم ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اڳتي هلڻ جي قابل ناهي

توهان هن نظام ۾ ساڍن ٽن سالن اندر 30 سالن جو سفر طئي ڪيو، توهان ڪٿان نڪتا ۽ اڄ ڪٿي پهچي ويا آهيو

موجوده پارلياماني نظام پاڪستان کي قائداعظم محمد علي جناح ڏنو هو، تنهن ڪري ان کي ناڪام قرار ڏيڻ مناسب ناهي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صدر آصف علي زرداري جي ٻئي فرزند ڪالهه چيو هو ته موجوده نظام ختم ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي اڳتي هلڻ جي قابل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڊپٽي وزير پاران بلوچستان ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ پيش آيل حادثي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ڊپٽي وزير

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي فوجي اڏي تي بغاوت، 100 فوجي اهلڪار هٿيار ڇڏي فرار

فوجي بٽالين ڪمانڊر سان تڪرار بعد پنهنجا هٿيار ڇڏي اڏي تان فرار ٿي ويا

والاريل بيت المقدس (اي پي پي) اسرائيل جي عسڪري اڏي سدي تيمان ۾ پيش آيل هڪ انتهائي غير معمولي واقعي ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لاهور: شديد برسات ڪانپوءِ وسنديون پاڻي ۾ گهيريل نظر اچي رهيون آهن

سپريم ڪورٽ پاران پي ٽي آءِ باني جي اسپتال منتقلي جي درخواست تي رجسٽرار جا اعتراض ڪالعدم

عدالت رجسٽرار آفيس جي اعتراضن خلاف داخل چيمبر اپيل منظور ڪندي رجسٽرار جا اعتراض ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيا

ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پي ٽي آءِ باني جي وڪيل کي صحيح ٿيل وڪالت نامو جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي

چيف جسٽس پي ٽي آءِ باني ۽ عظميٰ خان جي درخواستن کي جلد ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ جي گذارش به منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي پي ٽي آءِ باني جي اسپتال منتقلي بابت درخواست تي رجسٽرار آفيس جي اعتراضن خلاف داخل چيمبر اپيل منظور ڪندي رجسٽرار جا

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاسداران انقلاب اردن ۾ آمريڪي جهازن بابت سيٽلائيٽ تصويرون جاري ڪري ڇڏيون

آمريڪا کي بيگناهه ايرانين جي رت وهائڻ جو حساب ڏيڻو پوندو: ايراني پارليامينٽ جو اسپيڪر

هر روز نون ڏوهن ۾ ملوث ٿي رهيو آهي ۽ ميناب ڪانپوءِ قشم ٻيٽ تي رهائشي آبادي کي به نشانو بڻايو

آمريڪا جڏهن جنگي ميدان ۾ ناڪامي ڏسي ٿو ته بيگناهه شهرين کي نشانو بڻائي ٿو، پر ان جو حساب ضرور ڏيندو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف چيو آهي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ خان ۾ پوليس وين تي فائرنگ، اي ايس آءِ سميت 2 اهلڪار شهيد

واقعو ڊي آءِ خان جي علائقي درابن ۾ شاهه عالم موڙ تي پيش آيو: ڊي پي او

پشاور (اي پي پي) ڊيرا اسماعيل خان ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان آذربائيجان جي سفير جي الوداعي ملاقات

ٻه طرفي ڀائيواريءَ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ نئون سنگ ميل پار ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم واري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ گهڻ ماڙ رهائشي عمارت ڪرڻ سبب 9 ڄڻا فوت، ڪيترائي دٻجي ويا

واقعو رياست جي ڀيونڊي واري علائقي ۾ پيش آيو، امدادي ڪارروائين بعد لاش ڪڍيا ويا

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي ڏکڻ اولهه رياست مهاراشٽر ۾ هڪ گهڻ ماڙ رهائشي عمارت ڪرڻ سبب 9 ماڻهو فوت

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير چونڊون: ن ليگ ۽ پ پ ۾ ڌانڌلين بابت ٿيل تڪرار تي ٺاهه

ٻنهي اتحادي پارٽين جي سينيئر اڳواڻن مظفرآباد ۾ ملاقات ڪري سياسي بحران تي ڳالهايو

ٻنهي ڌرين چونڊ مهم ۽ ميرپور جي نتيجن ڪانپوءِ ڏنل بيانن بابت پنهنجا تحفظات سامهون رکيا

سياسي ڇڪتاڻ کي وڌيڪ نه وڌايو ويجي ۽ باقي مرحلن جي پولنگ کي پرامن طريقي سان اڳتي کڻو: ڌرين جو اتفاق

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آزاد ڪشمير جي هلندڙ چونڊن دوران پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ڪانپوءِ ٻنهي اتحادي پارٽين جي سينيئر اڳواڻن مظفرآباد ۾ ملاقات ڪري چونڊ ڌانڌلي بابت لڳايل الزامن سبب پيدا ٿيل سياسي بحران تي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو: شهيد الهه بخش يونيورسٽي ۽ هر اسپيس جي وچ ۾ مختلف شعبن ۾ سهڪار لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

ڪراچي ۾ نيب پاران واپس حاصل ڪيل 12 ڪروڙ 28 لک کان وڌيڪ رقم سنڌ حڪومت حوالي

قومي احتساب بيورو آفيس ۾ حاصل ڪيل رقمن جي ورهاست لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي

هڪ ڪروڙ 34 لک رپين کان وڌيڪ جا چيڪ خانگي هائوسنگ سوسائٽي جي متاثرن ۾ ورهايا ويا

نيب بدعنوان عنصرن کان ڦريل قومي دولت جي واپسي لاءِ پرعزم آهي: ڊائريڪٽر جنرل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي احتساب بيورو (نيب) ڪراچي ۾ واپس حاصل ڪيل رقمن جي ورهاست لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي، نيب جي ترجمان موجب ڊي جي نيب ڪراچي پاران 13 ڪروڙ 62 لک رپين کان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: تاريخي چپ تعزيي جي جلوس جا مختلف منظر

سنڌ جي سرڪاري کاتي ۾ اربين رپين جون گهوٽالا، 8 آفيسر ۽ اهلڪار نوڪريءَ تان برطرف

خوراڪ کاتي جي صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان جي هدايتن تي سخت ڪارروائي ڪئي وئي

سٺن ڪيسن ۾ مجموعي طور 5 ارب 12 ڪروڙ 84 لک 26 هزار رپين جي وصولي جا حڪم جاري ڪيا ويا

ڪيس وڌيڪ جاچ، قانوني ڪارروائي ۽ سرڪاري وصولي لاءِ اينٽي ڪرپشن کاتي ڏانهن موڪليا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي فوڊ کاتي ۾ گهوٽالن، وڏي پيماني تي ڪوٽ، غيرقانوني جاري ڪرڻ ۽ ترسيل، ملاوٽ ۽ سرڪاري ذخيرن کي نقصان پهچائڻ ۾ ملوث آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪندي اٺ آفيسرن ۽

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 4 ڄڻا فوت، عورت ۽ پوليس اهلڪار سميت 9 ڄڻا زخمي

ڪلفٽن ويجهو رهائشي عمارت جي فليٽ مان 75 سالن جي محمد علي ولد محمد هارون جو لاش مليو

بلديا جي علائقي يوسف ڳوٺ ۾ ڪم دوران ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ نوجوان ياسر ولد عبدالستار فوت ٿي ويو

بس ٽرمينل جي ويجهو ٽريلر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل تي سوار رحمان ولد محمد سعيد فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 4

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

صدر پاران ڪوئيٽا جي پرسان سورنج جي علائقي ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ پيش آيل افسوسناڪ حادثي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڪوئيٽا جي پرسان سورنج جي علائقي ۾ ڪوئلي جي کاڻ ۾ پيش آيل

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

شهيد الاهي بخش سومرو آرٽ يونيورسٽي ۽ هر اسپيس پاران عوامي نمائش منعقد

مختلف شعبن ۾ گڏيل سهڪار لاءِ يادداشتي مفاهمت تي پڻ صحيحون ڪيون ويون

نمائش ۾ دستاويزي فلمون، فوٽوگرافي، مصوري، ٻيا تخليقي شاهڪار پيش ڪيا ويا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) هر اسپيس ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

رڪارڊ ۾ جعلسازي جي ڪوشش تي ايڇ ڊي اي جا ٻه ملازم معطل

جونيئر ڪلارڪ منصور علي چانڊيو ۽ نائب قاصد اسلم چانڊيو کي معطل ڪيو ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سرڪاري رڪارڊ ۾ جعلسازي جي ڪوشش ۽ عوامي شڪايتن جي بنياد تي HDA جي ٻن ملازمن خلاف

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي: لڳ قومي عوامي تحريڪ جي سرگرم اڳواڻ بيدرديءَ سان قتل، ڳلو ڪپيل لاش مليو

سائيٽ واري علائقي ۾ سرگرم اڳواڻ شبير ساند کي اڻڄاتل جوابدار تيز ڌار اوزار سان قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران واقعو انتهائي افسوسناڪ قرار، جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شور/ نعيم سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ مسڪين ڪالوني ۾ قومي عوامي تحريڪ جي سرگرم اڳواڻ شبير ساند جو مبينا طور پنهنجي رهائشگاهه پرسان اوطاق مان ڳلو ڪپيل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي: عوامي تحريڪ جو سرگرم اڳواڻ شبير ساند جنهن کي قتل ڪيو ويو

واقعي بابت خاص ٽيمون جوڙي اصل حقيقتون سامهون آنديون وڃن: سڄاڻ ڌريون

افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا قاتلن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي: اعجاز سومرو

اسان جا قومي ڪارڪن ليڊر ماريا ٿا وڃن جيڪا انتظاميا جي نا اهلي آهي: خالد لاشاري

ڪوٽڙي: قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ اعجاز سومرو هن افسوسناڪ خبر جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته تمام

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪامريڊ شبير ساند جا قاتل ڪنهن به ريت رحم جي لائق ناهن: اياز لطيف پليجو

وارثن جي مرضي سان ڪيس داخل ڪيو وڃي، قاتلن جي گرفتاري لاءِ جدوجهد جاري رهندي

پارٽي سنڌس قومي خدمتن کي قدر جي نگاهن سان ڏسي ٿي ۽ ڪيس سلام پيش ڪري ٿي

ڪوٽڙي سائيٽ: قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ڪامريڊ شبير ساند جي قتل واقعي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

واقعي جي جاچ ڪريون پيا، معاملو دشمني جي ڪري ٿي سگهي ٿو: ڊي ايس پي

ڪوٽڙي سائيٽ: قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ شبير ساند جي بيرحمانڪي قتل تي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسان جي ڪنهن سان به دشمني نه آهي پاءِ اوطاق ۾ اڪيلو سمهندو هو: مقتول جا پائر

ڪوٽڙي: مقتول شبير ساند مقتل پائرن سڪندر ساند ۽ نصير ساند صحافين کي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

مقتول جي معذور پٽ پاران قاتلن کي جلد گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ . قومپرست اڳواڻ غلام شبير ساند جي مبينا قتل تي سنڌس معذور فرزند جو چوڻ آهي منهنجي بابا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

صدر پاران مادر ملت محترمه فاطمه جناح کي سندس 133هين جنم ڏينهن تي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري مادر ملت محترمه فاطمه جناح کي سندس 133هين جنم ڏينهن تي شاندار

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: هڪ نينگري پنهنجي اسڪوٽي تي منزل ڏانهن وڃي رهي آهي

68 هين سالگره مبارڪ

عبرت جي نمائندن لاءِ اطلاع

سنڌ ۾ ساڃاهه، سچائي ۽ صحتمند صحافت جي سفر ۾ اوهان سان هم قدم **عبرت گروپ** کي سال **2026ع ۾ 68 سال** مڪمل ٿي رهيا آهن، اهو سفر سچائي، پنهنجن سان ڪمٽمينٽ ۽ محبتن ڀريو رهيو آهي، جنهن ۾ اوهان جو ساٿ، همت افزائي ۽ هر حالت ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ واري محبت ڀريي روي جو پڻ وڏو هٿ آهي.

هر سال وانگر هن سال پڻ روزاني عبرت پنهنجي سالگرهه ۽ ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ ست رنگو **شاندار ايڊيشن** شايع ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ٻين گهڻين خوبصورتين سان گڏ اوهان جا پيغام، مبارڪباد ۽ تعارف تي ٻڌل اشتهار ان جي سونهن کي چار چنڊ لڳائيندا، ان ڏس ۾ اداري سان سهڪار ڪريو ته جيئن اهو سدائين لاءِ ساندڻ جهڙو ايڊيشن اجا سُر سرهاڻ ڀريو محسوس ٿئي.

نوٽ: عبرت ست جي ساٿين کي گذارش ٿي ڪجي ته پنهنجا اشتهار جلد کان جلد اداري کي ڏياري موڪلين جيئن انهن کي بهتر جڳهه ڏئي سگهجي

رابطي لاءِ:
مئنيجر شعبه اشتهار
03003020943 | 03393020943



سونا
متيءَ جو
مانُ وڌائي
سونا يوريا گرينولر جون خاصيتون
ٿلهو ۽ وزني داڻو ڇٽ ڪرڻ ۾ آسان
نائٽروجن 46 سيڪڙو
پائوڊر ۽ ڳوڙها ٿيڻ کان پاڪ
ڊگهي عرصي تائين اسٽور ڪرڻ جي صلاحيت
گهٽ ضايع، وڌيڪ فائديمند

ڪراچي ۾ مزدور کي ساڙي مارڻ بعد پنهنجي موت جو ڊرامو رچائيندڙ واپاري ساٿي سميت گرفتار

واپاري ذيشان ناز قرضين کان بچڻ لاءِ ملازم ضيغم عباس سان گڏجي پنهنجي موت جو منصوبو تيار ڪيو

بيگناهه مزدور قربان حسين کي بيهوش ڪرڻ بعد پنهنجا ڪپڙا پارائي هڪ ڪار ۾ رکي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

باهه سبب جوابدار پاڻ به سڙي زخمي ٿيو، گرفتاري کان بچڻ لاءِ حليو تبديل ڪندي ۽ ڏاڙهي به ڪوڙائي ڇڏي هئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون ۾ ڪار مان سڙيل لاش ملڻ واري سنسني خيز واقعي ۾ پوليس پنهنجي موت جو ڊرامو رچائيندڙ واپاري ذيشان ناز کي سندس ساٿي سميت گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب واپاري ذيشان ناز قرضين کان بچڻ لاءِ پنهنجي موت جو منصوبو تيار ڪيو ۽ ان مقصد لاءِ هڪ بيگناهه مزدور قربان حسين کي قتل ڪيو ويو. جاچ موجب مرڪزي جوابدار ذيشان ناز پنهنجي ملازم ضيغم عباس سان گڏجي قربان حسين کي کاڌي ۽ پئسن جو لالچ ڏئي ڪار ۾ ويهاريو. جوابدارن چانورن ۾ جيتن کي مارڻ واري زهريلي دوا ملائي قربان حسين کي کارائي نيم بيهوش ڪيو. جنهن ڪانپوءِ کيس ذيشان ناز جا ڪپڙا پارائي سندس سڃاڻپ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پوليس موجب جوابدارن اڳواٽ رٿابندي تحت مقتول تي پيٽرول هاري کيس باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جيئن واقعي کي حادثي يا خودڪشي جو رنگ ڏئي سگهجي. پوليس جو چوڻ آهي ته باهه لڳائڻ دوران مرڪزي جوابدار ذيشان ناز پاڻ به سڙي زخمي ٿي پيو ۽ گرفتاري کان بچڻ لاءِ هن پنهنجو حليو تبديل ڪيو ۽ ڏاڙهي به ڪوڙائي ڇڏي. جاچ دوران گرفتار جوابدار ذيشان ناز انڪشاف ڪيو ته هو هڪ مهينو اڳ به سمنڊ ۾ ٻڏي خودڪشي جو ڊرامو رچائڻ جو منصوبو ٺاهي چڪو هو پر خوف سبب ان تي عمل نه ڪري سگهيو. پوليس موجب ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ واقعي جي ٻين پاسن کان پڻ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بريسٽ فيڊنگ جي واڌاري لاءِ جاري قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي: عذرا پيچوهو

نون ڄاول ٻارن جي صحت بهتر بڻائڻ ۽ ٻارن جي موت جي شرح ۾ گهٽتائي آڻڻ بهترين ترجيح آهي

ٻن سالن تائين جي ٻارن لاءِ فارمولا کير يا ڏٻي بند خوراڪ جي تشهير يا مارڪيٽنگ برداشت نه ڪبي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت عالمي بريسٽ فيڊنگ هفتي جي شروعات جي موقعي تي فارمولا کير جي تشهير ۽ مارڪيٽنگ خلاف قانون تي وڌيڪ سختي سان عملدرآمد، ٻارن لاءِ محفوظ اسپتالن جي نيٽ ورڪ کي وڌائڻ ۽ مائرن ۾ ٻارن کي کير پيارڻ جي حوصلا افزائي لاءِ آگاهي مهم وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. صحت ۽ آبادي جي پلاننگ واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو جمعي ڏينهن پنهنجي پيغام ۾ چيو ته نون ڄاول ٻارن جي صحت کي بهتر بڻائڻ ۽ ٻارن جي موت جي شرح ۾ گهٽتائي آڻڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. تنهنڪري بريسٽ فيڊنگ جي واڌاري لاءِ جاري قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته سنڌ پروٽيڪشن اينڊ پروموشن آف بريسٽ فيڊنگ اينڊ ينگ چائلڊ نيوٽريشن ايڪٽ تي سختي سان عمل جاري رکيو ويندو ۽ ٻن سالن تائين جي ٻارن لاءِ فارمولا کير يا ماءُ جي کير جا متبادل (Breast Milk Substitutes) ۽ ٻارن جي ڏٻي بند خوراڪ جي ڪنهن به قسم جي تشهير يا مارڪيٽنگ هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت جي انهن قدمن جو مقصد مائرن کي غيرضروري طور فارمولا کير ڏانهن راغب ڪندڙ تجارتي رجحانن جي حوصلا شڪني ڪرڻ ۽ ٻارن جي فطري حق يعني ماءُ جي کير جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ آهي. ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ٻڌايو ته صوبي جي تدريسي، ضلعي ۽ علائقائي اسپتالن ۾ بيبي فرينڊلي هاسپيٽل انيشيئيٽو کي وڌيڪ وسيع ڪيو پيو وڃي، جيئن ڄمڻ کان فوري پوءِ ٻار کي ماءُ جو کير پيارڻ، ماءُ ۽ ٻار جي فوري جسماني رابطي کي يقيني بڻائڻ ۽ غيرضروري فارمولا فيڊنگ جي حوصلا شڪني جهڙن قدمن تي مڪمل عملدرآمد ٿي سگهي. هن چيو ته ان مقصد لاءِ ٽن هزارن کان وڌيڪ ڊاڪٽرن، نرسن ۽ ٻين طبي عملي کي بريسٽ فيڊنگ ڪائونسلنگ، ليڪٽيشن مينيجمينٽ ۽ زچگي واري ماءُ جي غذائيت بابت تربيت پڻ ڏني وئي آهي. وزير صحت چيو ته پيدائش کان پوءِ پهرين ڇهن مهينن تائين صرف ماءُ جو کير پيارڻ ۽ ان کان پوءِ مناسب گهريلو خوراڪ سان گڏ کير پيارڻ جو سلسلو جاري رکڻ ٻارن کي نمونيا، دستن، غذائي کوٽ سميت ڪيترين خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. جڏهن ته حفاظتي ٽڪن سان گڏ اهو ٻارن جي بهتر واڌ ويجهه ۽ سٺي صحت جي ضمانت پڻ آهي. يونيسيف پڻ عالمي بريسٽ فيڊنگ هفتي جي موقعي تي چيو آهي ته ٻار کي ماءُ جو کير پيارڻ رڳو ماءُ جي نه پر سڄي سماج جي گڏيل ذميواري آهي. يونيسيف سنڌ جي چيف فيلڊ آفيس پريم بهادر چند موجب، مؤثر پاليسين ۽ مضبوط سهڪار ذريعي هر ٻار کي زندگي جي صحتمند شروعات فراهم ڪري سگهجي ٿي. هن ٻڌايو ته يونيسيف آگسٽ جي سڄي مهيني دوران سڄي ملڪ ۾ آگاهي مهم، ڪميونٽي رابطن ۽ ميڊيا سرگرمين ۾ سهڪار ڪندي، جيئن ماءُ جي کير پيارڻ جي واڌاري لاءِ حڪومت، طبي ماهرن، ڪميونٽين ۽ خاندانن کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ آڻي سگهجي.

سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪبو: مخدوم سعيدالزمان

سنڌو درياءُ سنڌ جي زندگي، زراعت، معيشت ۽ ثقافت جو بنيادي سرچشمو آهي

سروري تنظيم جي باني چيئرمين پاران جلال پور ڪئنال منصوبي تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار

چائشور (ڊ ر) سروري تنظيم جي باني چيئرمين سروري سرڪار، سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان "عاطف" جلال پور ڪئنال منصوبي تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي پاڻيءَ جي حقن تي ڪنهن به قسم جو ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. مخدوم سعيدالزمان "عاطف" چيو ته سنڌو درياءُ سنڌ جي زندگي، زراعت، معيشت ۽ ثقافت جو بنيادي سرچشمو آهي. تنهن ڪري سنڌ جي حصي جي پاڻيءَ ۾ ڪا به غيرآئيني يا غيرقانوني مداخلت صوبائي هم آهنگي ۽ قومي يڪجهتيءَ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ مخدوم سعيدالزمان "عاطف" چيو ته 1991ع واري پاڻي ٺاهه تي مڪمل ۽ ايمانداريءَ سان عملدرآمد وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ کي پنهنجي آئيني ۽ قانوني حصي جو پاڻي فراهم ڪرڻ وفاق ۽ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي. مخدوم سعيدالزمان "عاطف" زور ڀريو ته پاڻيءَ جي ورڇ بابت هر فيصلو شفاف، قانون موجب ۽ سڀني صوبن جي اتفاق راءِ سان ٿيڻ گهرجي. مخدوم سعيدالزمان "عاطف" وڌيڪ چيو ته سنڌ صدين کان سنڌو درياهه ذريعي آباد آهي، تنهن ڪري پاڻيءَ جي ورڇ ۾ غيرمنصفاڻي گهٽتائي نه رڳو لکين ايڪڙ زرعي زمين کي متاثر ڪندي، پر ماحولياتي نظام، سنڌو ڊيلٽا ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي تي به ناڪاري اثر ڇڏيندي.

سيوهڻ ميونسپل ڪميٽي جي خساري واري بجيٽ پيش مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو

نئين سال جي آمدني 72,57,35,690 رپيا ۽ خرچ 93,54,11,394 رپيا ظاهر ڪيو ويو

شهر ۾ ۽ رولڙي جو شڪار ٿيل پبلڪ هيلٿ جي اسڪيمن جو نوٽيس ورتو وڃي: ميمبر

سيوهڻ (ن ع) ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ جو ساليانو بجيٽ اجلاس ڪالهه ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين سيد شهزاد حيدر شاهه جي صدارت ۾ ٿي گذريو. اجلاس ۾ نئين سال جي خساري واري بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ جي نئين سال جي آمدني 72,57,35,690 رپيا آهي جڏهن ته خرچ جي مد ۾ 93,54,11,394 رپيا رکيا ويا آهن. جنهن ۾ 13,40,77,417 رپيا حڪومت سنڌ طرف واجب الادا آهن. ڄاڻايل خرچ کان پوءِ بجيٽ اندر 20,96,75,434 رپيا ساليانو خسارو ڏيکاريو ويو آهي. اجلاس ۾ گڏيل طور هڪ رٽ پاس ڪري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کان مطالبو ڪيو ويو ته سيوهڻ ۾ پبلڪ هيلٿ جي رولڙي جو شڪار اسڪيمن جو نوٽيس ورتو وڃي ته جيئن سيوهڻ شهر جي واٽرسپلاءِ ۽ ڊرينيج کي وڌيڪ بهتر ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڪائونسلر قربان علي ابڙو، خادم حسين سولنگي، دلدار سولنگي، وڏيرو آچر ڪوسو، عبداللطيف بلوچ، عبدالله ملاح، نويد ڀٽي، محمد عالم پراڙ، گل محمد ڀٽي، اڄي لعل، مرتضيٰ اولو، ميونسپل آفيسر عامر ڀٽي، انجنيئر بشير جتوئي ۽ ٻين بجيٽ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي.

ڪشمير پاڪستان جي ساهه جي رڳ آهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف

اسان جا ٻار وڏا ٿيندا ته اهي هڪ ئي آواز ۾ چوندا، ڪشمير پاڪستان بڻجي ويندو

سب انسپيڪٽر نعيم هڪ ڪشميري آهي، جڏهن هو جيئرو هو ته سندس آنڊا ٻاهر ڪڍيا ويا

راولپنڊي: ليفٽيننٽ جنرل هن چيو ته ڪشمير پاڪستان جو انتهائي پيارو ٻار آهي. اهو پاڪستان جي شهه رڳ هو، آهي ۽ رهندو. جڏهن اسان جا ٻار وڏا ٿيندا ته اهي هڪ ئي آواز ۾ چوندا: "ڪشمير پاڪستان بڻجي ويندو". ڪشمير اسان جو آهي ۽ اسان جو ئي رهندو. هن چيو "اسان پاڪستاني آهيون، پاڪستان اسان جو آهي ۽ ڪشمير به اسان جو آهي. ان باوجود، توهان پنهنجي تقريرن ۾ پاڪستان کي "قابض فوج" قرار ڏيو ٿا. ذرا سوچيو: هڪ لک ڪشميري ان ئي فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ بيشمار پاڪستاني مجاهدن ۽ فوجي آفيسرن ڪشمير ۾ شهادت ماڻي آهي— ۽ توهان انهن کي قابض فوج ٿا سڏيو؟ فوج جو هن معاملي سان ڪو به واسطو ناهي. اهو آزاد ڪشمير پوليس جو معاملو آهي. سب انسپيڪٽر نعيم هڪ ڪشميري آهي—[ان باوجود] جڏهن هو جيئرو هو ته سندس آنڊا ٻاهر ڪڍيا ويا."

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي سُر "گهاتو" کي سنڌ جو قومي سُر قرار ڏنو وڃي: ذوالفقار خاڪي

ڀٽائي جو رسالو سنڌ سميت سڄي دنيا جي ترقي ۽ خوشحالي جون راهون ڏيکاريندڙ بيتن جو خزانو آهي

سُر گهاتو انسان کي مشڪلاتن جي سمنڊ ۾ گهوڙي هڙ حاصلات جي ڏس ۾ اتساهه ڏياري ٿو

سيوهڻ (ن ع) سنڌ جي ناميارا صحافي ۽ شاعر ليکڪ ذوالفقار خاڪي چيو آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي سر "گهاتو" کي سنڌ جو قومي سر قرار ڏيڻ گهرجي جيئن سنڌ جو نوجوان نسل مشڪلاتن جي سمنڊ ۾ بهادري سان گهوڙي زندگي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جو سامان هٿ ڪري باعزت ۽ خوشحال زندگي گذاري سگهي، سنڌ حڪومت جو اهڙو فيصلو سنڌ جي وحدت جون پاڙون پڻ پختيون ڪندو. گڏوگڏ اسانجي ايندڙ نسل کي پڻ شاهه جي ڪلام سان جديد ارتقائي تبديلين جي حوالي سان مشاهدي ۽ عمل جي حوالي سان جوڙي رکڻ جو فريضو ادا ڪندو رهندو. هن وڌيڪ چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو سمورو رسالو سنڌ سميت دنيا جي سمورن پيڙهيل طبقن کي ترقي ۽ خوشحالي جون راهون ڏيکاريندڙ بيتن جو خزانو آهي پر جيڪڏهن غور سان ڏسجي ته شاهه جي رسالي ۾ آيل سر گهاتو انسان کي مشڪلاتن جي سمنڊ ۾ گهوڙي هڙ حاصلات جي ڏس ۾ اتساهه ڏياري ٿو. تنهنڪري سنڌ جي نوجوانن کي واپار، تعليم، روزگار ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ اڳتي وڌي نئاڻا ماڻڻ جي راهه ۾ رهنمائي لاءِ شاهه جي رسالي جي سر گهاتو کي سنڌ جو قومي سر قرار ڏيڻ گهرجي. ذوالفقار خاڪي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سنڌ ثقافت کاتي جي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ۽ شاهه لطيف ميلا ڪاميٽي سميت ٻين واسطيدارن کي گذارش ڪئي آهي ته سر گهاتو کي سنڌ جو قومي سر قرار ڏئي اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽي نصاب ۾ ان حوالي سان اتساهه ڏياريندڙ درسي مواد شامل ڪيو وڃي.

ڪراچي ۾ حوالا هنڊي نيٽ جا ٻه جوابدار سوگهه، هڪ ڪروڙ 50 هزار رپيا هٿ

ايف آءِ اي جي ڪمرشل بئنڪس سرڪل ڪراچي جوڙيا بازار ۾ وڏي ڪارروائي ڪئي

ڪارروائي دوران مرڪزي جوابدار حارث ۽ سندس هڪ ساٿي کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي ڪمرشل بئنڪس سرڪل ڪراچي جوڙيا بازار ۾ وڏي ڪارروائي ڪندي غيرقانوني حوالا هنڊي نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب ڪارروائي دوران مرڪزي جوابدار حارث ۽ سندس هڪ ساٿي کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدارن جي قبضي مان ڊجيٽل ثبوت ۽ هٿ سان لکيل ليجر هٿ ڪيو ويو، جنهن ۾ بئنڪنگ نظام کان ٻاهر حوالا/هنڊي ذريعي پرڏيهه رقم موڪلڻ جو مڪمل رڪارڊ موجود هو. ڇاپي دوران هڪ ڪروڙ 50 هزار رپيا (10.05 ملين رپيا) روڪ رقم پڻ هٿ ڪري ضبط ڪئي وئي. ترجمان موجب جوابدارن خلاف لاڳاپيل قانونن تحت ڪيس داخل ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته مالي رڪارڊ ۽ ڊجيٽل ثبوتن جي بنياد تي نيٽ ورڪ سان لاڳاپيل ٻين ماڻهن جي سڃاڻپ لاءِ جاچ جو دائرو وڌايو ويو آهي. ايف آءِ اي چيو آهي ته حوالا/هنڊي، مني لانڊرنگ ۽ غيرقانوني مالي لين دين ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن امتياز جي ڪارروائيون جاري رهنديون ۽ اهڙن نيٽ ورڪن جي مڪمل خاتمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا.

سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ اڄ کان ٽن ڏينهن تائين تيز برسات جي اڳڪٿي

ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، سانگهڙ، خيرپور، ٽنڊو محمد خان ضلعن ۾ برسات پوندي

ٽنڊو الهيار، حيدرآباد، مٽياري ۽ شهيد بينظيرآباد ضلعن ۾ به وسڪارو ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خليج بنگال ۾ ٺهيل هوا جو شديد گهٽ دٻاءُ (ڊيپ ڊپريشن) ڪمزور ٿي ڊپريشن ۾ تبديل ٿي ويو آهي. جنهن جي اثر هيٺ ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ برساتن جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي موجب مون سون جو نظام هن وقت ڀارت جي ڏاکڻي مڌيه پرديش واري علائقي تي موجود آهي. ان نظام سبب عربي سمنڊ ۽ خليج بنگال مان ايندڙ مون سون هوائون ملڪ جي مٿئين ۽ وچولي علائقن کي مسلسل متاثر ڪري رهيون آهن. موسميات کاتي موجب اولهه وارين هوائن جو هڪ سلسلو پڻ اترين علائقن تي اثرانداز آهي. جنهن جي وڌيڪ طاقتور ٿيڻ ۽ ملڪ جي مٿئين ۽ وچولي حصن جي اڪثر علائقن کي متاثر ڪرڻ جو امڪان آهي. اڳڪٿي موجب انهن موسمي نظامن جي اثر هيٺ اڄ ڇنڇر کان 3 آگسٽ تائين ڪراچي ۾ وقفي وقفي سان تيز هوائن، گجگوڙ ۽ هلڪي کان وچولي شدت واري برسات جو امڪان آهي. اڄ شام ۽ رات کان 3 آگسٽ تائين ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، سانگهڙ، خيرپور، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار، حيدرآباد، مٽياري ۽ شهيد بينظير آباد ضلعن ۾ به تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان گڏ برسات پوڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي.

وزير ذاتي راءِ ڏني آهي، ان تي تبصرو نه ڪندس: محسن نقوي

استحڪام ۽ سلامتيءَ لاءِ سٺي حڪمراني انتهائي ضروري آهي

اهو پاڪستان جي شهه رڳ هو آهي ۽ رهندو، ان کان ڪير به روڪي نٿو سگهي

راولپنڊي: گهرو وزير محسن نقوي جي انتظامي يونٽن جي قيام واري تجويز ۽ موجوده نظام جي مبينا ناڪامي بابت پڇيو ويو ته هن چيو ته اها وزير جي ذاتي راءِ آهي ۽ هو ان تي ڪو تبصرو ڪرڻ نٿو چاهي. تنهن هوندي به هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته استحڪام ۽ سلامتيءَ لاءِ سٺي حڪمراني انتهائي ضروري آهي. هن نشاندهي ڪئي ته نيشنل ايڪشن پلان 14 نڪتن تي مشتمل آهي جن جي سمورين سياسي پارٽين توثيق ڪئي هئي، پر هن سوال اٿاريو ته انهن تي عمل ڇو نه پيو ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ هٿي شايد هڪ نڪتي تي بحث ٿيو هجي، پر ٻيا 13 نڪتا اڃا به موجود آهن— جن ۾ منشيات، اسمگلنگ، افغان پناهگيرن ۽ مذهبي مدرسن جي رجسٽريشن جهڙا مسئلا شامل آهن— ۽ اهي سڀ سٺي حڪمرانيءَ سان جڙيل آهن. هن ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو ته جيئن ته آبادي وڌي وئي آهي پر صوبائي ڍانچو ساڳيو رهيو آهي، ان ڪري اسان کي اهو سوچڻ گهرجي ته حڪمراني کي ڪيئن بهتر بڻايو وڃي. آخرڪار سمورين پارٽين ۽ سياستدان انهن مسئلن جي حل جا خواهشمند آهن پر نون صوبن يا انتظامي يونٽن بابت فيصلو عوام جي هٿ ۾ آهي، اسان جي نه.

بقايا 1 روزاني عبرت

۽ رعايت نه ڪئي ويندي، انهن کي يا ته قانون مطابق هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا يا اسان خلاف جنگ کي منهن ڏيڻو پوندو. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته اهو تاثر پکيڙڻ جي ڄاڻي واڻي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته بلوچستان ۾ صورتحال انتهائي خراب آهي ۽ صوبي کي غير مستحڪم ڪرڻ ۾ مخصوص عناصر ملوث آهن. هن نشاندهي ڪئي ته 'سچ جي جنگ' ۾ دشمن جي حڪمت عملي ناڪام ٿيڻ کانپوءِ بلوچستان تي ڌيان مرڪوز ڪيو ويو. ڊي جي آءِ ايس پي آر (DG ISPR) ٻڌايو ته گم ٿيل ماڻهو مستونگ، خضدار ۽ ٻين علائقن ۾ دهشتگردي جي ڪارروائين ۾ ملوث نڪتا آهن ۽ آپريشنز دوران مارجي ويل ڪيترائي حملا آور گم ٿيل ماڻهن مان ئي نڪتا آهن. بي ايل اي (BLA) کان علاوه، افغانستان ۽ هندستان جي وچ ۾ ٻيو ڇا مشترڪ آهي؟ ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته "گم ٿيل ماڻهن" جي فهرستن ۾ شامل ماڻهو اڪثر اهي هوندا آهن جيڪي ويڙهه دوران مارجي ويا هوندا آهن. جيڪڏهن گم ٿيل ماڻهن جي فهرست جو موازنو گم ٿيل بي ايل اي (BLA) دهشتگردن جي فهرست سان ڪيو وڃي ته ٻئي فهرستون بلڪل هڪجهڙيون هونديون. ڊي جي آءِ ايس پي آر (DG ISPR) ٻڌايو ته گم ٿيل ماڻهن بابت انگن اکرن ۾ تفاوت آهي—ڪڏهن انهن جو تعداد 10 هزار ته ڪڏهن 20 هزار ٻڌايو ويندو آهي— ۽ هن ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته ان مسئلي بابت ڪيل پروپيگنڊا ناڪام ٿي چڪي آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته گذريل پنجن سالن دوران 40 هزار 348 انٽيليجنس تي ٻڌل دهشتگردي مخالف آپريشن ڪيا ويا، جن جي نتيجي ۾ 2 هزار 84 دهشتگرد هلاڪ ٿيا. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري ٻڌايو ته بلوچستان ۾ 31,080 ۽ خيبر پختونخواهه ۾ 7,177 آپريشن ڪيا ويا، جڏهن ته پاڪستان جي ٻين حصن ۾ 2,091 انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن (IBOs) ڪيا ويا. بلوچستان ۾ 178 ماڻهو شهيد ٿيا، 55 کي اغوا ڪيو ويو ۽ 24 پلن کي تباهه ڪيو ويو، ان کان علاوه، پوليس ۽ ليويز کي نشانو بڻائڻ جا 105 واقعا پيش آيا. ڊي جي آءِ ايس پي آر (DG ISPR) چيو ته اڄ اسان کي بلوچستان واري مسئلي جي بنيادي سبب کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان صوبي جو مسئلو اتان جي سردارن ۽ اشرافيه (اثر رسوخ رکندڙ طبقي) سان جڙيل آهي. اهي اشرافيه ۽ سردار نٿا چاهين ته غريبن جا ٻار تعليم حاصل ڪن. ان جي برعڪس اهي ليويز فورس جي پگهارن جا خواهشمند آهن ۽ ان فورس کي پنهنجي ذاتي رهائشگاهن جي حفاظت لاءِ استعمال ڪرڻ چاهين ٿا. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته دهشتگردن ۾ هڪ اهڙو گروهه موجود آهي جيڪو موجوده صورتحال (اسٽيٽس ڪو) کي برقرار رکڻ چاهي ٿو—هڪ اهڙي صورتحال جتي غريب جو ٻار اڻ پڙهيل رهي ۽ هميشه انهن جو غلام بڻيل رهي. ڇا حقن جي ڳالهه ڪندڙ پنهنجي ذميوارين کان به واقف آهن؟ ڊي جي آءِ ايس پي آر (DG ISPR) چيو ته اهي واپار جي آڙ ۾ منشيات ۽ ڊيزل جي اسمگلنگ ڪن ٿا. سردار (قبائلي اڳواڻ) هڪ هزار ارب رپين جي بجيٽ مان حصو چاهين ٿا، پر انهن کي اهو حصو نه ڏنو ويندو. اهي سردار ڌمڪي ڏين ٿا ته جيڪڏهن انهن کي حصو نه ڏنو ويو ته اهي دهشتگردي کي هٿي ڏيندا.

بقايا 2 روزاني عبرت

ناهي. هن گهرو وزير محسن نقوي کي مخاطب ٿيندي چيو ته "توهان انهيءَ ئي نظام ۾ ساڍن ٽن سالن اندر 30 سالن جو سفر طئي ڪيو. توهان ڪٿان نڪتا هئا ۽ اڄ ڪٿي پهچي ويا آهيو. هاڻي توهان کي ياد آيو آهي ته هي نظام خراب آهي ۽ هلي نٿو سگهي؟" راڻا ثناءُ الله وڌيڪ چيو ته موجوده پارلياماني پاڪستان کي قائداعظم محمد علي جناح جو ڏنو آهي، تنهن ڪري ان کي ناڪام قرار ڏيڻ مناسب ناهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

سيد مراد علي شاهه سورينج ڪوئلي جي کاڻ ۾ پيش آيل المناڪ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جا عوام بلوچستان جي متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه فوت ٿيل کاڻ مزدورن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته سورينج ڪوئلي جي کاڻ جو هي المناڪ سانحو سڄي قوم کي سوگوار ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته کاڻ مزدور ملڪ جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. تنهن ڪري سندن جانين جو تحفظ اولين ترجيح هئڻ گهرجي. وڏي وزير دعا ڪئي ته الله تعاليٰ فوت ٿيلن کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي، زخمين کي جلد ۽ مڪمل صحتيابي نصيب ڪري ۽ متاثر خاندانن کي صبر جميل ۽ حوصلو عطا فرمائي. جيڪڏهن گهرج هجي ته هن بيان کي اخباري انداز يا ڪنهن ٻي صورت ۾ به تيار ڪري سگهان ٿو.

بقايا 4 روزاني عبرت

"گيواتي" برگيڊ سان تعلق رکندڙ اٽڪل 100 فوجين جن ۾ "تصابار" بٽالين جا ريزرو ۽ ڪمانڊر به شامل آهن بٽالين ڪمانڊر سان ٽڪرار بعد پنهنجا هٿيار ڇڏي اتان فرار ٿي ويا. اطلاعات مرڪز جي رپورٽ ۾ اسرائيلي فوجي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته فوجين جي اهڙي طرح هليو وڃڻ جي نتيجي ۾ اها بٽالين عملي طور تي جنگي تياري کان ٻاهر ٿي وئي آهي. ڇو ته اها بٽالين ايندڙ ڏينهن ۾ غزه ۾ فوجي ڪارروائين جو حصو بڻجڻ جي تياري ڪري رهي هئي. اسرائيلي فوج هڪ بيان ۾ تصديق ڪئي ته هڪ جنگي بٽالين جا ڪجهه سپاهي پنهنجي ڪمانڊرن جي اجازت ڪانسواءِ عسڪري اڏا ڇڏي هليا ويا آهن ۽ ٻڌايو ويو آهي ته ان واقعي جي باقاعده جاچ جاري آهي. فوج انهن قدمن کي اسرائيلي فوج جي قدرن ۽ عسڪري خدمت جي معيار جي ابتڙ قرار ڏنو آهي. فوجي ذريعن ان بغاوت جو سبب ٻڌائيندي چيو ته اهو بٽالين اندر ٿيندڙ اندروني اختلافن جو نتيجو آهي جيڪو تصابار بٽالين جي اندر پراڻي فوج طرفان ڪجهه روايتن ۽ روين سبب پيدا ٿيا جيڪي ڪيترن ئي فوجي جوانن ۽ ڪمانڊرن واڳ ڇڏي هليو وڃڻ آهي. اسرائيلي فوجي ذريعن ان واقعي کي اسرائيلي فوج اندر هڪ انوکو واقعو قرار ڏنو ۽ ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته ان جا نتيجا فوري ظاهر ٿيا ڇو ته بٽالين ان جنگي مشقن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نااهل ٿي چڪي آهي جن جي اها بٽالين غزه ۾ امڪاني ڪارروائي جي حوالي سان تياري ڪري رهي هئي.

بقايا 5 روزاني عبرت

وڌيڪ ماليت جا چيڪ ورهايا ويا. ترجمان ٻڌايو ته 12 ڪروڙ 28 لک رپين کان وڌيڪ رقم سنڌ حڪومت جي نمائندي حوالي ڪئي وئي، جڏهن ته هڪ ڪروڙ 34 لک رپين کان وڌيڪ جا چيڪ هڪ خانگي هائوسنگ سوسائٽي جي متاثرن ۾ ورهايا ويا. نيب موجب ان خانگي هائوسنگ سوسائٽي جي متاثرن کي ان کان اڳ به 23 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رقم واپس ڪئي وڃي چڪي آهي. ان موقعي تي ڊي جي نيب ڪراچي چيو ته نيب بدعنوان عنصرن کان ڦريل قومي دولت جي واپسي لاءِ پرعزم آهي ۽ متاثر ماڻهن کي سندن حق ڏيارڻ لاءِ ڪارروائيون جاري رکيون وينديون.

بقايا 6 روزاني عبرت

پوليس وين تي فائرنگ جي نتيجي ۾ اي ايس آءِ سميت 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا. ڊيرا اسماعيل خان جي ڊي پي او ضياءُ الدين احمد موجب اهو واقعو ڊي آءِ خان جي علائقي ڊراٻن ۾ شاهه عالم موڙ تي پيش آيو جتي پوليس وين تي فائرنگ ڪئي وئي. فائرنگ ۾ اي ايس آءِ سميت 2 اهلڪار شهيد جڏهن ته پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ ملزم فرار ٿي ويا. پوليس جي وڏي نفري دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪارروائيءَ لاءِ وڃي رهي هئي ته هٿيارٻندن حملو ڪري ڏنو.

بقايا 7 روزاني عبرت

وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان عهدو ڇڏيندڙ آذربائيجان جي سفير خضر فرهادوف الوداعي ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻه طرفي ڀائيواريءَ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ توانائي سنگ ميل پار ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو. پيٽروليم ڊويزن جي ترجمان موجب ملاقات ۾ وفاقي وزير پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ مضبوط ڀائيواريءَ کي هٿي وٺرائڻ ۾ سفير خضر فرهادوف جي خدمتن کي ساراهيو. علي پرويز ملڪ چيو ته پاڪستاني ڪمپنين ۽ سوڪار وچ ۾ توانائيءَ جي شعبي ۾ سهڪار ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي. وفاقي وزير آذربائيجان سان خاص ڪري پيٽروليم ۽ توانائيءَ جي شعبن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته ٻئي ملڪ مضبوط اقتصادي رابطا ۽ ايندڙ نسلن لاءِ فائديمند موقعا پيدا ڪرڻ جي گڏيل ويزن تحت ڪم ڪري رهيا آهن. ان موقعي تي سفير پنهنجي مقرريءَ دوران تعاون ۽ مهمان نوازيءَ تي پاڪستاني حڪومت جو شڪريو ادا ڪيو. ملاقات ۾ ان اعتماد جو اظهار ڪيو ويو ته پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ ويجهي ڀائيواري ايندڙ سالن ۾ وڌيڪ مستحڪم ٿيندي ۽ ٻه طرفين نين بلندين تائين پهچندو ۽ گڏيل سهڪار نئون سنگ ميل پار ڪندو.

بقايا 8 روزاني عبرت

۽ ڪيترائي ملبي هيٺان دٻجي ويا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب مقامي عملدارن ٻڌايو ته اهو واقعو رياست جي ڀيونڊي واري علائقي ۾ پيش آيو جيڪو ممبئي جي ويجهو واقع آهي. ريسڪيو ٽيمن سڄي رات امدادي ڪارروايون جاري رکيون جڏهن ته آفيسرن موجب ڪجهه ماڻهن جي اڃا تائين ملبي هيٺان دٻجڻ جو خدشو آهي ۽ انهن کي ٻاهر ڪڍڻ جون ڪوششون جاري آهن.

بقايا 9 روزاني عبرت

اهلڪارن کي نوڪريءَ تان برطرف ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته ستن ڪيسن ۾ مجموعي طور 5 ارب 12 ڪروڙ 84 لک 26 هزار 618 رپين جي وصولي جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. هي ڪارروائي صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي هدايتن ۽ بدعنواني خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪئي وئي آهي. ان جو مقصد سرڪاري ڪڻڪ جي ذخيرن جو تحفظ، کاتي ۾ شفافيت ۽ احتساب کي يقيني بڻائڻ ۽ قومي خزاني کي ٿيل نقصان جي وصولي آهي. سنڌ سول سرونٽس (ايفيشنسي اينڊ ڊسپلن) رولز 1973 تحت کاتيدار جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ محمد حسن دل (فوڊ سپروائيزر)، محمد منور آرائين (ضلعي فوڊ ڪنٽرولر)، محمد عباس ميمڻ (فوڊ انسپيڪٽر)، ظهير عباس شر (فوڊ انسپيڪٽر)، عمران علي مگسي (فوڊ انسپيڪٽر)، قربان علي مگسي (فوڊ سپروائيزر)، غلام مصطفيٰ ميراڻي (اسسٽنٽ ۽ اڳوڻو ضلعي فوڊ ڪنٽرولر) ۽ محمد مٺل مگسي (فوڊ سپروائيزر) کي ملازمت تان برطرف ڪيو ويو آهي. سڀ کان وڏي وصولي فوڊ انسپيڪٽر ظهير عباس شر خلاف 2 ارب 8 ڪروڙ 82 لک 34 هزار 839 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي. جيڪا ضلعي خيرپور جي پي آر سي ٺري ميرواهه، پي آر سي سيٺارجا ۽ ڊبليو پي سيز سڪندرآباد ۽ چونڊڪو ۾ ڪڻڪ جي کوٽ بابت آهي. محمد عباس ميمڻ کان ضلعي سانگهڙ جي پي آر سي سانگهڙ نوآباد ۽ کپر ۾ سرڪاري ڪڻڪ جي نقصان عيوض 1 ارب 5 ڪروڙ 56 لک 30 هزار 808 رپيا وصول ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. جڏهن ته محمد مٺل مگسي خلاف شڪارپور واري ڪيس ۾ 84 ڪروڙ 91 لک 61 هزار 882 رپين جي وصولي مقرر ڪئي وئي آهي. محمد حسن دل کي ضلعي دادو جي پي آر سي راڌڻ ۽ ڊبليو پي سيز سيتا وليج، خانپور بٽ سرائي ۽ فريدآباد ۾ ڪڻڪ جي کوٽ ۽ خردبرد بابت 70 ڪروڙ 4 لک 53 هزار 297 رپين جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي. عمران علي مگسي کان پي آر سي خدا آباد واري معاملي ۾ 31 ڪروڙ 8 لک 37 هزار 583 رپيا، جڏهن ته قربان علي مگسي کان ڪي اين شاهه جي سرڪاري ڪڻڪ جي ذخيرن ۾ کوٽ بابت 6 ڪروڙ 75 لک 15 هزار 209 رپيا وصول ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اڳوڻي ضلعي فوڊ ڪنٽرولر محمد منور آرائين کي غيرفعال فلور مل کي ڪڻڪ جاري ڪرڻ ۽ نگراني ۾ ناڪامي جي معاملي ۾ 5 ڪروڙ 65 لک 93 هزار رپين جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي. اهڙي ڪيس ۾ اڳوڻي ضلعي فوڊ ڪنٽرولر غلام مصطفيٰ ميراڻي کي پي آر سي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ جي انچارجن سان مبينا ملي ڀڳت ذريعي وڏي پيماني تي ڪڻڪ جي کوٽ ۽ خردبرد ۾ ملوث هجڻ سبب برطرف ڪيو ويو. جڏهن ته ساڻس وصولي جي حتمي رقم جو تعين سنڌ اينٽي ڪرپشن کاتي جي جاچ ڪانپوءِ ڪيو ويندو. اهڙي طرح ستن اهلڪارن خلاف مقرر ڪيل مجموعي وصولي 5 ارب 12 ڪروڙ 84 لک 26 هزار 618 رپيا بڻجي ٿي. جڏهن ته لاڳاپيل سمورا معاملا سرڪاري نقصان جي وصولي، سول مقدمن ۽ فوجداري جاچ لاءِ لاڳاپيل ادارن حوالي ڪيا ويا آهن. لاڳاپيل ڪيس وڌيڪ فوجداري جاچ، قانوني ڪارروائي ۽ سرڪاري نقصان جي وصولي لاءِ سنڌ اينٽي ڪرپشن کاتي ڏانهن موڪليا ويا آهن. حڪمن موجب لاڳاپيل آفيسر مجاز عدالتن ۾ سول دعوائون پڻ داخل ڪندا. صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان چيو آهي ته سرڪاري ڪڻڪ عوام جي امانت آهي جنهن جو مقصد صوبي ۾ غذائي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ شهرين کي مناسب اگهه تي اٽو فراهم ڪرڻ آهي. سرڪاري ڪڻڪ جي چوري، خردبرد، غيرقانوني وڪري، غيرقانوني آمدرفت يا ملاوٽ ۾ ملوث هر شخص خلاف بنا ڪنهن امتياز جي ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته ذميوار عنصرن کي نوڪريءَ تان برطرف ڪرڻ سان گڏ سرڪاري نقصان جي هڪ هڪ رپئي جي وصولي ڪئي ويندي ۽ فوجداري ڪيس به منطقي انجام تائين پهچايا ويندا. حڪومت سنڌ عوام جي ڪڻڪ جي هڪ هڪ داڻي جي حفاظت يقيني بڻائيندي. هن وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ ڪڻڪ جي ذخيرن جي نگراني، فزيڪل ويريفڪيشن ۽ شفاف اسٽاڪ مينيجمينٽ جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻايو پيو وڃي. فوڊ کاتي موجب سرڪاري مرڪزن جي معائنن، ڪڻڪ جي ذخيرن جي فزيڪل ويريفڪيشن ۽ رڪارڊ جي جاچ جو عمل جاري رهندو ۽ وڌيڪ بي ضابطگيون سامهون اچڻ تي سخت قانوني ۽ کاتيوار ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 10 روزاني عبرت

افسوسناڪ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جمعي تي جاري ڪيل بيان موجب، صدر حادثي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي سوگوار خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي فوت ٿيندڙن جي مغفرت، درجن جي بلندي ۽ سوگوار خاندانن لاءِ صبر ۽ جميل جي دعا ڪئي. هن هدايت ڪئي ته کاڻ ۾ ڦاٿل سڀني مزدورن تائين جلد کان جلد پهچ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. صدر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪوئلي جي کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جي جانين جي حفاظت لاءِ حفاظتي ضابطن تي سختي سان عمل درآمد يقيني بڻايو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن کي روڪي سگهجي. هن چيو ته ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ مزدور طبقي جو ڪردار اهم آهي ۽ انهن جي جان ۽ مال جو تحفظ رياست جي گڏيل ذميواري آهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

سخت ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. HDAجي ميڊيا سيل پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، P&DCشعبي ۾ مقرر جونيئر ڪلارڪ منصور علي چانڊيو کي فوري طور معطل ڪري، کيس لوڪل گورنمينٽ کاتي حڪومت سنڌ، ڪراچي ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي. ٻي ڪارروائي دوران هائوسنگ پروجيڪٽ ڪنسٽرڪشن ڊويزن-IIجي نائب قاصد اسلم چانڊيو کي نائيٽ شفٽ جي سيڪيورٽي گارڊ سان مبينا ملي ڀڳت ذريعي رات جي اونداهي ۾ P&DCآفيس جي حساس سرڪاري رڪارڊ تائين غيرقانوني رسائي حاصل ڪرڻ جي الزام هيٺ معطل ڪيو ويو آهي. سيڪريٽري HDAجي صحيحن سان جاري ڪيل حڪم موجب، معطلي واري عرصي دوران اسلم چانڊيو جو هيڊڪوارٽر هائوسنگ پروجيڪٽ ڪنسٽرڪشن ڊويزن-I مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته واقعي جي شفاف جاچ لاءِ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر هائوسنگ کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪري، کيس 7 ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ان دوران، HDAجي سيڪريٽري سڪندر علي رند، ڊائريڪٽر P&DCاصغر ميمڻ کي سخت هدايت جاري ڪئي آهي ته هو پلاننگ اينڊ ڊوليپمينٽ ڪنٽرول شعبي تي پنهنجي نگراني وڌيڪ اثرائتي بڻائي ۽ روزاني دفتري معاملن کي باقاعده بڻائي، ٻي صورت ۾ سندس خلاف پڻ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 12 روزاني عبرت

تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو آهي ته ڪامريڊ شبير سائند کي ڳلو ڪپي انتهائي سفاڪاڻي انداز ۾ قتل ڪيو ويو آهي. قاتل ڪنهن به رعايت رحم جي لائق ناهن. وارثن جي مرضي سان ڪيس داخل ڪيو وڃي جيستائين قاتل گرفتار نه ٿيندا ان وقت تائين قانوني ۽ سياسي جدوجهد جاري رهندي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ کي المناڪ سانحن جو ديس بڻايو ويو آهي. ڪامريڊ شبير سائند پارٽي جو نظرياتي ۽ ڪميٽيڊ ساٿي هو. ڪامريڊ شبير سائند ڪينالن، درياهه تي ڊيمن سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف مسلسل جدوجهد ڪئي. پارٽي جي هر سنڌ تي جدوجهد ۾ شامل رهيو. پارٽي سندس قومي خدمتن کي قدر جي نگاهن سان ڏسي ٿي ۽ کيس سلام پيش ڪري ٿي.

بقايا 13 روزاني عبرت

ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل ورتا. اسان هتي پهتا آهيون جاچ ڪري رهيا آهيون. فوتي مقتول جي وارثن سان ڳالهايون پيا، معاملو دشمني جي ڪري ٿي سگهي ٿو. وڌيڪ هن معاملي کي ڏسي رهيا آهيون جاچ ڪيون پيا، ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪنداسين.

بقايا 14 روزاني عبرت

ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني نه آهي. بابا اوطاق ۾ اڪيلو ستل هو، سندس معذور پٽ به گهر ۾ هو. هن چيو سندس قاتلن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي. ان موقعي تي ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو ٻڌايو آهي ته مقتول شبير سائند کي ڇري سان کهي قتل ڪيو ويو آهي، جيڪا اوطاق جي ڇت تان هٿ ڪئي وئي آهي. ٻيون شاهديون به گڏ ڪيون آهن قاتل جلد گرفتار ڪيا ويندا.

بقايا 15 روزاني عبرت

سائين کي قتل ڪري مون کي مڪمل معذور ڪيو ويو آهي. هن چيو ته رات جي اونداهي ۾ منهنجي بابا سائين کي قتل ڪيو ويو. منهنجو پيءُ منهنجي طاقت هو منهنجي همت هو منهنجي دنيا هو. مون کي پاڻ جيان سڌي رستي تي هلڻ جو درس ڏيندو هو پاڻ به عوام جي خدمت ڪئي. مون کي به اها راهه ڏسي. منهنجو بابا سائين الخادم فائونڊيشن جو فائونڊر ۽ قومي عوامي تحريڪ جو سرگرم اڳواڻ هو. منهنجي بابا سائين جي سموري زندگي سياسي سماجي خدمتن ۾ گذري. عوام جي حقن لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪئي. بابا سائين جو قتل پوري معاشري جو قتل آهي. منهنجي معذوري جو قتل آهي. اڄ مون کي مڪمل طور معذور ڪيو ويو آهي. مان اعليٰ اختيارين وس وارن، ايس ايس پي جامشورو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان پنهنجي پيءُ جي قاتلن جي جلد از جلد گرفتاري جي گهر ڪيان ٿو جن کي فوري طور گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 16 روزاني عبرت

لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي. جمعي جي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب، صدر ان موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته مادر ملت محترمه فاطمه جناح قائداعظم محمد علي جناح جي قابل اعتماد ساٿي هئي، پاڪستان تحريڪ جي ناليواري اڳواڻ ۽ جمهوري قدرن جي وڏي علمبردار هئي. هن چيو ته مادر ملت عورتن کي قومي زندگي ۽ آزادي جي تحريڪ ۾ موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏني. سندس جدوجهد اڄ به قوم لاءِ مشعل راهه آهي. صدر چيو ته قوم مادر ملت محترمه فاطمه جناح جي قومي، جمهوري ۽ سماجي خدمتن کي سدائين قدر ۽ احترام سان ياد رکندي. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مادر ملت محترمه فاطمه جناح کي پنهنجي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

بقايا 17 روزاني عبرت

گهڻو افسوسناڪ واقعو آهي قومي ڪارڪن، قومي اڳواڻ فطرت سان جنهن جو پيار انسانيت سان، تعليم سان جنهن جو پيار هجي ان شخصيت سان ڪنهن جي دشمني ٿي سگهي ٿي. هن دردناڪ قتل ۾ جنهن جا به هٿ آهن اهي ضرور ظاهر ٿيندا. هن چيو ته هي قتل اسان جي علائقي جي تعليم جو قتل آهي، اسان جي علائقي جي شعور جو قتل آهي. هي فقير صفت انسان هيو، ڪنهن جي هن سان دشمني نه هئي. هن ڪنهن سان دشمني نه رنجش هئي. اسان هن واقعي جي ڪهڙي جاچ ڪري کپي ۽ خاص ٽيمون جوڙي اصل حقيقتون سامهون آنديون وڃن. قومپرست اڳواڻ شبير سائند جي بيرحماڻي قتل تي ايس يو پي اڳواڻ خالد لاشاري جو چوڻ هو ته غلام شبير سائند جو ڪردار ايريا ۾ هميشه داراهه جوڳو رهيو آهي. هو پارٽي اندر متحرڪ رهيو. هن عوام جي ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ عوامي تحريڪ سان سلهاڙيل رهيو. هن جو ڪردار صاف ۽ شفاف رهيو. اڄ هن ڏکي گهڙي ۾ هن جا گهر وارا ئي سوگوار نه آهن پر ڪوٽڙي سميت جيڪي به سجاڳ ذهن آهن اهي سوگوار آهن. هن چيو ته انتظاميا جي مٿان سواليا نشان آهي هونئن ته روز ڦرون ڌاڙا معمول بڻيل آهن پر هاڻي ته اسان جا قومي ڪارڪن ليڊر ماريا ٿا وڃن جنهن جو خال پورو ٿي نه ٿو سگهي. سمجهان ٿو اها انتظامي جي نااهلي آهي. هن چيو ته غلام شبير مير پير وڏيرن جي خلاف للڪاريندڙ آواز هو، هو غريب مسڪين جي پڪار ۽ ابوجهه ماڻهن جو آواز هو. سدائين عوام جي لاءِ جدوجهد ۾ رهيو. ايس ايس پي جامشورو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد هن واقعي تي جلد از جلد ڪارروائي ڪري انصاف ڏين.

بقايا 18 روزاني عبرت

لاش هٿ اچڻ ڪانپوءِ شهر ۾ ڏک، خوف ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي. واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي علائقي کي گهيري ۾ آڻي شاهدين ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. جڏهن ته لاش کي قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو ويو. شروعاتي پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽرن موجب مقتول جو تيز ڌار اوزار سان ڳلو ڪپيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ گهڻو رت وهڻ سبب سندس موت واقع ٿيو. طبي ذريعن جو چوڻ آهي ته مقتول پاران قاتل يا قاتلن کان پاڻ بچائڻ لاءِ مزاحمت پڻ ڪئي وئي، جنهن جا اهڃاڻ جسم تي موجود آهن. جڏهن ته مقتول جي ڪپڙن تي لڳل مٽي مان پڻ اهو پڌرو ٿو ٿئي ته واقعي کان اڳ سخت ڇڪتاڻ يا جهيڙو ٿيو هو. ٻئي پاسي پوليس واقعي واري هنڌ تان مختلف شاهديون ثبوت هٿ ڪري رهي آهي ۽ واقعي جي هر پهلوءَ کان جاچ جاري آهي. پوليس اختيارين موجب قتل جا ڪارڻ، واقعي جي پسمنظر ۽ جوابدارن بابت ڪا به حتمي راءِ جاچ مڪمل ٿيڻ ۽ فارنزڪ رپورٽن جي روشني ۾ ئي سامهون آندي ويندي. هوڏانهن مقتول جي وارثن، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ مختلف سياسي توڙي سماجي ڌرين واقعي کي انتهائي افسوسناڪ قرار ڏيندي سخت مذمت ڪئي آهي. هنن مطالبو ڪيو آهي ته قتل جي شفاف، آزادي ۽ تيز رفتار جاچ ڪرائي، واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ وارثن کي بنا دير انصاف فراهم ڪيو وڃي. واقعي ڪانپوءِ شهر ۾ سوڳ واري فضا ڇانيل آهي. جڏهن ته سياسي ۽ سماجي حلقا پڻ واقعي کي ڳڻتي جوڳي صورتحال قرار ڏيندي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان جلد نتيجا سامهون آڻڻ جو مطالبو ڪري رهيا آهن.

بقايا 19 روزاني عبرت

شهيد الاهي بخش سومرو آرٽ، ڊيزائن ۽ هيريٽيج يونيورسٽي جي گڏيل سهڪار سان جمعي ڏينهن "ويٽو" جي عنوان سان عوامي نمائش جي افتتاحي تقريب منعقد ٿي، جنهن جو مقصد فن تخليقي اظهار ۽ ڪهاڻين وسيلي موسمياتي تبديلي سبب عورتن ۽ ٻين متاثر طبقن جي زندگين، روزگار، ماحول ۽ سماجي حالتن تي پوندڙ اثرن کي اجاگر ڪرڻ هو. ان موقعي تي شهيد الاهي بخش سومرو آرٽ، ڊيزائن ۽ هيريٽيج يونيورسٽي ۽ هر اسپيس وچ ۾ مختلف شعبن ۾ گڏيل سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ يادداشت مفاهمت تي پڻ صحيحون ڪيون ويون. نمائش ۾ دستاويزي فلمون، فوٽوگرافي، مصوري، ڪپڙي تي تيار ڪيل فن پارا، خاڪا، فني تنصيبات ۽ ٻيا تخليقي شاهڪار پيش ڪيا ويا، جن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ موسمياتي تبديلي کان متاثر عورتن ۽ مقامي برادرين جي جدوجهد، روزاني زندگي، ثقافت، روايتي ڄاڻ ۽ ماحولياتي تحفظ ۾ سندن ڪردار کي نمايان ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ يونيورسٽين، سرڪاري ادارن، سول سوسائٽي، فنون لطيفه سان لاڳاپيل شخصيتن، ميڊيا نمائندن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي روشني انور چيو ته عورتون هميشه ماحولياتي تحفظ ۽ سماج جي مضبوطيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون رهيون آهن. پر موسمياتي پاليسي سازي ۽ فيصلا سازي ۾ سندن آواز کي اڃا تائين مناسب اهميت نٿي ڏني وڃي. هن چيو ته هن منصوبي جو مقصد عورتن جي تجربن، ڄاڻ ۽ قيادت کي موسمياتي بحثن جو مرڪزي حصو بڻائڻ آهي. تقريب جي خاص مهمان پروفيسر ڊاڪٽر عربيلا ڀٽو چيو ته ڪهاڻي بيان ڪرڻ انساني تجربن ۽ سماجي حقيقتن کي دنيا آڏو پيش ڪرڻ جو انتهائي اثرائتو ذريعو آهي. هن هر اسپيس جي ان قدم کي ساراهيندي چيو ته فن ذريعي عورتن کي باختيار بڻائڻ ۽ ماحولياتي شعور وڌائڻ ۾ اهم مدد ملندي. ان موقعي تي ورلڊ آف وومين جي باني ۽ ڪيوريٽر آمنه شيخ پڻ خطاب ڪندي چيو ته تخليقي اظهار انهن آوازن کي سامهون آڻڻ جو مؤثر ذريعو آهي، جيڪي گهڻو ڪري نظرانداز ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن ته عورتن جون ڪهاڻيون موسمياتي انصاف بابت ٿيندڙ بحثن ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿيون. ان کان پوءِ موسمياتي بيانيي جي نوآبادياتي سوچ کان آزادي، صنفي برابري، ماحولياتي مضبوطي ۽ تخليقي اظهار جي موضوع تي گفتگو پڻ ٿي جنهن ۾ ماحوليات جي ماهر ناصر پنهور، صحافي سنجي مغراڻي، ڊاڪٽر سورٺ سنڌو ۽ ٻين ماهرن شرڪت ڪئي. مقررن زور ڀريو ته موسمياتي تبديلي بابت پاليسين ۽ بيانيي ۾ مقامي آبادي، عورتن ۽ روايتي مقامي ڄاڻ کي مرڪزي حيثيت ڏني وڃي ڇو ته پائيدار حل تڏهن ئي ممڪن آهن جڏهن متاثر برادرين کي پنهنجون ڪهاڻيون پاڻ بيان ڪرڻ ۽ فيصلن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي. تقريب جي پڇاڙي تي دستاويزي فلمن جي نمائش، فنڪارن ۽ منصوبي سان لاڳاپيل ساٿين سان ڀيٽڪون ۽ نمائش جو دورو پڻ ڪرايو ويو جنهن ۾ ماحولياتي انصاف، عورتن جي پورهئي، ثقافتي ورثي ۽ برادرين جي ماحولياتي مضبوطي بابت فن پارا شرڪت ڪندڙن جي خاص ڌيان جو مرڪز بڻيا.

بقايا 20 روزاني عبرت

ڄڻا فوت، جڏهن ته عورت ۽ پوليس اهلڪار سميت 9 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. ڪلفٽن ٿاڻي جي حد ڪلفٽن بلاڪ 8 جي ويجهو رهائشي عمارت جي فليٽ مان 75 سالن جي محمد علي ولد محمد هارون جو لاش مليو. متوفي جي موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو. سعيد آباد ٿاڻي جي حد بلديا جي علائقي يوسف گوٺ 100 فٽ روڊ تي گهٽي نمبر 6 جي ويجهو ڪم ڪرڻ جي دوران ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 35 سالن جو ياسر ولد عبدالستار فوت ٿي ويو. شاهه فيصل ڪالوني ٿاڻي جي حد شاهه فيصل ڪالوني نمبر 5 بستي پاڙي جي ويجهو 30 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو. بلديا يوسف گوٺ جي علائقي بس ٽرمينل جي ويجهو ٽريلر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار رحمان ولد محمد سعيد فوت ٿي ويو ۽ 2 ڄڻا زين ولد غلام فاروق ۽ شهريار ولد هاشم زخمي ٿي پيا. فوتي جو لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي چاڪيواڙا ٿاڻي جي حد ولي محمد حسن علي روڊ تي گهٽي نمبر 25 ۾ گهر اندر اتفاقي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ 50 سالن جي عورت فاطما زال نور محمد زخمي ٿي پئي. نيپا چورنگي جي ويجهو واٽر ٽينڪر جي زد ۾ اچي 3 ماڻهو فهيم ولد عباس، فهيم ولد جاويد ۽ حسيب عباس ولد نسيم زخمي ٿي پيا آهن. بغدادي ٿاڻي جي حد لياري جي علائقي ليمارڪيٽ جي ويجهو ٽيليفون ايڪسچينج جي لڳ جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ نظير ولد مير زادا زخمي ٿيو. گلشن معمار ٿاڻي جي حد عباس ڪٽ نادرن باءِ پاس جي ويجهو روڊ حادثي ۾ مددگار 16 پوليس اهلڪار سپاهي خالد زخمي ٿي پيو آهي. طبي امداد جي لاءِ آغا خان اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. چاڪيواڙا ٿاڻي جي حد لياري آدم شاهه روڊ تي جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ وحيد ولد عبدالڪريم زخمي ٿيو.

بقايا 21 روزاني عبرت

ڳالهايو. ملاقات جو مقصد اهو هو ته چونڊ تڪرار وفاقي حڪومت ۾ ٻنهي پارٽين جي لاڳاپن تي ناڪاري اثر نه وجهي. ٻڌايو پيو وڃي ته اها ملاقات وفاقي سطح تي ٿيل صلاح مشورن ڪانپوءِ ٿي، جڏهن ته ڪجهه ذريعن دعويٰ ڪئي ته ان کي ايوان صدر ۽ وزيراعظم هائوس جي به حمايت حاصل هئي. پر ان دعويٰ جي آزاداڻي تصديق نه ٿي سگهي. ملاقات ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن قمر زمان ڪائره، نديم افضل چن، آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل راٺوڙ ۽ نير بخاري، جڏهن ته مسلم ليگ (ن) طرفان راڻا ثناءُ الله ۽ امير مقام شرڪت ڪئي. ذريعن موجب ٻنهي ڌرين چونڊ مهم ۽ ميرپور جي نتيجن ڪانپوءِ ڏنل بيانن بابت پنهنجا تحفظات سامهون رکيا. مسلم ليگ (ن) پيپلز پارٽي کان منظم چونڊ ڌانڌلي جا ثبوت گهريا، جنهن تي پيپلز پارٽي جو چوڻ هو ته سندن اعتراض رڳو چئن تڪن ايل اي-5، ايل اي-9، ايل اي-11 ۽ ايل اي-12 تائين محدود آهن جتي سندن خيال ۾ سنگين بي ضابطگيون ٿيون. ن ليگ جو موقف هو ته جڏهن اعتراض رڳو چئن تڪن تائين محدود آهن ته ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته باقي نون تڪن جا نتيجا عملي طور قبول ڪيا ويا آهن. ذريعن موجب ٻنهي پارٽين ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته سياسي ڇڪتاڻ کي وڌيڪ نه وڌايو وڃي ۽ باقي مرحلن جي پولنگ کي پرامن، منصفاڻي ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ پولنگ اسٽيشنن اندر ۽ ٻاهر سياسي هٿيار کڻي اچڻ تي مڪمل پابندي يقيني بڻائي وڃي.

بقايا 22 روزاني عبرت

ته آمريڪا کي بيگناهه ايرانين جو رت وهائڻ جي قيمت ضرور ادا ڪرڻي پوندي. سندس چوڻ موجب آمريڪا هر روز نون ڏوهن ۾ ملوث ٿي رهيو آهي ۽ ميناب ڪانپوءِ قشم ٻيٽ تي رهائشي آبادي کي به نشانو بڻايو. هن چيو ته آمريڪا جڏهن جنگي ميدان ۾ ناڪامي ڏسي ٿو ته بيگناهه شهرين کي نشانو بڻائي ٿو پر ان جو حساب ضرور ٿيندو. ٻئي طرف ايران، اردن ۾ آمريڪي جهازن جي هينگرن جون سيٽلائيٽ تصويرون جاري ڪري ڇڏيون آهن. ايراني دعويٰ موجب انهن تصويرن ۾ موفق السلطي ايئربيس جا اهي هينگر ڏيکاريا ويا آهن جتي آمريڪي ايف-35 ويڙهاڪ جهاز موجود هئا ۽ جيڪي مبينا طور ايراني جوابي حملن ۾ تباهه ٿيا. پاسداران انقلاب پنهنجي بيان ۾ چيو ته سنسرشپ ختم ڪئي وڃي ۽ دنيا کي صحيح ڄاڻ فراهم ڪئي وڃي. واضح رهي ته ايران اڳ ۾ به اردن تي حملي دوران ڪي ايف-35 جهاز تباهه ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي هئي جنهن کي آمريڪا رد ڪري ڇڏيو هو.

بقايا 23 روزاني عبرت

اعتراض ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيا ۽ درخواست کي نمبر الاٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. چيف جسٽس جمعي ڏينهن چيمبر ۾ اپيل جي ٻڌڻي ڪئي. ان موقعي تي پي ٽي آءِ باني جو وڪيل عذير ڪرامت ڀنڊاري عدالت ۾ پيش ٿيو. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پي ٽي آءِ باني جي وڪيل کي صحيح ٿيل وڪالت نامو جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. عدالت رجسٽرار آفيس کي پي ٽي آءِ باني جي اسپتال منتقلي بابت اپيل کي باقاعده نمبر الاٽ ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ان کي عظميٰ خان جي ٻڌڻي هيٺ ڪيس سان ڳنڍي ڇڏيو. چيف جسٽس پي ٽي آءِ باني ۽ عظميٰ خان جي درخواستن کي جلد ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ جي گذارش به منظور ڪري ورتي.

بقايا 24 روزاني عبرت

زرداري جمعي ڏينهن ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جنرل سيد عامر رضا کي نشان امتياز (ملٽري) عطا ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ايوان صدر پاران جاري ڪيل بيان موجب فوجي اعزاز سندس فور اسٽار جي عهدي تي ترقي ۽ اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جي ڪمانڊر طور مقرري کان پوءِ ڏنو ويو آهي. پنهنجي نئين عهدي کان اڳ، عامر رضا پاڪستان آرمي جي چيف آف دي جنرل اسٽاف جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون. وزيراعظم شهباز شريف کيس 24 جولاءِ تي فور اسٽار جنرل جي عهدي تي ترقي سان گڏوگڏ کيس ڪمانڊر نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ مقرر ڪيو هو.

بقايا 25 روزاني عبرت

مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير وومين ونگ جي نائب صدر مقرر ڪري ڇڏيو. مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير وومين ونگ جي صدر مريم ڪشميري جي سفارش تي جنرل سيڪريٽري ناصره خان جي صحيحن سان بلقيس صابر کي نائب صدر وومين ونگ مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جمعي ڏينهن جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 روزاني عبرت

هتي سائنس ملاقات ڪئي. وفد جي اڳواڻي ڪندي وزيراعظم محمد شهباز شريف عالمي بئنڪ سان پاڪستان جي پراڻي حصيداري کي ساراهيو ۽ پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ اداري جي ڪردار جي واکاڻ ڪئي. وزيراعظم عالمي بئنڪ جي پاڪستان جي ترقياتي سفر ۾ مسلسل مدد تي ٿورا ادا ڪيا. وزيراعظم چيو ته حڪومت معيشت کي مستحڪم ۽ پائيدار ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ جي لاءِ سڌارن جي ايجنڊا تي ڀرپور عملدرآمد جاري رکيو آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جو آئيني وفاقي ڍانچو صوبائي خودمختياري ۽ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ گڏيل تعاون ۽ مشاورت ملڪ جي ترقي ۽ استحڪام جي لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر "پاڪستان ۾ مالياتي وفاقيت کي مضبوط بڻائڻ جي حوالي سان رپورٽ پيش ڪئي ۽ ان جي اهم نقطن تي بريفنگ ڏني. ورلڊ بئنڪ جي وفد پنهنجي رپورٽ جا اهم نقطا پيش ڪندي پاڪستان ۾ 18هين آئيني ترميم ۽ ستين قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) ايوارڊ ڪانپوءِ مالياتي وفاقيت جي ارتقا، اوڳاڙين، خرچن، وفاقي ۽ صوبائي ماليات لاڳاپن، اداراجاتي هم آهنگي ۽ عوامي وسيلن جي استعمال بابت پنهنجي تجزيي ۽ مشاهدن کان آگاهه ڪيو. وفد پنهنجي رپورٽ ۾ مختلف پاليسي سفارشون پڻ پيش ڪيون جن جو مقصد مالياتي نظم ۽ ضبط، وسيلن جي موثر استعمال، خدمتن جي فراهمي ۾ بهتري ۽ وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي وچ ۾ موثر تعاون کي هٿي ڏيڻ آهي. وزيراعظم چيو ته عالمي بئنڪ پاران پيش ڪيل تجزيي ۽ عالمي تجربن جي روشني ۾ تقابلي جائزو ساراهه جوڳو آهي، اهڙا مطالعا پاليسي سازي جي عمل ۾ ڪارائتي رهنمائي فراهم ڪرڻ ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. وزيراعظم رپورٽ جو تفصيلي جائزو وٺڻ جي لاءِ اعليٰ سطحي ڪميٽي قائم ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اها ڪميٽي عالمي بئنڪ جي رپورٽ ۾ پيش ڪيل سفارشن جو لاڳاپيل ڌرين بشمول صوبن سان مشاورت ۽ پاڪستان جي آئيني ۽ وفاقي ڍانچي جي نظر ۾ رکندي جائزو وٺندي ته جيئن عوامي مفاد ۾ عمل جوڳين تجويزن تي غور ڪري سگهجي. ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، وفاقي وزير احد خان چيمه ۽ احسن اقبال، وزيراعظم جو صلاحڪار ڊاڪٽر سيد توقير شاهه، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياڻي ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا. ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف حڪومت جي سڌارن واري ايجنڊا کي سڀني ادارن ۾ هڪجهڙي نموني لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ ۽ ايف بي آر جي جديد ٽريڪنگ سسٽم کي ماڊل بڻائي ملڪ ۾ ٻارڻ جي چوريءَ جي سخت نگراني جو نظام جوڙڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته عوام کي ٻارڻ جي بنا رڪاوٽ فراهمي ۽ مناسب قيمتن کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ جمعي ڏينهن آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) ۾ سڌارن ۽ ادارتي صلاحيت جي بهتري بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، اجلاس کي خطاب ڪندي، وزيراعظم هدايت ڪئي ته حڪومت جي سڌارن واري ايجنڊا سڀني ادارن ۾ هڪجهڙي نموني لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي، ايف بي آر جي جديد ٽريڪنگ نظام کي ماڊل بڻائي ملڪ ۾ ٻارڻ جي چوري جي سخت نگراني لاءِ هڪ نظام جوڙيو وڃي. هن جديد ٽيڪنالاجي ۽ سافٽ ويئر جي استعمال ذريعي بندرگاهن ۽ ريفائنريز کان پيٽرول پمپن تائين سپلائي چين جي ڊجيٽل نگراني ۽ اوگرا جي صلاحيت وڌائڻ جي لاءِ نجي شعبي مان سٺي ساک رکندڙ ماهر مقرر ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. وزيراعظم چيو ته اوگرا جي بهتر جوڙجڪ ڪري هر شعبي ۽ عهدي لاءِ ماهرن جي ميرٽ ۽ شفاف طريقي سان مقرري ڪئي وڃي. اوگرا ۾ سڌارن ۽ نئين سر جوڙجڪ لاءِ حڪومت هر قسم جي پيشيوراڻي مهارت فراهم ڪندي. وزيراعظم چيو ته حڪومت عوام جي هڪ هڪ روپئي جي حفاظت ڪندي، ڪنهن کي به عوام جو استحصال ڪرڻ ۽ نظام ۾ مداخلت ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين. هن سڀني ريگيوليٽري ادارن کي پنهنجي لاڳاپيل وزارتن سان باضابطه رابطو قائم ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي هدايت ڪندي چيو ته منظور ٿيل پاليسي تحت ملڪ ۾ آئل ريفائنريز جي اپ گريڊيشن تي ڪم تيز ڪيو وڃي. اجلاس ۾ اوگرا جي چيئرمين اداري جي موجوده ڪارڪردگي، درپيش چئلينجز ۽ جامع سڌارن واري پروگرام تي تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته اوگرا تيل جي سپلاءِ چين کي بندرگاهه کان پيٽرول پمپ تائين ڊجيٽل سسٽم ذريعي مانيٽر ڪرڻ لاءِ اهم اڳڀرائي ڪئي آهي. نيشنل مانيٽرنگ ڊيش بورڊ، ٽينڪر ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم، ڊيپو ٽينڪ ٽيلي ميٽري، راهگذار موبائل ايپ، پيٽرول پمپن تي ڊجيٽل سيلز انٽري سسٽم ۽ سينٽرل مانيٽرنگ سيل جهڙا ڪيترائي ڊجيٽل نظام فعال ٿي چڪا آهن جن جي ذريعي پيٽروليم شين جي چرپر، ذخيرن ۽ وڪري جي موثر نگراني ممڪن بڻائي پئي وڃي. وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ويو ته جولاءِ 2026ع دوران ڊيٽا تي ٻڌل خصوصي مهم جي نتيجي ۾ ذخيره اندوزي، سپلاءِ ۾ غير ضروري رڪاوٽن ۽ ٻين خلاف ورزين جي ڪيترن ئي واقعن جي نشاندهي ڪئي وئي، جن تي سبب ڄاڻايو نوٽيس، طلبي جون وضاحتون ۽ ٻيون قانوني ڪارروائيون عمل ۾ آنديون ويون. اجلاس ۾ اوگرا جي جامع سڌارن واري پروگرام تي پڻ بريفنگ ڏني وئي، جنهن ۾ اداري جي ڊجيٽلائيزيشن، انفورسمينٽ سسٽم جي نئين سر بحالي، تعميل ونگ جو قيام، لائسنسنگ نظام ۾ سڌارا، قانوني معاملن جو موثر انتظام، مالي وسيلن جي مضبوطي ۽ ادارتي ڍانچي جي بهتر جوڙجڪ شامل آهي. وزيراعظم اوگرا پاران پيش ڪيل سڌارن واري پروگرام کي ساراهيندي هدايت ڪئي ته تيل ۽ گئس جي شعبي ۾ مڪمل شفافيت، موثر نگراني، ذخيره اندوزي ۽ غير قانوني منافع خوري جي خاتمي لاءِ جديد ڊيجيٽل نظام کي جلد کان جلد مڪمل طور تي فعال بڻايو وڃي. هن چيو ته عوام کي ٻارڻ جي بنا رڪاوٽ فراهمي ۽ منصفاڻين قيمتن کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان مقصد لاءِ ڪا به غفلت يا بدعنواني برداشت نه ڪئي ويندي. وزيراعظم لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن کي هدايت ڪئي ته اوگرا سڌارن ۽ ادارتي صلاحيت ۾ اضافي جي لاءِ گهربل قانوني، انتظامي ۽ پاليسي قدمن تي ترجيحي بنيادن تي اڳڀرائي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن ريگيوليٽري نظام کي وڌيڪ موثر، شفاف ۽ جديد گهرجن سان هم آهنگ بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، احد خان چيمه، عطاءُ الله تارڙ، شزه فاطمه خواجه، علي پرويز ملڪ، خاص مددگار طارق باجوه ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)

پاکستان ائیر پورٹس اتھارٹی

PAA
پاکستان ائیرپورٹس اتھارٹی

ٹینڈر نوٹس (ریورس پروکیورمنٹ) جناح انٹرنیشنل ائیرپورٹ پر کاروبار کے مواقع

1۔ پاکستان ائیرپورٹس اتھارٹی (پی اے اے) کو رجسٹرڈ کمپنیز/جوائنٹ وینچرز/فرمز/واحد مالکان سے کراچی انٹرنیشنل ائیرپورٹ (جے آئی اے پی) کراچی پر درج ذیل رعایت دینے کیلئے ایک مرحلہ دولفافے یعنی ٹیکنیکل اور فنانشل آفر کی بنیاد پر ٹینڈر مطلوب ہیں۔ بولی دہندگان کی اہلیت کے معیار کی تفصیلات ٹینڈر کی شرائط وضوابط میں درج ہیں۔

CONCESSION NAME	RESERVE PRICE (per month)	LICENSE PERIOD	TIMING & CONTACT PERSON DETAILS	LAST DATE OF PURCHASE OF TENDER DOCUMENTS	TENDER FEE (NON-RE-FUNDABLE)	DATE, TIME & VENUE OF SUBMISSION	DATE, TIME & VENUE OF OPENING
Establish and Operate "Airport Taxi / Cab Service" Counter No. 02 under KCL Shed at Level-I along with 02 Counters, each measuring 40 sqft., One (01) each inside Domestic and International Arrival Lounges of Jinnah Terminal, JIAP, Karachi	Rs. 5,942,605/-	Five (05) years or till outsourcing of the Airport, whichever is earlier	During Woking Hours on Working Days Office of Officer In Charge, Commercial, PAA (Room No.3016-17) at Level-III, JTC, JIAP Karachi Contact: 021-99071309/ 99071022	26-08-2026	Rs. 5,000/- (Rupees Five Thousand only)	27-08-2026 at 1100 hrs Main Conference Room (Room No.6035) at Level-VI, Jinnah Terminal, JIAP Karachi	27-08-2026 at 1130 hrs Main Conference Room (Room No.6035) at Level-VI, Jinnah Terminal, JIAP Karachi

2۔ تفصیلی ٹینڈر نوٹس کیلئے برائے مہربانی www.paa.gov.pk اور www.ppra.org.pk وزٹ کیجئے۔

ڈائریکٹر کمرشل اینڈ اسٹیٹس
ہیڈکوارٹرز، پاکستان ائیرپورٹس اتھارٹی، ٹرمینل 1، جناح انٹرنیشنل ائیرپورٹ، کراچی، پاکستان
ٹیلی فون: +92 21 99242531، فیکس: +92 21 99242532
ای میل: dce@paa.gov.pk
PID-K-348/26
www.paa.gov.pk

ايڊيٽوريل

ڇا اڃا به ڪنهن نئين تجربي جي ضرورت آهي؟

صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر

همٿ ۽ حوصلو مرد يا عورت ناهي ڏسندو!

صفحو 4

روزاني عبرت

جلالپور ڪئنال: پاڻيءَ جي ورڇ، سنڌ جا خدشا ۽ وفاقي ذميواري

اياز وگهيو

صفحو 4

مختيار اڙو

اڄوڪو ڏينهن ..... ڀرين آگسٽ

صفحو 4

صوبائي اسيمبلي جي تڪ 30 خيرپور V تي ضمني اليڪشن بابت ڪمشنر سکر جي صدارت هيٺ اجلاس

پولنگ واري عمل ۾ مقرر اسٽاف کي تربيت لاءِ سندن 100 سيڪڙو حاضري کي يقيني بڻايو وڃي: ڪمشنر سکر

پولنگ جي سامان لاءِ ٽرانسپورٽ سميت چوماسي برساتن ۽ ٻوڏ واري صورتحال کي آڏو رکي ڪانٽي جنسي پلان تي عمل ڪيو وڃي

سکر ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي اجلاس جي صدارت ڪندي

سکر(بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان صوبائي اسيمبلي جي تڪ 30 خيرپور Vتي ضمني اليڪشن 16 آگسٽ 2026 تي ٿيندو ان ڏس ۾ اهم اجلاس ڪمشنر آفيس سکر جي ڪانفرنس هال ۾ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جي صدارت هيٺ ٿيو ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي چيو ته ضابطه اخلاق جي پابندي لاءِ قانون موجب عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، پي ايس 30 ۾ ٿيندڙ ضمني اليڪشن کي الڊريس شفاف ۽ پرامن نموني ڪرائڻ لاءِ ڊويزنل ۽ ضلعي انتظاميه ڀرپور نموني سان ڪم ڪندي ۽ پولنگ اسٽيشنن تي بنيادي سهولتون، بجلي، حفاظتي اپاءَ، اسٽاف ۽ پولنگ جي سامان لاءِ ٽرانسپورٽ سميت چوماسي برساتن ۽ ٻوڏ واري صورتحال کي آڏو رکي ڪانٽي جنسي پلان تي عمل ڪيو وڃي ۽ پلان ڏهن تيار هجي. ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي چيو ته اليڪشن ڪميشن، ضلعي انتظاميه، پوليس ۽ گمبٽ ۽ صوبوديرو جي اسسٽنٽ ڪمشنرن مختيار ڪار سموري صورتحال کي مانيٽرنگ ۽ ڪم مڪمل ڪرائڻ ۾ پنهنجي ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪندا. ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي چيو ته پولنگ واري عمل ۾ مقرر اسٽاف کي تربيت لاءِ سندن 100 سيڪڙو حاضري کي يقيني بڻايو وڃي عورتن جي پولنگ اسٽيشنز تي ليڊي پوليس اهلڪارن سان ليڊي هيلٿ ورڪرز کي پڻ مقرر ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن. ڊائريڪٽر ڪاليجز کي هدايت ڏيندي ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي چيو ته گورنمنٽ ڊگري سائنس ڪاليج گمبٽ ۾ ڪيمپ آفيس هوندي ان سميت ٻين پولنگ اسٽيشنن تي سمورين بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽر پرائمري اينڊ سيڪنڊري سان ڳنڍيل طور ڪم ڪيو وڃي اجلاس دوران ريجنل اليڪشن ڪمشنر سکر عدنان بشير چيو ته گورنمنٽ ڊگري سائنس ڪاليج گمبٽ ۾ ڪيمپ آفيس قائم ڪئي ويندي ۽ سموري صورتحال کي ڊي آر او ريجنل ڊائريڪٽر اليڪشن ڪميشن لاڙڪاڻو جناب عبدالواحد بلوچ هو پاڻ مانيٽر ڪندو جڏهن ته سمورن لاڳاپيل کاتن جي وچهو رابطو قائم رکيو ويندو ۽ ڀرپور ڪوشش هوندي ته اليڪشن ڀهعر شفاف، الڊريو ۽ پرامن طور ٿئي ان سلسلي ۾ پوليس، رينجرز ضلعي انتظاميه، اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان مقرر ڪيل آفيسرن سان پڻ رابطو رکيو ويندو. ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر خيرپور نعيم الرحمن جلباڻي پي ايس 30 تي ٿيندڙ ضمني اليڪشن بابت تفصيل سان بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته خيرپور ضلعي جي ٻن تعلقن ۾ ضمني اليڪشن بابت پولنگ جو عمل جاري رهندو جنهن ۾ 63 انتهائي حساس، 68 حساس ۽ 32 نارمل پولنگ اسٽيشن آهن مجموعي طور تي 163 پولنگ اسٽيشن آهن ۽ 254980 رجسٽرڊ ووٽر آهن جيڪي پنهنجو حق راءِ دهي استعمال ڪندا. سي سي ٽي وي ڪيمرائن لاءِ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ۽ ايس ايس پي امير سعود مگسي سان ڪوآرڊينيشن آهي. ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ اجلاس ۾ چيو ته اليڪشن بابت سمورن اپائن تي عملدرآمد، ذاتي طور تي پولنگ اسٽيشنن جو دورو بنيادي سهولتن جي فراهمي سميت ٻين اهم معاملن تي عملدرآمد ڪيو ويندو ۽ ڪنڊيل اليڪشن کي پڻ آڏو رکي رٿابندي تحت ڪم ڪيو ويندو. ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي چيو ته پوليس طرفان ڪانٽي جنسي پلان ترتيب ڏنو ويو آهي ۽ حفاظتي اپاءَ بابت رينجرز ۽ ضلعي انتظاميه سان گڏجي پرامن ماحول ۾ اليڪشن ڪرائڻ لاءِ مدد فراهم ڪئي ويندي. اجلاس دوران ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسر عطا الله بروهي، ڊي آءِ بي انچارج خيرپور علي گل ملاح، ڊائريڪٽر اسڪولز حافظ عبدالوحيد اينڊ سيڪنڊري، پ پ ايچ آءِ، نادرا، ڪاليج ايجوڪيشن، انفارميشن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

گڏاپ ٽائون آفيس ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ اجلاس

اسٽريٽ لائيٽن، سولر سسٽم ۽ ٻين بلدياتي معاملن جو تفصيلي جائزو

اجلاس دوران علائقائي معززن پنهنجن علائقن جي مسئلن بابت تفصيلي آگاهي ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ علائقائي معززن جي درخواست تي گڏاپ ٽائون آفيس ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل آفيسرن سان گڏ هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي.اجلاس ۾ آفيسر ماليات افتخار حسين دايو ڊائريڪٽر (HRM)همايون عمران خان سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي جنهن ۾ پاڻي جي فراهمي، صفائي سٿرائي، نيڪال آب، رستن جي مرمت، اسٽريٽ لائيٽن، سولر سسٽم ۽ ٻين بلدياتي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس دوران علائقائي معززن پنهنجن علائقن جي مسئلن بابت تفصيلي آگاهي ڏني جنهن تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ لاڳاپيل آفيسرن کي فوري، مؤثر ۽ نتيجا خيز قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ خطاب ڪندي چيو ته عوامي مسئلن جو بروقت حل اسان جي اولين ترجيح آهي شهرين کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي. ٽائون انتظاميا عوام جي خدمت کي پنهنجي بنيادي ذميواري سمجهي ٿي ۽ شهرين جي زندگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ سمورا موجود وسيلا استعمال ڪري رهي آهي.هن وڌيڪ چيو ته صفائي سٿرائي، نيڪال آب، پاڻي جي فراهمي، رستن جي مرمت، اسٽريٽ لائيٽن جي بحالي ۽ سولر سسٽم جي بهتري لاءِ جامع رٿابندي تحت عملي قدم کنيا پيا وڃن. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عوامي شڪايتن کي ڪائونسل جي ميمبرن جي مشاورت سان ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي، فيلڊ ۾ پنهنجي موجودگي يقيني بڻائي وڃي ۽ جاري ترقياتي توڙي بلدياتي ڪمن جي باقاعده نگراني ڪئي وڃي.چيئرمين چيو ته عوام جو اعتماد اسان جي سڀ کان وڏي طاقت آهي، تنهن ڪري سندن اميدن تي پورو لهڻ ۽ کين بهترين بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ٽائون انتظاميا جي گڏيل ذميواري آهي.ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز پنهنجي پيغام ۾ چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ شهرين کي معياري ۽ بهترين بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته علائقائي معززن جي نشاندهي تي لاڳاپيل کاتن کي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته عوامي مسئلن جي حل ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ڪئي وڃي ۽ هر شڪايت تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن شهرين کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪري سگهجي. اجلاس ۾ سپرنٽنڊنٽ انجنيئر (M&E)نور علي جمالي، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر، ڊائريڪٽر پينشن جلال حنيف، ڊائريڪٽر ڪانٽريڪٽ مينيجمينٽ ناصر بلوچ، ڊائريڪٽر اسپورٽس طاهر بلوچ، انچارج واٽر ٽينڪر اسلم بروهي، سب انجنيئر ظفر بلوچ، ڪمپيوٽر آپريٽر دادا آدم جوکيو پي ايس چيئرمين لعل جان نبي ۽ ٻين آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي.

ملي اميد سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن ٿرپارڪر ۾ ضرورتمندن جي خدمت ۾ مصروف آهي

ٿر ۾ انسانيت جي خدمت ڪري رهيا آهيون: عباس بلوچ

فلاحي منصوبن تحت غريب ۽ مستحق خاندانن جي به مدد ڪريون پيا

مخير حضرات کي اپيل ڪئي آهي ته اهي به اسان جي ڀرپور مالي معاونت ڪن

ملي (ن-ر) اميد سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن ٿرپارڪر جي صدر عباس علي بلوچ چيو آهي ته اسان ٿر جي مختلف تعلقن ۾ ڀرپور جذبي سان انسانيت جي خدمت ڪري رهيا آهيون ۽ اسان صاف پاڻي، تعليم ۽ ٻين فلاحي منصوبن تحت غريب ۽ مستحق خاندانن جي به مدد ڪريون پيا. هن مخير حضرات کي اپيل ڪئي آهي ته اهي به اسان جي ڀرپور مالي معاونت ڪن ته جيئن ضرورتمندن تائين آساني سان رسائي ۽ مدد ٿي سگهي.

سڪرنڊ ۾ انڊس پبلڪ سوشل فورم جو اهم اجلاس

اجلاس ۾ تنظيمي صورتحال جو جائزو ورتو ويو، تنظيمي رپورٽ طلب

13آگسٽ تي انڊس پبلڪ سوشل فورم جي 17 هين سالگرهه ڀرپور نموني ملهائي ويندي: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) انڊس پبلڪ سوشل فورم جو اهم اجلاس فورم جي سرپرست سردار عبدالستار ڪيريو جي صدارت هيٺ فلڪ آفيس تي ٿي گذريو جنهن ۾ ضلعي، تعلقي سٽي ۽ يونٽن جي عهديدارن ۽ ورڪرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ تنظيمي صورتحال جو جائزو ورتو ويو جنهن تي تعلقه جنرل سيڪريٽري علي شير ڪيريو اجلاس جي ڪاروائي دوران تنظيمي رپورٽ طلب ڪئي جيڪا ضلعي صدر محمد بچل ڪيريو ۽ ضلعي جنرل سيڪريٽري نثار احمد ڪيريو سال جي ڪارڪردگي پيش ڪئي جنهن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو اجلاس دوران تعلقه صدر شوڪت حسين ڪيريو پاران اعلان ڪيو ويو ته 13 آگسٽ تي انڊس پبلڪ سوشل فورم جي 17 هين سالگرهه ڀرپور نموني ملهائي ويندي جنهن تي اتفاق ڪيو ويو اجلاس جي آخر ۾ سردار عبدالستار ڪيريو صدارتي خطاب ڪندي چيو ته سڀني کي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته انڊس پبلڪ سوشل فورم پيپلز پارٽي جي بي ٽيم آهي اسين جيڪو قدم کڻنداسين ان ۾ پارٽي پاليسي شامل هوندي چاڪاڻ جو اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي سان آهي پارٽي جي هر فيصلي جا پابند رهنداسين آخر ۾ سڀني وڃن ورجايو ته انڊس جي 17 هين سالگرهه ڀرپور نموني ملهائينداسين

سڪرنڊ جي اڳوڻي ناظم پاران مديني شريف ۾ نياز جو اهتمام

مان پاڻ کي خوشنصيب سمجهي رهيو آهيان: رئيس علي اصغر رند

سهڻي مديني واري سائينءَ صه جن جي مهمانن جي خدمت ڪري رهيو آهيان

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ تعلقي جي معزز شخصيت اڳوڻي ناظم رئيس علي اصغر رند پاران حضور سرور ڪائنات صه جن جي بارگاهه مديني شريف ۾ آقا ڪريم صه جن جي زيارت لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل مهمانن جي مان ۾ لنگر نياز جو اهتمام ڪيو ان موقعي تي علي اصغر رند ڳالهائيندي چيو ته مان پاڻ کي خوشنصيب سمجهي رهيو آهيان جو سهڻي مديني واري سائينءَ صه جن جي مهمانن جي خدمت ڪري رهيو آهيان منهنجي لاءِ اها وڏي سعادت آهي هن چيو ته دعوتون مهمان نوازيون ته ڪوڙ پر هيءَ مهمان نوازي جيڪا آقا ڪريم جي مهمانن جي ڪئي وڃي سا ڪمال جي آهي هن چيو الله سائين جا ڪروڙين ڪرم آهن جيڪو بار بار پنهنجي ۽ پنهنجي محبوب جي در تي گهرائي ٿو دعا آهي ته الله سائين هر مسلمان کي اهي زيارتون نصيب ڪري هن وڌيڪ ته مديني واري سائين صه جي دربار ۾حاضري ڪانپوءِ اڄ عمري شريف جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ مڪي شريف وڃي رهيا آهيون جتي امت مسلم لاءِ خصوصي دعائون گهرنداسين

خيرپور ۾ بي ايڇ يو ٻچل پنهور جي چارديواري، سرونٽ ۽ رهائشي ڪوارٽرن جي تعمير لاءِ مارچ

چارديواري، سرونٽ ڪوارٽر ۽ ڊاڪٽرن جي رهائشي ڪوارٽرن جي تعمير نه ٿيڻ خلاف شهرين احتجاجي مارچ ڪيو

2022ع جي برسات دوران بي ايڇ يو ٻچل پنهور جي عمارت مڪمل طور ڊهي پئي، جنهن ڪان پوءِ اڄ ڏاڏين نه چارديواري تعمير ڪئي وئي آهي: مظاهرين

پي پي ايڇ آئي جو ادارو ڪرپشن ۽ بدعنواني جو شڪار آهي ۽ صحت کاتي کي سخت نقصان پهچايو آهي، نوٽيس وٺي مسئلا حل ڪيا وڃن

خيرپور(ڊ ر) ٻچل پنهور محراب پور روڊ تي بي ايڇ يو ٻچل پنهور جي چارديواري، سرونٽ ڪوارٽر ۽ ڊاڪٽرن جي رهائشي ڪوارٽرن جي تعمير نه ٿيڻ خلاف شهرين احتجاجي مارچ ڪيو مارچ جي اڳواڻي سماجي اڳواڻ، شاعر ۽ اديب واجد پنهور، غلام علي ڪانوري، محمد يوسف ڪانوري، غلام سرور ڪانوري، ايوب ڪانوري، نواز چراهم ۽ ٻين ڪئي احتجاجي مارچ ٻچل پنهور کان رسول آباد تائين پهتو مارچ کي خطاب ڪندي ناميارا اديب واجد پنهور چيو ته 2022 ع جي برسات دوران بي ايڇ يو ٻچل پنهور جي عمارت مڪمل طور ڊهي پئي، جنهن ڪان پوءِ اڄ ڏاڏين نه چارديواري تعمير ڪئي وئي آهي، نه ڊاڪٽرن ۽ عملي لاءِ رهائشي ڪوارٽر ٺهيا آهن هن چيو ته رات جي وقت آوارا ڪتا، گڏهه ۽ ٻيا جهنگلي جانور اسپتال اندر اچي ويهندا آهن ۽ گندگي پکيڙيندا آهن.هن وڌيڪ چيو ته هي اسپتال علائقي جي ڳوٺاڻن لاءِ واحد صحت مرڪز آهي، جتي روزانو لڳ ڀڳ 400 مريض علاج لاءِ اچن ٿا ۽ هتي عورتن جون ڊليوريون پڻ ڪرايون وڃن ٿيون افسوس جي ڳالهه آهي ته صحت کاتي جا عملدار اسپتال جو دورو ڪرڻ به مناسب نٿا سمجهن.واجد پنهور مطالبو ڪيو ته هن اسپتال کي رورل هيلٿ سينٽر (RHC)جو درجو ڏنو وڃي، پر افسوس جو نه اسپتال جي چارديواري ٺهي رهي آهي ۽ نه ئي عمارت جي مرمت ٿي رهي آهي.هن پنهنجي خطاب ۾ پي پي ايڇ آءِ (PPHI)تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته هي ادارو ڪرپشن ۽ بدعنواني جو شڪار آهي ۽ صحت کاتي کي سخت نقصان پهچايو آهي هن چيو ته هاڻي وري صحت کاتو پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته عوام کي بهتر سهولتون ڏيڻ بدران صورتحال وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي آخر ۾ هن مطالبو ڪيو ته بي ايڇ يو ٻچل پنهور جي عمارت نئين سر تعمير ڪري، چارديواري، ڊاڪٽرن ۽ عملي جا ڪوارٽر ٺهرايا وڃن جيئن ٻچل پنهور، رسول آباد ۽ سوين ڀرپاسي جي ڳوٺن جي رهواسين کي بهتر طبي سهولتون ملي سگهن هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته هو ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبلي آڏو بک هڙتال ڪيمپ قائم ڪندا.

سڪرنڊ ۾ سيد شاهه مردان شاهه ثاني المعروف ڇٽ ڌڻي بادشاهه جو ساليانو عرس

سيد شاهه مردان شاهه جا ڪئي پاسا آهن جيڪي سڀ جا سڀ سگهارا آهن: مفتي فيض

هيڻتر به ملڪي سرحدن تي حُر فقير ملڪ جي دفاع لاءِ خدمت ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ (ن ع) اعليٰ حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه ثاني المعروف ڇٽ ڌڻي بادشاهه جن جو ساليانو عرس مبارڪ جامع مسجد غوثيه انوار المصطفيٰ سڪرنڊ ۾ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ علماءِ اڪرام حفاظ اڪرام، آئمه اڪرام سميت مختلف مڪتب فڪر جون شخصيتون شريڪ هيون ان موقعي تي سنڌ جي مشهور عالم دين مناظره اسلام حضرت علامه مفتي فيض محمد سڪندري جن سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه جي زندگيءَ تي بيان ڪندي چيو ته سيد شاهه مردان شاهه جا ڪئي پاسا آهن جيڪي سڀ جا سڀ سگهارا آهن جن تي جيڪڏهن ڳالهائجي ته راتيون ۽ ڏينهن گهٽ پون جن ۾ سندس ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪيل خدمتون تاريخ جو حصو آهن ۽ اها به حقيقت آهي ته پاڪستان جي بقا لاءِ انگريز سامراج سان مقابلو ڪيو ان جو ئي نتيجو آهي جو پاڪستان اڄ به قائم آهي جنهن ۾ حُر فقيرن جو اهم ڪردار آهي جڏهن ته هيڻتر به ملڪي سرحدن تي حُر فقير ملڪ جي دفاع لاءِ خدمت ڪري رهيا آهن هن وڌيڪ چيو پاڳارا خاندان جون جتي ملڪ ۽ قوم لاءِ خدمتون آهن اتي دين اسلام جي حوالي سان پڻ سندن خدمتون تاريخ اسلام جو حصو آهي درگاهه شريف تي قائم ديني درسگاهه مان هن وقت تائين هزارين ماڻهو تعليم حاصل ڪرڻ بعد عالم حافظ ۽ مفتي جو منصب ماڻي چڪا آهن جنهن مان ثابت ٿيو ته پير سائين پاڳاري جو واحد گهراڻو آهي جيڪو دين ۽ دنيا جي ٻنهين پاسن تي خدمت ڪري رهيو آهي جنهن کي ڪيترين ئي ڏهاين گزري چڪيون آهن مفتي فيض محمد سڪندري اهو به چيو ته سائين ڇٽ ڌڻي شريعت جو قدردان مذهب جو قدردان انسانيت جو قدردان ۽ ملڪ و قوم جو قدردان هو سندس ڪردار صاف سٿرو آئيني جيان هوندو هن آخر ۾ ربيع الاول جي آمد آمد جون مبارڪون ڏيندي جشن ولادت ملهائڻ ۾ ڀرپور سهڪار ۽ شرڪت جي دعوت پڻ ڏني جڏهن ته 7 سيپٽمبر يوم ختم نبوت جو ڏينهن پڻ ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان ڪيو عرس تقريب ۾ مولانا عمر دراز اختر القادري، مولانا رفيق لاڪو علي رستم سمون، حافظ ذبير احمد، حافظ عبدالرحمان شيخ مولانا اڪرم سڪندري، حافظ محمد علي اعجاز علي سڪندري، حافظ عامر قادري، حافظ فاروق سڪندري، امام الدين اڙو امداد حسين عطاري، مزمل ڪيريو ممتاز علي ڪيريو ۽ حافظ علي گوهر مگسي سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون پروگرام جي پڄاڻي تي سائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه جي ايصال ثواب لاءِ خيرات جو اهتمام ڪيو ويو

سڪرنڊ سيد شاهه مردان شاهه ثاني المعروف ڇٽ ڌڻي بادشاهه جو ساليانو عرس تي مفتي فيض خطاب ڪندي

اٽي جو بحران خوراڪ کاتي جي نااهلي آهي: پروفيسر عبدالسميع پنهور

خيرپور(ڊ ر) چيمبر آف ايگريڪلچر ۽ ڦور سکر ڊويزن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنهور خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته محڪمي خوراڪ جي غلط پاليسين جي ڪري سنڌ ۾ اٽي جو بحران پيدا ٿيو آهي سنڌ حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته اٽي جو بحران محڪمه خوراڪ کاتي جي پاليسي ناهيندڙن پيدا ڪيو آهي. هن چيو ته خوراڪ کاتي جي ناقص پاليسين جي ڪري سنڌ ۾ صرف12 لک ڪڻڪ جي خريداري ٿي سگهي آهي جيڪا هڪ ڪروڙ جي ٽارگيٽ مان12 فيصد آهي. عبدالسميع پنهور چيو ته يوڪرين جي ڪٺي ڪڻڪ ٻاهران گهرائڻ جي ڪاٿ ضرورت ڪانهي ۽ سنڌ حڪومت آبادگارن ۽ واپارين کان اوپن مارڪيٽ جي حساب سان ڪڻڪ خريد ڪري يا پاسڪو کان ڪڻڪ وٺي . هن چيو ته سنڌ ۾ آبادگارن ۽ واپارين جي گودامن جي چاپن هڻڻ جي ڪري ڪڻڪ جو ريٽ وڌي ويو آهي ۽ ڪڻڪ ڪراچي، حيدرآباد اندرون سنڌ مان نه پئي وڃي جنهن ڪري اٽو 150 روپيه في ڪلو ٿي ويو آهي جڏهن ته اندرون سنڌ ۾ اٽو 140 روپيه في ڪلو ٿي ويو آهي

THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT
روزاني عبرت
63 Year 1958-2021

01.08.2026

KARACHI DIPLOMATIC & SOCIAL ROUNDUP PAGE

Director General Foreign Affairs Liaison Office Karachi Irfan Soomro hosted a dignified farewell ceremony in honour of the outgoing Consul General of Malaysia H.E. Herman Hardynata Ahmad, Consul General of Iraq Dr. Maher Mujahid Jejan, and Deputy Protocol Officer Foreign Affairs Liaison Office Ms. Sadia Khanum. The event was attended by Consuls General from various countries, diplomats, former diplomats, senior government officials and representatives of civil society. Irfan Soomro highlighted the importance of strengthening diplomatic engagement and fostering closer relations between Pakistan and foreign missions.

Sindh Governor Syed Muhammad Nehal Hashmi, who was the chief guest, appreciated the services of the outgoing diplomats and said that Pakistan highly values its longstanding relations with friendly countries, including Malaysia and Iraq. On the occasion, Irfan Soomro presented commemorative shields and traditional Ajrak to H.E. Herman Hardynata Ahmad, Dr. Maher Mujahid Jejan and Ms. Sadia Khanum in recognition of their services. The outgoing diplomats described their association with Pakistan as a memorable experience filled with warmth, cooperation and goodwill. The ceremony concluded with the cutting of a commemorative cake.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي، اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر پهرين آگسٽ 2026ع

ڇا اڃا به ڪنهن نئين تجربي جي ضرورت آهي؟

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جو اهو بيان ته ملڪ جي موجوده نظام ۾ مسئلا حل نٿا ٿي سگهن ۽ نون انتظامي يونٽن يا نون صوبن جو قيام وقت جي ضرورت بڻجي ويو آهي هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ ۾ صوبن جي ورهاست ۽ نئين انتظامي ڍانچي بابت بحث کي جنم ڏئي ڇڏيو آهي پر سوال اهو آهي ته ڇا ملڪ جا اصل مسئلا واقعي نوان صوبا ٺاهڻ سان حل ٿي ويندا يا مسئلن جي پاڙ ۾ موجود حڪمراني، انصاف، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ آئيني ذميوارين کان پاسو ڪيو پيو وڃي؟ سنڌ جي نظر ۾ هن قسم جا بيان نوان نه آهن تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن به ملڪ ۾ انتظامي ناڪامين جو ذڪر ٿيندو آهي ته ڌيان اصل مسئلن تان هٽائي نون يونٽن، نون صوبن يا نون تجربن ڏانهن موڙيو ويندو آهي سنڌ جو موقف واضح آهي ته مسئلو انتظامي حدن کان وڌيڪ انصاف، اختيارن ۽ حقن جي فراهمي جو آهي جيڪڏهن موجوده صوبن کي سندن آئيني اختيار، مالي وسيلا ۽ قدرتي وسيلن تي جائز حق نه ملندا ته نوان صوبا ٺاهڻ سان به عوام جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيندا محسن نقوي چيو ته موجوده نظام 70 يا 80 سالن کان صحيح طريقي سان نه هلي رهيو آهي تنهنڪري ان جي تبديلي ضروري آهي پر ان سوال جو جواب به ضروري آهي ته هن نظام کي ناڪام بڻائڻ ۾ ذميواري ڪنهن جي آهي؟ ڇا صرف نظام ذميوار آهي يا اهي حڪمران ادارا ۽ پاليسيون به ذميوار آهن جن سالن کان عوام جي مسئلن کي نظرانداز ڪيو آهي؟ جيڪڏهن غلطيون موجود آهن ته انهن جي اصلاح لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن نه ڪي نون تجربن جي نالي ۾ مُلڪ کي وڌيڪ مشڪلاتن ڏانهن ڌڪڻ گهرجي

سنڌ لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو پاڻي وسيلن ۽ ترقياتي انصاف جو آهي سنڌو درياهه، گئس، ڪوئلو، بندرگاهه ۽ ٻيا قدرتي وسيلا سنڌ جي زمين مان حاصل ٿين ٿا پر سنڌ جو عام ماڻهو اڃا تائين غربت، بيروزگاري، پاڻي جي کوٽ ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار آهي جيڪڏهن وفاقي نظام ۾ انصاف هجي ها ته سنڌ کي پنهنجي وسيلن مان ترقي جو مڪمل فائدو ملي ها گهرو وزير نوجوانن بابت چيو ته کين ليپ ٽاپ يا وظيفا ڏئي خاموش نٿو ڪري سگهجي نوجوان ميرٽ جي بنياد تي روزگار ۽ شفاف نظام چاهين ٿا هيءَ ڳالهه پنهنجي جاءِ تي درست آهي پر سوال اهو آهي ته نوجوانن کي اهڙو نظام ڪير ڏيندو؟ گذريل ڪيترن ڏهاڪن کان اقتدار ۾ رهندڙ قوتن کي هاڻي احساس ٿيو آهي ته نوجوان روزگار، انصاف ۽ شفافيت چاهين ٿا؟ سنڌ سميت سڄي ملڪ جا نوجوان صرف واعدا نه پر عملي موقعا چاهين ٿا محسن نقوي جو اهو چوڻ به غور طلب آهي ته جيڪڏهن نوجوان گڏ ٿي ويا ته تبديلي آڻي سگهن ٿا هتي اِهو به ڏسڻو پوندو ته سنڌ، بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي جا نوجوان ڇا ٿا چاهين؟ ڇا ڪڏهن اُنهن جي احساسن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي؟ نون صوبن جي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ وفاقي نمائندن کي اهو سوچڻو پوندو ته ڇا موجوده صوبن سان انصاف ٿي رهيو آهي؟ جيڪڏهن صوبن کي مالي اختيار، انتظامي خودمختياري ۽ آئيني حق مڪمل طور تي ملن ها ته شايد نون يونٽن جي بحث جي ضرورت ئي محسوس نه ٿئي ها سنڌ سميت ننڍن صوبن ۾ اهو خدشو موجود آهي ته انتظامي تبديليءَ جي نالي تي ڪٿي صوبائي حقن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ته نه ڪئي پئي وڃي اسين سمجهون ٿا اهڙي بحث کان اڳ اسان جي حڪمرانن کي اِهو ضرور ڏسڻ گهرجي ته اسان جو مُلڪ اڳ ئي گهڻن مسئلن جو شڪار آهي بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردن رڻ ٻاري ڏنو آهي وري جو نوان بحث ڇيڙي سنڌ جي ماڻهن کي به محرومين ڏانهن ڌڪيو ويو ته اُن جا نتيجا ڪي چڱا نه نڪرندا ملڪ جو نظام واقعي بهتر ڪرڻو آهي ته پهريون قدم اهو هجڻ گهرجي ته عوام جو اعتماد بحال ڪيو وڃي سنڌ سميت هر صوبي کي اهو احساس ڏياريو وڃي ته هو هن ملڪ جو برابر جو حصيدار آهي مضبوط پاڪستان جو رستو مضبوط صوبن مان ئي گذري ٿو

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏَٺِ ڏِري پَٽِ پَيُونِ، وِڄُنِ ڪِئُو وَاڄُو
پَڪُو پَنهِنجِي پِرِينءَ لاءِ، سَڀِي ڪَرِ سَاڄُو
سَڄَڻُ سَبَاڃَهُو پَيچِ پِنيءَ گهرِ آيُو

لطيف سائين ڪيڏن جو ڪڪرن سان گڏ وڏي گجگوڙ واري آواز ۽ تيز چمڪاٽن ڪرڻ واري انداز کي واڄي سان ڀيٽيو آهيو ۽ اهو واڄو اصل ۾ جنگ کان پهريان وڏيون پيڙين يا طبل وڄائڻ کي چوندا هيا ته "واڄا پيا وڄن"، اهو ڄڻ ويڙهه يا جنگ جو اعلان هوندو هو (هتي عورت جمع طور ڪم آندل آهي) تنهن ڪري انهن عورتن کي ٻڌائي ٿو جن جا مڙس، سيڻ، سڄڻ ڏورانهن علائقن ڏانهن گذران لاءِ ڪمائڻ ويندا هئا ۽ ساوڻ جي رُت ۾ واپس ورندا هئا، هاڻ جڏهن ڪيڏ يا وڄون واڄا وڄائيندي ڊٽ کان ٿيرو ڪائي ميداني علائقن تي اچي پهتيون آهن ته تون اڃا ويسلي ويٺي آهين! اٿي پنهنجي محبوب مڙس لاءِ پڪو سڀي ساڄو ته ڪر ان کي سينگاري صاف ڪري تيار ڪر جو ته تنهنجو سڄڻ سباڃهو مهربان، پيار ڪندڙ ور جيڪو مسافريءَ ۾ آهي اهو رات جو پوئين پهر پرهه ڦٽيءَ مهل يعني سج نڪرڻ کان اڳ ئي گهر اچي پهچندئي (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

بجليءَ جي بلنگ ۾ شفافيت، صارف جو بنيادي حق

ڊاڪٽر محمد اشرف ميمڻ

بجلي اڄوڪي دور ۾ رڳو هڪ سهولت نه پر زندگيءَ جي بنيادي ضرورت بڻجي چڪي آهي گهرن، اسپتالن، اسڪولن، زراعت، ڪاروبار ۽ صنعت سميت سماج جو هر شعبو بجليءَ تي ڀاڙي ٿو هر مهيني پاڪستان جا لکين صارف بجليءَ جا بل هن اميد سان ڀرين ٿا ته سندن بل صحيح، منصفاڻي، شفاف ۽ لاڳو قانونن، منظور ٿيل ٽيرف ۽ ريگيوليٽري فيصلن مطابق تيار ڪيا ويا هوندا ان ڪري بجليءَ جي بلنگ ۾ شفافيت رڳو هڪ دفتري طريقو نه پر صارفن جي اعتماد، سٺي حڪمرانيءَ ۽ اداري جي جوابدهيءَ جو اهم بنياد آهي جون 2026ع دوران حيسڪو جي ڪيترن ئي سب ڊويزن ۾ نئين نموني جو بجلي بل جاري ٿيڻ شروع ٿيو پراڻي بل ۾ بجليءَ جي اصل قيمت، سرڪاري ٽيڪسن، مقرر چارجز، فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ، ٽه ماهي ٽيرف ايڊجسٽمينٽ، گذريل مهينن جي استعمال ۽ صارف جي سڃاڻپ بابت تفصيلي ڄاڻ ڏنل هوندي هئي پر نئين بل ۾ اها ڄاڻ نمايان طور گهٽائي وئي آهي ٻنهي بلن جي ڀيٽ مان معلوم ٿئي ٿو ته پراڻي بل ۾ لڳ ڀڳ 62 معلوماتي خانا موجود هئا، جڏهن ته نئين بل ۾ لڳ ڀڳ 36 خانا رهجي ويا آهن جيتوڻيڪ ڪجهه نوان فني خانا به شامل ڪيا ويا آهن بجليءَ جي قيمت، مختلف سرڪاري ٽيڪسن فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ، ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ، مقرر چارجز ۽ گذريل بلن جي رڪارڊ جهڙي معلومات جو غائب ٿيڻ صارفن لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻيو آهي اصل مسئلو جديد ٽيڪنالاجي يا ڊجيٽل نظام جي مخالفت ناهي سوال اهو آهي ته ڇا جديد نظام سان صارف کي وڌيڪ ڄاڻ ملڻ گهرجي يا گهٽ؟ ڊجيٽل تبديليءَ جو مقصد صارف کي بااختيار بڻائڻ، بل جي پاڻ تصديق ڪرڻ جي سهولت ڏيڻ، شڪايتن ۽ اختلافن کي گهٽائڻ ۽ عوامي اعتماد کي مضبوط ڪرڻ هجڻ گهرجي هڪ جديد بجلي بل رڳو اهو نه ٻڌائي ته ڪيتري رقم ڀرڻي آهي پر اهو به صاف ٻڌائي ته اها رقم ڪيئن ٺهي آهي

بجلي هاڻي عياشي نه رهي آهي اها جديد زندگيءَ جي بنيادي ضرورت آهي اسپتالون بجليءَ کانسواءِ هلي نٿيون سگهن تعليمي ادارا بجليءَ تي ڀاڙين ٿا، صنعتن جي پيداوار، زرعي آبپاشي، گهريلو روشني، ريفريجريشن، موبائل فون، انٽرنيٽ ۽ روزمره جون ٻيون بي شمار ضرورتون بجليءَ سان لاڳاپيل آهن جو ته بجلي هڪ ضروري عوامي سهولت آهي ان ڪري بجلي ورهائيندڙ اداري ۽ صارف جو تعلق رڳو وڪري ۽ خريداريءَ جو تعلق ناهي اهو باهمي اعتماد، قانوني ذميوارين ۽ جوابدهيءَ تي ٻڌل آهي صارف تي لازم آهي ته هو مقرر وقت اندر بجليءَ جو بل ادا ڪري، ساڳئي وقت بجلي ورهائيندڙ اداري تي به اها ذميواري آهي ته هو اهڙو بل جاري ڪري، جيڪو صحيح هجي، شفاف هجي، سمجهڻ ۾ آسان هجي ۽ صارف پاڻ ان جي تصديق ڪري سگهي بجليءَ جو بل صرف رقم گهرڻ جو نوٽيس نه آهي اهو هڪ سرڪاري مالي دستاويز آهي جنهن مان صارف کي هيءَ ڄاڻ ملڻ گهرجي: بل ڪهڙي مدي لاءِ جاري ٿيو آهي؟ ڪيترا يونٽ استعمال ٿيا آهن؟ ڪهڙو ٽيرف لاڳو ڪيو ويو آهي؟ بجليءَ جي قيمت ڪيئن ڪئي وئي آهي؟ ڪهڙا سرڪاري ٽيڪس ۽ ڊيوٽيون شامل ڪيون ويون آهن ڪهڙيون ريگيوليٽري ايڊجسٽمينٽون لاڳو ڪيون ويون آهن؟ ۽ آخري ادائگيءَ واري رقم ڪيئن ٺهي آهي؟ جڏهن اها ڄاڻ صاف نموني ڏني وڃي ٿي ته صارف پنهنجي بل جي جاچ ڪري سگهي ٿو، غلطي سڃاڻي سگهي ٿو، گذريل مهيني جي ڀيٽ ۾ اضافي جو سبب معلوم ڪري سگهي ٿو ۽ بجليءَ جي استعمال بابت بهتر فيصلا ڪري سگهي ٿو پر جڏهن اهم تفصيل ختم ڪري رڳو مجموعي رقم ڏيکاري وڃي ٿي ته صارف لاءِ اهو سمجهڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو ته رقم ڪيئن ٺهي حساب صحيح هئڻ باوجود ڄاڻ جي کوٽ شڪ، شڪايتن ۽ بي اعتماديءَ کي جنم ڏئي سگهي ٿي ان ڪري بجلي بل ۾ شفافيت کي رڳو ڊيزائن جو معاملو نه پر عوامي انتظام ۽ سٺي حڪمرانيءَ جو بنيادي اصول سمجهڻ گهرجي حيسڪو جو صارف دوست خدمت جو تصور، حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر پنهنجي پيغام ۾ واضح ڪيو آهي ته: "ماڻهو منهنجا ملازم ۽ صارف منهنجي پهرين ترجيح هوندا" هن وڌيڪ چيو آهي "صارف اسان لاءِ بادشاهه آهي خدمت جي فراهميءَ جي معنيٰ تبديل ڪرڻي آهي صارف سان ذاتي ۽ اعتماد وارو تعلق قائم ڪرڻو آهي" اهي ڳالهيون واکاڻ جوڳيون آهن جو ته جديد عوامي ادارن لاءِ اعتماد، جوابدهي، منصفاڻو رويو ۽ صارف دوست خدمت اهم اصول آهن پر جيڪڏهن واقعي صارف کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي ته بل ۾ مڪمل ۽ واضح ڄاڻ ڏيڻ به انهيءَ سوچ جو لازمي حصو هجڻ گهرجي صارف جي عزت رڳو بجليءَ جي بهتر فراهمي يا شڪايت ٻڌڻ سان ظاهر نٿي ٿئي اها ان ڳالهه سان به ظاهر ٿئي ٿي ته صارف کي پنهنجي بل جي هر رقم جو واضح حساب ڏنو وڃي جيڪو صارف پنهنجي بل کي سمجهي ٿو، اهو اداري تي وڌيڪ اعتماد ڪري ٿو، وقت تي بل ڀري ٿو ۽ بجلي بچت جي قدمن ۾ به وڌيڪ سهڪار ڪري ٿو تنهن ڪري حيسڪو جي صارف دوست پاليسيءَ کي بلنگ ۾ وڌيڪ شفافيت سان مضبوط ڪرڻ گهرجي شفافيت: صارف جي اعتماد جو بنياد دنيا ۾ عوامي ادارا تيزيءَ سان ڊجيٽل نظام اختيار ڪري رهيا آهن آن لائن خدمتون، اليڪٽرانڪ ادائگيون، ڊجيٽل رڪارڊ، موبائل ايپليڪيشنون ۽ اي-گورننس عام ٿيندي پئي وڃي پاڪستان ۾ به ٽيڪس فائلنگ، زميني رڪارڊ، بئنڪنگ، پاسپورٽ ۽ بجليءَ جي خدمتن سميت ڪيترن شعبن ۾ ڊجيٽل تبديلي آئي آهي پر ڊجيٽل تبديليءَ جو مقصد رڳو ڪاغذ جي جاءِ تي اسڪرين آڻڻ نه هجڻ گهرجي ان جو اصل مقصد هجڻ گهرجي خدمت کي آسان بڻائڻ، ڄاڻ تائين پهچ وڌائڻ، جوابدهي مضبوط ڪرڻ ۽ عوامي اعتماد بحال ڪرڻ

همٿ ۽ حوصلو مرد يا عورت ناهي ڏسندو!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون لِنيُوٽانگ جي انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان جن ۾ لِنيُوٽانگ چوي ٿو ته 'دنيا ۾ سڀ کان گهڻا ناخوش ماڻهو اهي آهن جيڪي ڪجهه ڪرڻ نٿا چاهين، خوشي انهن کي ملندي آهي جيڪي پنهنجو ڪم ڀرپور انداز ۾ انجام ڏين ٿا، جو ته انهيءَ ڪانپوءِ آرام ۽ تازگيءَ جو هڪ نهايت خوبصورت وقت اچي ٿو سچي خوشي ڏينهن جو ڪم صحيح انداز ۾ انجام ڏيڻ سان ئي حاصل ٿئي ٿي هيءَ حقيقي ڪهاڻي ڪنهن پيدائشي معذور ڇوڪريءَ جي نه آهي پر جڏهن حالتن پنهنجو رنگ تبديل ڪيو ته پوءِ هن به پنهنجي شوق ۽ بلند ارادن کي نئون رنگ ڏنو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو لکنؤ مان پدمات ايڪسپريس جي ذريعي دلي لاءِ ويندڙ ارونيما سنها سان هيءَ واقعو 12 اپريل 2011ع ۾ پيش آيو جڏهن جوويهن ورهين جي ارونيما سنها جيڪا قومي سطح تي والي بال کيڏڻ واري چيمپئن به هئي، پنهنجي نوڪريءَ جي امتحان جي سلسلي ۾ هوءَ لکنؤ کان دهلي وڃي رهي هئي، جڏهن هوءَ پدمات ٽرين ۾ سوار ٿي، تڏهن هن جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته هن سفر ۾ هن جي زندگيءَ کي تبديل ڪرڻ وارو واقعو پيش اچڻو آهي، اهڙو حادثو جيڪو هن جي همت ۽ حوصلي کي چئلينج ڪندو. ٿيو ائين جو رات جي وقت ڪجهه بدمعاش جن جو تعداد چار کان پنجن تائين ٻڌايو ويو هو، اهي به انهيءَ ئي ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿيا، جنهن ۾ ارونيما سوار هئي، اوچتو رات جي وقت هنن بدمعاشن ارونيما کان سونو لاڪيٽ، سوني منڊي ۽ ڪجهه ٻيو سامان ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، ارونيما هنن جو همت سان مقابلو ڪيو ۽ زبردست مزاحمت ڪئي پر ايتري ۾ هڪ نوجوان هن جي پيٽ ۾ لت هڻي، جنهن جي ڪري هوءَ هلندڙ ٽرين مان ٻاهر وڃي ڪري، جنهن ئي هوءَ ٽرين مان ٻاهر وڃي ڪري ته انهيءَ وقت ٻئي ٽريڪ تان تيز رفتار ٽرين جو گذر ٿيو، جنهن کان ارونيما پاڻ کي بچائي نه سگهي ۽ هن جي کابي ٽنگ انهيءَ جي هيٺان اچي وئي ۽ ساڄي ٽنگ جي هڏي به چور چور ٿي وئي سڄي رات ۾ هوءَ انهن ٻنهي ريلوي ٽريڪن جي وچ ۾ ڦٿڪندي رهي پر رات جي اونداهيءَ جي ڪري ڪير به هن کي ڏسي نه سگهيو، جو هن جي مدد ڪري سگهي، جڏهن ته ريلوي جي رڪارڊ مطابق هوءَ ست ڪلاڪ ريلوي ٽريڪ تي پئي رهي، انهن ستن ڪلاڪن ۾ 49 ٽرينن جو گذر انهي ٽريڪ تان ٿيو، پوءِ جڏهن صبح ٿي ته مقامي ڳوٺاڻا جيڪي انهن ريلوي ٽريڪن کي عوامي ٽوائليٽ طور استعمال ڪندا هئا، انهن هن کي ٻنهي ٽريڪن وچ ۾ نيم مرده حالت ۾ ڏسي، هن کي ڪنهن مقامي اسپتال پهچايو. گينگرين جي پيشِ نظر هن جي هڪدم آپريشن تمام ضروري هئي پر بدقسمتيءَ سان انهيءَ اسپتال ۾ اُن وقت بيهوش ڪرڻ جي سهولت موجود نه هئي، هن جون اکيون بند هيون پر ارونيما پوري هوش ۽ حواس سان ڊاڪٽرن جي گفتگو ٻڌي رهي هئي، هن جڏهن اِهو ٻڌو ته هتي بيهوش ڪرڻ جي سهولت موجود ناهي ته هن هڪدم اهو چيو ته منهنجي هوش ۾ ئي آپريشن ڪريو، اهو ٻڌي ڊاڪٽرن هن کي بيهوش ڪرڻ کانسواءِ ئي هن جي آپريشن شروع ڪري ڇڏي ۽ هن جي ٽنگ کي گوڏي کان ڪٽي بلڪل جسم کان الڳ ڪري ڇڏيو، ارونيما جو چوڻ آهي ته هوءَ اڄ به انهيءَ سور کي محسوس ڪري سگهي ٿي، انهيءَ واقعي کي ياد ڪندي ارونيما چوي ٿي ته 'مون تمام گهڻي مزاحمت ڪئي پر تيستائين آئون ٽرين مان ٻاهر ڪري چڪي هئس، آئون بلڪل ڄڙيل واري حالت ۾ نه هيس، آئون ڏسي رهي هيس ته هڪڙي ٽرين مون ڏانهن اچي رهي آهي، مون اٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر تيستائين ٽرين منهنجي پيرن جي مٿان گذري وئي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ مون کي ڪجهه به ياد نه رهيو'

انهيءَ آپريشن ڪانپوءِ ارڙهين اپريل تي هن کي دهلي جي هڪ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي چار مهينا هوءَ داخل رهي، هاڻ هوءَ هڪ ٽنگ کان بلڪل محروم ٿي چڪي هئي، جڏهن ته ٻي ٽنگ ۾ لوهه جي راڊ لڳائي وئي هئي، ارونيما جي سڃاڻپ بحيثيت قومي والي بال کلاڙيءَ جي هئي، انهيءَ ڪري سڄي ميڊيا ۾ انهيءَ حادثي جي خبر پکڙجي وئي، انهيءَ ڪري اڳتي هلي هن کي علاج ۾ مالي سهولتون به فراهم ٿيون پر اسپتال ۾ هن کي مختلف ۽ عجيب و غريب جملن ۽ الزامن کي به منهن ڏيڻو پيو، مثال طور: هن سان شادي ڪير ڪندو؟ يا هن وٽ ٽڪيٽ ڪونه هوندي، ايستائين جو پوليس پنهنجي بچاءَ ۾ اِهو به چوڻ لڳي ته هن خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي، بهرحال اِهي سڀ الزام غلط ثابت ٿيا، انهن الزامن کي غلط ثابت ڪندي اسپتال جي بستري تي ارونيما پنهنجي پاڻ سان اِهو واعدو ڪيو ته هوءَ انهن سڀني کي غلط ثابت ڪندي ۽ دنيا ۾ اِهو ڪارنامو انجام ڏيندي، جيڪو اڄ تائين ڪنهن به نه ڪيو آهي، پوءِ هن اِهو ارادو ڪيو ته هوءَ دنيا جي سڀ کان وڏي پهاڙ مائونٽ ايوريسٽ کي سَر ڪندي ۽ پنهنجو پاڻ کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ هوءَ پنهنجي ڪمزوري کي پنهنجي طاقت بڻائيندي، ماڻهو هن کي چريو چوڻ لڳا پر هن جي همت، حوصلي ۽ جنون ۾ ڪابه ڪمي نه آئي ۽ پوءِ اچڻ وارن ارڙهن مهينن ۾ هوءَ مسلسل ڪوهه پيمائيءَ جي مشق ڪندي رهي، انهيءَ سلسلي ۾ هن سڀ کان پهرين بچيندري پال سان رابطو ڪيو جيڪا 1985ع ۾ مائونٽ ايوريسٽ سَر ڪرڻ واري پهرين هندوستاني خاتون هئي، بچيندري پال هن جي همت ڏسي هن جي سوچ ۽ حوصلي کان متاثر ٿي چوڻ لڳي ته، 'ارونيما پنهنجي اندر ۾ ته تو مائونٽ ايوريسٽ ته پهرين ئي سَر ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي صرف دنيا کي ڏيکارڻو آهي' ۽ پوءِ ارونيما بچيندري پال جي زيرِ نگراني تربيت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي، خوش قسمتيءَ سان هن کي ڪجهه ادارن ملي تعاون يا ٻين لفظن ۾ ائين چوان ته اسپانسرشپ ڏني ۽ ائين هن مشق جو اِهو صبر طلب وقت شروع ڪيو جنهن ۾ نه اڄ جي موڪل هئي نه وري ڏياري يا هوليءَ جهڙن تهوارن تي ڇٽي هئي، هن جي اڳيان صرف پنهنجو هدف هو ۽ ٻيو ڪجهه به نه، آخرڪار اهو وقت به اچي ويو جو ارونيما جي نظر ۾ صرف ۽ صرف مائونٽ ايوريسٽ هو يعني هڪ طرف ارونيما جو حوصلو ۽ همت هئي ته سامهون آسمان جي بلنديءَ تائين پهتل مائونٽ ايوريسٽ جي چوٽي هئي، ايوريسٽ سَر ڪرڻ وقت اهڙيون جڳهيون به اچن ٿيون جتي پهاڙن جي درميان وڏا وڏا فاصلا به اچن ٿا ۽ اهي سواءِ جمپ ڪرڻ جي ٻئي ڪنهن به طرح سان عبور نٿا ڪري سگهجن، يعني ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته هڪڙي ننڍڙي غلطي به اُتي انسان کي موت ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي، اِهي سڀ خطرناڪ جڳهيون ارونيما جي رستي ۾ به آيون، ٿوري ٿوري منزل تي هن جو مصنوعي پير ٽڙي ويندو هو ۽ پوءِ انهيءَ مان رت وهڻ شروع ٿي ويندو هو، اهڙين جڳهين تي جتي هن جي آڪسيجن ختم ٿي ويندي هئي ته هن کي ايستائين مشورا مليا ته تون واپس هلي وڃ پر ارونيما جي همت ۽ حوصلو هن کي بار بار جوش ڏياريندو رهيو ته نه ارونيما جيڪر تون هتان موٽي وڃين ٿي ته اِها شڪست تنهنجي نه آهي اها شڪست هر انهيءَ معذور جي آهي جيڪو يا جيڪا پنهنجي معذوريءَ کي خاطر ۾ نه آڻيندي ڪجهه ڪرڻ جو حوصلو رکندا، اِهو ئي سوچي ارونيما هار نه مڃي ۽ آخرڪار سترهن ڪلاڪن جي مشقت ڪانپوءِ ارونيما مائونٽ ايوريسٽ جي چوٽيءَ کي 21 مئي 2013ع جي صبح جي 10:55 تي پهرين معذور خاتون جي ئي نه بلڪ پهرين معذور بلحاظِ جنس سَر ڪري مائونٽ ايوريسٽ تي انسان جي همت ۽ حوصلي جو جهنڊو ڦڙڪايو، ٿڪاوٽ ۽ آڪسيجن جي ڪمي جي باوجود هن اتان تصويرون ۽ وڊيو پيغام جاري ڪيا ۽ انهيءَ وڊيو پيغام ۾ هوءَ چوي ٿي ته، 'هتي پهچي آئون جيڪا معذور ۽ وچولي درجي جي ڇوڪري آهيان، چاهيان ٿي ته رڙيون ڪري ٻڌايان ته اوهان سڀ ڪجهه ڪري سگهو ٿا، انهيءَ ڪري جو معذوري يا درجه بندي اوهان جي سوچ جي ڪري ٿئي ٿي' ارونيما 21 مئي 2013ع تي پاونجاهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجي همت، حوصلي ۽ جنون جي مقصد جي تڪميل تائين پهچائي واپس آئي، هن جي واپسي جو سفر تمام ڏکيو هو جو ته اڪثر ڪري پهاڙن کي سَر ڪندڙن ۾ موت واپسيءَ جي سفر ۾ ٿيندا آهن، هڪ جڳهه تي ارونيما جي آڪسيجن بلڪل ختم ٿي چڪي هئي، جنهن ڪري هوءَ ڪِري پئي پر ارونيما جو چوڻ هو ته، 'مئلن جي لسٽ ۾ منهنجو نالو نه هو' انهيءَ ڪري جڏهن هن جي آڪسيجن ختم ٿي وئي ته حسنِ اتفاق اِهو ٿيو جو اتان ڪجهه برطانوي ڪوهه پيما پنهنجو سفر ملتوي ڪري واپس وڃي رهيا هئا، هنن وٽ هڪڙو سلينڊر آڪسيجن جو موجود هو، جيڪو عين انهيءَ وقت ارونيما کي هنن ڏنو، زمين تي ڪِريل ارونيما کي آڪسيجن ملي وئي ۽ جڏهن هوءَ وري زمين تان صحيح حالت ۾ اٿي، تڏهن هوءَ چوڻ لڳي ته، 'قسمت به انهيءَ جو ساٿ ڏي ٿي جن ۾ جيئڻ جو جذبو هوندو آهي، باقي ته سڀ بهانا آهن' واپسي جي سفر دوران هن جو مصنوعي پير نڪري ويو ۽ انهيءَ وقت منفي 60 ڊگري درجه حرارت هئي، ايستائين جو هن جي هٿن جي رنگت تبديل ٿي چڪي هئي، جسم مان حرڪت به ختم ٿيڻ لڳي، اِهو اهڙو وقت هو جڏهن هن همت ۽ حوصلي واري ارونيما جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا پر انهيءَ جي باوجود هن همت نه هاري ۽ مصنوعي پير کي ٻي ٽنگ سان ڏڪيندي رهي، رستي ۾ واپسيءَ تي اڪثر ماڻهن هن کي حيرت سان ڏٺو جو ته هو هن جي فتح جي نه بلڪ هن جي موت جي خبر جا منتظر هئا.

ياد رکو صرف مائونٽ ايوريسٽ ئي فتح ڪرڻ ارونيما جو هدف نه هو هوءَ وڌيڪ ڇهن براعظمن جي بلند پهاڙن کي سَر ڪرڻ کي به پنهنجو هدف بڻائي چڪي هئي، انهيءَ ڪري هن 2014ع ۾ آفريڪا جي تنزانيه ۾ واقع پهاڙ ڪالي منجرف، يورپ ۾ مائونٽ ايلبرز، آسٽريليا ۾ ڪوسيئسزڪو، ارجنٽينا ۾ اڪن ڪاگوا، انڊونيشيا ۾ ڪارٽونز پيپرمڊ کي به سَر ڪيو جڏهن ته 2017ع ۾ هن انٽارڪٽيڪا ۾ مائونٽ ونسن کي به سَر ڪيو، انهي محنت، جرئتمنديءَ جي اعتراف ۾ ارونيما کي تمام گهڻا ايوارڊ مليا، جن ۾ پدمشري ايوارڊ پڻ ڏنو ويو، انهيءَ کان علاوه يو ڪي جي يونيورسٽي آف اسٽرٿ ڪلائيڊ هن جي سَرڪيل انهن معرڪن جي اعتراف ۾ هن کي پي ايڇ ڊي جي ڊگري ڏني، پنهنجي اعزازات ۽ ميڊلز جي سلسلي ۾ ملندڙ رقم مان ارونيما غريب ۽ معذور ٻارن جي لاءِ مفت اسپورٽس اڪيڊمي قائم ڪئي منهنجا پڙهندڙ نوجوانو ارونيما همت ۽ حوصلي جو اعليٰ مثال آهي افسوس ٿيندو آهي مون کي پنهنجن انهن نوجوانن تي جن کي هر نعمت ميسر آهي، آهي پنهنجي ذات ۾ مڪمل آهن پر پنهنجن پيدا ڪيل مسئلن ۾ جڪڙيل آهن ۽ هو پنهنجي زندگيءَ کي تبديل ڪرڻ ئي نٿا چاهين اسان جا نوجوان پنهنجي مسئلن کان منهن موڙي پنهنجو پاڻ کي نشي جي حوالي ڪري غير صحتمند عادتن ۾ مبتلا ٿي جيئڻ جو مقصد ئي وڃايو ڇڏين بيشڪ اسان جي معاشري ۾ بيروزگاريءَ جو عذر ٿئي ڪجهه به نه ڪرڻ وارن جي لاءِ ارونيما هڪڙو روشن ڏيئو آهي، جيڪو مايوسيءَ جي اونداهين ۾ ڏڪا ۽ ٿاٻا کائيندڙ نوجوانن جي لاءِ روشن مثال آهي، ياد رکو قسمت به انهن جو ساٿ ڏئي ٿي جن ۾ جيئڻ جو ۽ ڪجهه ڪرڻ جو حوصلو هوندو آهي!

جلالپور ڪئنال: پاڻيءَ جي ورڇ، سنڌ جا خدشا ۽ وفاقي ذميواري

اياز وگهيو

پاڻي رڳو درياهن ۾ وهندڙ هڪ قدرتي وسيلو ناهي پر پاڪستان جهڙي زرعي ملڪ لاءِ پاڻي زندگي، معيشت، خوراڪ ۽ وفاقي وحدت جو بنياد آهي جڏهن پاڻيءَ جي ورڇ بابت فيصلا ٿين ٿا ته اهي صرف انجنيئرنگ، آبپاشي يا ترقياتي منصوبن جا معاملا نه رهندا آهن پر انهن جا اثر لکين ماڻهن جي مستقبل، ماحول ۽ صوبن جي وچ ۾ اعتماد تي پوندا آهن جلالپور ڪئنال به اهڙوئي منصوبو آهي، جنهن بابت سنڌ ۾ ڪيترائي سنجيده سوال ۽ خدشا موجود آهن جلالپور ڪئنال جو منصوبو درياءِ جهلم جي پاڻيءَ کي استعمال ڪندي پنجاب جي ڪجهه علائقن ۾ آبپاشي وڌائڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي منصوبي جي حامين جو موقف آهي ته ان سان غيرآباد يا گهٽ آباد زرعي زمينن کي پاڻي ملندو، زراعت کي هٿي ملندي ۽ مقامي ماڻهن جي معاشي حالت بهتر ٿيندي ترقي، زراعت ۽ پاڻيءَ جي بهتر استعمال جا اهي مقصد پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر سوال اهو آهي ته اهڙي منصوبي جي منصوبابندي ۽ عملدرآمد وقت ڇا سنڌ جي پاڻيءَ جي حقن هيٺين وهڪري جي ضرورتن، ماحولياتي اثرن ۽ صوبن جي وچ ۾ اتفاق راءِ کي مڪمل اهميت ڏني وئي آهي؟ سنڌ جو بنيادي خدشو اهو آهي ته سنڌ درياهه جي هيٺين پاسي واقع صوبو آهي سنڌ جي زراعت، معيشت، ماحوليات، ڊيلٽا ۽ لکين ماڻهن جي زندگيءَ جو دارومدار سنڌو درياهه جي وهڪري تي آهي جيڪڏهن مٿئين وهڪري ۾ نوان آبپاشي منصوبا وڌندا ويندا ۽ پاڻيءَ جي مجموعي دستيابيءَ کي نظرانداز ڪيو ويندو ته ان جو سڌو اثر هيٺين پاسي آبادين تي پوندو. پاڻيءَ جو مسئلو صرف ان ڳالهه سان حل نٿو ٿي سگهي ته ڪنهن منصوبي لاءِ پاڻي ڪنهن درياهه مان ورتو پيو وڃي اصل سوال اهو آهي ته پاڻي ڪيترو موجود آهي، ان جي ورڇ جو قانوني ۽ آئيني فريم ورڪ ڇا آهي، اڳ ۾ موجود صوبائي حق ڪهڙا آهن ۽ مستقبل ۾ پاڻيءَ جي کوٽ کي نظر ۾ رکندي نئين آبپاشي ايراضي پيدا ڪرڻ جا ڪهڙا اثر پوندا؟ پاڪستان ۾ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ 1991ع جو پاڻيءَ وارو معاهدو بنيادي اهميت رکي ٿو، ان معاهدي جو مقصد صوبن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ لاءِ هڪ متفق فريم ورڪ فراهم ڪرڻ هو ان سان گڏ ارسا جو ادارو پاڻيءَ جي ورڇ ۽ صوبن جي حصن بابت اهم ذميواريون ادا ڪري ٿو تنهن ڪري ڪنهن به نئين ڪئنال يا آبپاشي منصوبي بابت سڀ کان اهم سوال اهو هجڻ گهرجي ته اهو منصوبو موجوده پاڻي ورڇ واري نظام، صوبائي حقن ۽ بين الصوبائي اتفاق راءِ سان ڪهڙي حد تائين هم آهنگ آهي سنڌ جي عوام جو موقف اهو رهيو آهي ته سنڌ اڳ ئي پاڻيءَ جي کوٽ، سمنڊ جي وڌندڙ چڙهائي، ڊيلٽا جي تباهي، زرعي زمينن جي خراب ٿيندڙ حالت ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي جيڪڏهن مٿئين وهڪري ۾ وڌيڪ پاڻي روڪيو ويندو يا نئين آبپاشي ايراضي وڌائي ويندي ته سنڌو درياهه جي هيٺين وهڪري تي اضافي دٻاءُ پيدا ٿي سگهي ٿو.

خاص طور تي سنڌو ڊيلٽا جو مسئلو انتهائي سنگين آهي درياهه جو مٺو پاڻي جڏهن سمنڊ تائين مناسب مقدار ۾ نٿو پهچي ته سامونڊي پاڻي زمينن اندر داخل ٿئي ٿو، زرعي زمينون متاثر ٿين ٿيون، پيئڻ جو پاڻي خراب ٿئي ٿو ۽ سامونڊي ماحولياتي نظام کي نقصان پهچي ٿو، سنڌ جو ساحلي علائقو اڳ ئي ماحولياتي بحرانن سان منهن ڏئي رهيو آهي تنهن ڪري سنڌ لاءِ درياهه جو پاڻي صرف فصلن جي آبپاشي جو مسئلو ناهي، اهو ڊيلٽا، انساني آبادي، ماهيگيري ۽ ماحولياتي بقا جو سوال آهي جلالپور ڪئنال جي حوالي سان هڪ ٻيو اهم سوال شفافيت جو آهي ڇا عوام کي اهو حق حاصل آهي ته ڪيس ٻڌايو وڃي ته منصوبي لاءِ پاڻيءَ جي دستيابي جو بنياد ڪهڙن انگن اکرن تي رکيو ويو آهي؟ پاڻيءَ جي موجوده کوٽ ۽ مستقبل جي موسمياتي تبديلين کي ڪهڙي طريقي سان حساب ۾ آندو ويو آهي؟ ڇا آزاد ۽ جامع ماحولياتي اثرن جو جائزو ورتو ويو آهي؟ ڇا هيٺين وهڪري وارن علائقن تي اثرن جو سائنسي مطالعو ڪيو ويو آهي؟ ۽ ڇا سڀني صوبن کي برابر معلومات ۽ فيصلن ۾ مناسب نمائندگي حاصل آهي؟ پاڻيءَ جي منصوبن کي صرف "ترقي" جي نالي تي قبول ڪرڻ به درست ناهي ۽ هر منصوبي کي سياسي تڪرار بڻائڻ به مناسب ناهي اصل ضرورت شفاف، سائنسي ۽ آئيني طريقيڪار جي آهي جيڪڏهن ڪنهن منصوبي سان واقعي زرعي پيداوار وڌي ٿي ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ملي ٿو ۽ پاڻيءَ جو استعمال قانوني حصن اندر رهي ٿو ته ان جا فائدا ضرور ڏسڻ گهرجن پر جيڪڏهن ڪنهن منصوبي جي نتيجي ۾ ڪنهن ٻئي صوبي جي جائز حصي، ماحولياتي ضرورتن يا هيٺين وهڪري کي نقصان پهچي ٿو ته ان تي سوال اٿارڻ هر شهري ۽ هر صوبائي حڪومت جو حق آهي سنڌ جي سياسي قيادت ۽ سول سوسائٽي کي به گهرجي ته پاڻيءَ جي مسئلي کي صرف جذباتي نعريبازيءَ تائين محدود نه ڪن سنڌ کي هڪ مضبوط، انگن اکرن تي ٻڌل ۽ قانوني پاڻي پاليسي جي ضرورت آهي سنڌ کي پنهنجي پاڻيءَ جي حقن بابت علمي سطح تي به آگاهي پيدا ڪرڻ گهرجي، پر ان کان اڳ پنهنجي اندروني ادارن کي مضبوط ڪرڻو پوندو پاڻيءَ جي ماپ، ڊيٽا جي شفافيت، ٽيلي ميٽري، واهن جي نگراني ۽ ارسا جي فيصلن بابت مڪمل عوامي ڄاڻ ضروري آهي ساڳئي وقت وفاقي حڪومت تي به وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي وفاق ڪنهن هڪ صوبي جي مفادن جو نمائندو نه پر سمورن صوبن جي وچ ۾ اعتماد جو ضامن هجڻ گهرجي جيڪڏهن سنڌ يا ڪنهن ٻئي صوبي کي ڪنهن منصوبي بابت خدشا آهن ته انهن کي نظرانداز ڪرڻ بجاءِ باضابطه ڳالهين، سائنسي مطالعي ۽ بين الصوبائي اتفاق راءِ سان حل ڪرڻ گهرجي پاڻيءَ جي معاملن ۾ طاقت کان وڌيڪ اهميت اعتماد جي آهي جو ته پاڻيءَ بابت هڪ غلط فيصلو سالن تائين صوبن جي وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ پيدا ڪري سگهي ٿو. اسان کي اهو به سمجهڻو پوندو ته پاڪستان جو پاڻي بحران ايندڙ سالن ۾ وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿو آبادي وڌي رهي آهي موسمياتي تبديلي برساتن جي نمونن کي متاثر ڪري رهي آهي، گليشيئرن جي صورتحال تبديل ٿي رهي آهي ۽ خشڪ ساليءَ جا خطرا وڌي رهيا آهن اهڙي صورتحال ۾ پاڻيءَ جا نوان منصوبا ٺاهڻ وقت صرف اڄ جي پاڻيءَ کي ڏسڻ ڪافي ناهي ايندڙ پنجاهه سالن جي ضرورتن ۽ دستيابيءَ جو به حساب رکڻو پوندو جلالپور ڪئنال بابت سنڌ جو سوال ڪنهن صوبي جي ترقيءَ جي مخالفت نه پر پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ ۽ مستقبل جي تحفظ جو سوال سمجهيو وڃي سنڌ پنجاب جي ترقيءَ جي دشمن ناهي پر سنڌ اهو ضرور چاهي ٿي ته ترقيءَ جو مطلب ڪنهن ٻئي صوبي جي پاڻيءَ جي حقن کي نظرانداز ڪرڻ نه هجي پاڪستان جي وفاقي ڍانچي جي خوبصورتي به ان ڳالهه ۾ آهي ته هر صوبو ترقي ڪري پر ڪنهن هڪ جي ترقي ٻئي جي محروميءَ جو سبب نه بڻجي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان ۾ پاڻيءَ بابت هر وڏو فيصلو بند ڪمرن ۾ نه پر شفاف ڊيٽا، آزاد ماهرن، ماحولياتي جائزي ۽ صوبن جي اتفاق راءِ سان ڪيو وڃي پاڻيءَ جي ورڇ بابت تڪرار کي سياسي ضد بدران آئيني، قانوني ۽ سائنسي بنيادن تي حل ڪرڻ گهرجي سنڌ جو مطالبو واضح آهي: پاڻيءَ جي ورڇ ۾ شفافيت، 1991ع جي پاڻي معاهدي جي پاسداري، صوبائي حقن جو تحفظ، ماحولياتي وهڪري جي ضمانت ۽ هر نئين منصوبي کان اڳ مڪمل بين الصوبائي اتفاق راءِ، جيڪڏهن جلالپور ڪئنال يا ڪنهن به ٻئي منصوبي بابت اهي بنيادي سوال واضح نه ڪيا ويا ته پوءِ خدشا ختم ٿيڻ بدران وڌندا رهندا پاڻيءَ جو مسئلو صرف اڄ جي فصلن جو مسئلو ناهي اهو ايندڙ نسلن جي زندگيءَ جو سوال آهي

اڄوڪو ڏينهن ..... پهرين آگسٽ

بال گنگادر تلڪ

اوهان حيدرآباد جي مشهور تلڪ چاڙهي ضرور ڏٺي هوندي ۽ مرحوم محمد ابراهيم جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ٻارن جو گيت 'تلڪ چاڙهيءَ تان هيٺري بوڙي، سنڌو نديءَ ۾ ريل' به ضرور ٻڌو هوندو تلڪ چاڙهيءَ تي اِهو نالو هندستان جي مشهور ڪانگريسي اڳواڻ بال گنگادر تلڪ جي نالي پٺيان پيو، اڄ انهيءَ اڳواڻ جي وفات جو ڏينهن آهي انگريزن خلاف هلندڙ جدوجهد دوران هن هندستان جي ٻين شهرن سان گڏ حيدرآباد جا به دورا ڪيا ۽ حيدرآباد جي رهواسين سندس ڀرپور آجيان ڪئي هئي پهرين آگسٽ 1920ع تي سندس لاڏاڻي کان پوءِ سندس ياد کي تازو رکڻ لاءِ حيدرآباد جي پوسٽ آفيس چاڙهيءَ کي 'تلڪ چاڙهي' نالو ڏنو ويو ۽ اِهو نالو اڄ به مشهور آهي

احمد مجتبيٰ غالب

احمد مجتبيٰ غالب پنهنجي دور جو وڏو شاعر، نثرنويس استاد ۽ عالم هو، هُو پهرين آگسٽ 1932ع تي دادو تعلقي جي ڳوٺ ملڪاڻي شريف ۾ پيدا ٿيو سندس والد مخدوم غلام محمد ملڪاڻي به هڪ وڏو عالم هو، احمد مجتبيٰ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي ساڃاهه جا سبق ڏئي رٽائر ٿيو ڪيس سنڌيءَ سان گڏ فارسي ۽ عربي ٻولين تي عبور حاصل هو پاڻ درگاهه ملڪاڻي شريف جو گادي نشين پڻ رهيو هن ننڍپڻ کان ئي شاعري شروع ڪئي شاعريءَ ۾ حافظ محمد احسن چنه ۽ محمد بخش واصف کان رهنمائي وٺندو هو هن 'بزم غالب' جو بنياد وجهي ڪيترائي مشاعرا منعقد ڪرايا، پاڻ 'انجمن آفتاب' جو جنرل سيڪريٽري ۽ 'جوهر ادب' تنظيم جو صدر رهيو هن سنڌي، اردو ۽ عربيءَ ۾ لڳ ڀڳ 60 ڪتاب لکيا جن ۾ اڪثر ديني موضوعن تي لکيل آهن هن 21 جنوري 2008ع تي هن فاني جهان کي ڇڏي راهه رباني ورتي

فقير غلام حيدر نظاماڻي



فقير غلام حيدر نظاماڻي ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاهه جو مشهور راڳائي هو، ڀٽائيءَ جي هن سچي عاشق پهرين آگسٽ 1933ع تي فقير شيرمحمد نظاماڻيءَ جي اڱڻ تي پنهنجي زندگانيءَ جو سفر شروع ڪيو هن کي ڀٽائيءَ جي بيتن سان عشق ڄڻ ته ڄاڻي ڄمر کان رهيو ٻارهن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ شاهه جي رسالي جا ٽي سُر برزبان ياد ڪري ورتائين ۽ ان کانپوءِ سڄي ڄمار تنبوري جي تار تي شاهه جي راڳ کي الاپيندي گذاريائين هُو اربع جي رات پنهنجي اوطاق تي لطيفي راڳ جي محفل مچائيندو هو 1957ع کان 2002ع تائين هر خميس جي رات ڀٽائيءَ جي درگاهه جي حاضري ڀريندو هو ۽ شاهه جي شاعريءَ کي راڳ جو روپ ڏئي پنهنجي عقيدت جا گل نڇاور ڪندو هو، ساڻس گڏ فقير الهڏنو نظاماڻي فقير الهڏتو نظاماڻي فقير فضل ڇڇڙ، فقير گل محمد ڀهوڙ، فقير حاجن نظاماڻي ۽ ٻيا راڳ ۾ شامل ٿيندا هئا لطيف جي درگاهه تي حاضري ڏيڻ سان گڏ هُو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي درگاهه سميت مختلف درگاهن تي راڳ پيش ڪندو هو ڀٽائيءَ جو هي پانڌيڙو 29 مارچ 2002ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو

نظام الدين زائر



اڄ مشهور شاعر نظام الدين زائر جي جنم جو ڏينهن آهي هُو پهرين آگسٽ 1944ع تي خيرپور ميرس شهر ۾ سونهاري بلوچ جي گهر ۾ پيدا ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم خيرپور ۾ حاصل ڪئي اڳتي هلي بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن عمر جو گهڻو حصو سيشن ڪورٽ خيرپور جي احاطي ۾ پٽيشن رائيٽر طور گذاريو، هن 1967ع ڌاري شاعري شروع ڪئي شاعريءَ ۾ عطا محمد حامي سندس استاد هو بزم سچل ۽ سچل ادبي سنگت سان سڄي عمر سلهاڙيل رهيو ريڊيو، ٽي وي ۽ مقامي مشاعرن ۾ به حصو وٺندو هو هن جي شاعري قديم ۽ جديد قدرن جو بهترين امتزاج آهي سندس گيت، وايون ۽ نظم گهڻو مقبول ٿيا، سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب 'وڻ وڻ تنهنجو واس' ۽ 'سوچ سوچ ساگر' ڇپجي چڪا آهن

نظام الدين چانڊيو

هن مشهور شاعر جو جنم پهرين آگسٽ 1948ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ٻيڙي چانڊيي ۾ ٿيو ايم اي، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪلارڪ طور ڪيائين پر بعد ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو هُو مشهور شاعر عبدالله اثر جو پٽ هو، ان ڪري شاعريءَ جو شوق ورثي ۾ مليس هن شاعريءَ ۾ 'مفتي' ۽ 'ناظم' تخلص استعمال ڪيا، هن پنهنجي والد جي نالي تي 'بزم اثر' جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيو ان کان علاوه 'بزم سچل' لاڙڪاڻي جو نائب صدر پڻ رهيو، علم عروض جو ماهر هو ۽ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين هن جي ڪتابن ۾ 'اگر مگر' ۽ 'تاجدار ڪربلا' شامل آهن هن 1996ع ۾ وفات ڪئي

ڊاڪٽر ڪمال جامڙو



هن ناليواري ليکڪ، شاعر ۽ محقق جو جنم پهرين آگسٽ 1972ع تي ضلعي خيرپور ميرس جي شهر راڻيپور ڀر لڳ ڳوٺ گل محمد جامڙي ۾ ٿيو هن ميٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان راڻيپور مان پاس ڪيا ۽ ايم اي (سنڌي) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه لطيف چيئر ۾ ريسرچ آفيسر طور ڪيائين 2000ع ۾ اسلاميه ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ان بعد وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي سان لاڳاپيل رهيو ۽ انهيءَ يونيورسٽيءَ جي فيڪلٽي آف لئنگئيجز جو ڊين پڻ رهيو، هُو 'ماهروز' ڪراچيءَ جو ايڊيٽر ۽ گورنمينٽ اسلاميه ڪاليج ڪراچيءَ مان نڪرندڙ مئگزين جو 2003ع ۾ چيف ايڊيٽر رهيو هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ 'سنڌوءَ جا گيت'، 'شاهه عبداللطيف ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر' (طارق عزيز شيخ سان گڏ) ۽ 'سنڌي ثقافت جا امر آواز' شامل آهن هُو ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ڪمپيئر ۽ اناؤنسر پڻ رهيو، هن 16 ڊسمبر 2020ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي

شهمير سومرو


مختيار اٽڙ

اڄ مشهور شاعر شهمير سومري جي جنم جو ڏينهن آهي هُو پهرين آگسٽ 1976ع تي ڳوٺ ٻچل شاهه تعلقي باقراڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو هن بي ڪام ۽ ايم اي (سنڌي ادب) جون سندون حاصل ڪيون ۽ پوليس کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي 1993ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا 'اکرين جي پاڪر ۾'، 'جدائيءَ جي جزيري تي' ۽ 'مامو چنڊ' ڇپجي چڪا آهن سندس شاعري عاشق نظاماڻيءَ، غلام شبير سميجي ۽ اقرار وحيد عليءَ سميت مختلف شاعرن ڳائي



آهي شاعريءَ سان گڏ هو جادوءَ جي فن جو به ماهر آهي هن ٽيليويزن ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪيترائي ميجڪ شو ڪيا آهن

حسينه ساند



اڄ مشهور شاعره حسينه ساند جي سالگرهه جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن سلجهاهه وند نياڻيءَ پهرين آگسٽ 1975ع تي ٽالرو شاهه ويجهو ڳوٺ قادربخش ساند ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو، هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي ٽوڏرجا پاس ڪرڻ کانپوءِ سندس والد جي ميرپورخاص ۾ بدلي ٿي ان ڪري ميٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ميرپورخاص مان پاس ڪيائين اڳتي هلي زولاجيءَ واري شعبي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي ۽ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين ان کان علاوه پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي جي سند پڻ حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪاليج ليڪچرار طور ڪيائين ۽ اڄڪلهه قاسم آباد گرلز ڪاليج ۾ زولاجيءَ واري شعبي جي چيئرپرسن طور ذميداريون سنڀالي رهي آهي هن 1992ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي پهريائين غزل لکڻ شروع ڪيائين ۽ ان کانپوءِ شاعريءَ جي ٻين صنفن تي به طبع آزمائي ڪيائين

خير محمد لغاري



هن نامور ليکڪ ۽ محقق جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1960ع ۾ تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ ۾ ٿيو هن نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ميٽرڪ جو امتحان ۽ مسلم سائنس ڪاليج مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان بعد مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان گريجوئيشن ڪئي هن آبپاشي کاتي سکر ۾ سروير طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ڪجهه عرصو ڪراچي شپ يارڊ ۾ سپرنٽينڊنٽ طور به نوڪري ڪيائين اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ملازمت ڪيائين جتي ڊائريڪٽر ريسرچ جو عهدو ماڻيائين هن ڪيترائي سائنسي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا آهن جن ۾ 'موٽر گاڏي ۽ انجا پرزا'، 'بنيادي ايجادون'، 'جانورن جو بادشاهه'، 'دنيا جا عجوبا' ۽ 'ٻليءَ جي نسل جا جانور' شامل آهن

عنايت اٽڙ

سنڌي ٻوليءَ جي هن سرموڙ شاعر، نثر نويس ۽ محقق جو جنم پهرين آگسٽ 1978ع تي مٽياري تعلقي جي ڳوٺ دين محمد اٽڙ ۾ ٿيو هن ميٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول موسيٰ کٽياڻ مان پاس ڪيو اڳتي هلي بي ايڊ، ايم ايڊ ۽ ايم اي (پاڪستان اسٽڊيز) جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين بعد ۾ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ اڄڪلهه انهيءَ ئي حيثيت ۾ قوم جي نونهالن کي سنڌي سيکاري رهيو آهي هن ننڍي هوندي کان ئي لکڻ شروع ڪيو، سندس شاعري ۽ تحقيقي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'مخزن اعجاز'، 'اکر اکر ۾ اسرار' ۽ 'حقيقت جا هوڪا' شامل آهن

غزالا چنا



غزالا چنا سنڌ جي مشهور ليکڪا ۽ انجنيئر آهي هوءَ عورتن جي حقن جي حاصلات لاءِ به پاڻ پتوڙيندي رهي آهي هن جو جنم پهرين آگسٽ 1981ع تي نواب شاهه ۾ ٿيو مشهور شاعره ڊاڪٽر رخسانه پريت چنا سندس ڀيڻ آهي هن قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ سول انجنيئرنگ واري شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ هائيڊرالڪس ۽ اريگيشن ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي هن واپڊا ۾ سول انجنيئر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي اڳتي هلي فيڊرل سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري فيڊرل منسٽري آف پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۾ ڊپٽي واٽر چيف جو عهدو ماڻيائين هن پنهنجي هم خيال سهيلين سان گڏجي 'وومين انجنيئرس فورم' جو بنياد وڌو ته جيئن عورت انجنيئرس سان ملازمت دوران ٿيندڙ ٻه اکيائيءَ کي روڪي سگهجي ۽ ساڻن ٿيندڙ امتيازي سلوڪ خلاف آواز اٿاري سگهجي هن 2006ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو سندس تخليقن ۾ ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري شامل آهن هن ڪجهه وقت پاڪستان ٽيليويزن تي ڪمپيئرنگ پڻ ڪئي

ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر



اڄ مير مرتضيٰ ڀٽي جي فرزند ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي پوٽي ذوالفقار جونيئر جي سالگره جو ڏينهن آهي هُو پهرين آگسٽ 1990ع تي شام جي گادي واري شهر دمشق ۾ ڄائو اڃا ڇهن سالن جو معصوم ٻارڙو هو جڏهن سندس والد کي ڪراچيءَ ۾ شهيد ڪيو ويو ان بعد هن جي پرورش سندس والده غنويٰ ڀٽو جي هٿن ۾ ٿي هن اسڪاٽلينڊ جي ايڊنبرا يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ آمريڪا جي سئن فرانسسڪو يونيورسٽي جي آرٽ اسڪول مان فائن آرٽس ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي هن سنڌو درياهه مان واهه ڪڍڻ خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو هو ڪارپوريٽ فارمنگ جي خلاف به آواز اٿاريندو رهيو آهي تازو هن نئين سياسي پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو آهي

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات نينا ڌيءُ مختيار لغاري ويٺل شاهي لغاري .. پلينٽف.بخلاف.. سرتاج ولد محمد بخش لغاري ويٺل قمرالدين چانڊيو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ اينڊ رڪوري داوري لاءِ ارٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 59 سال 2026

مسمات رضوانا زال منٺار علي ڌيءُ فيض محمد ذات سپرو ويٺل ڳوٺ وسائي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو .. پلينٽف.بخلاف... منٺار ولد محمد ابراهيم ذات سپرو ويٺل ڳوٺ وسائي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ اينڊ خرچ بابت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 10-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

(1)مسمات اسما زال عبداللطيف ڌيءُ امير عمر چاچڙ رهندڙ گهر نمبر 137 D سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد حال رهندڙ وارڊ نمبر 11 جمالي ڪالوني سعيد آباد ضلعو مٽياري (2) بيبي Elaf ڌيءُ عبداللطيف چوهان عمر 06 سال مائنر معرفت ماءُ اسما رهندڙ وارڊ نمبر 11 جمالي ڪالوني سعيد آباد. پلينٽف.بخلاف.. عبداللطيف چوهان ولد محمد آچر چوهان رهندڙ گهر نمبر 137 D سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي سوٽ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 34 سال 2026

عبدالحڪيم ولد شير محمد رهندڙ ڳوٺ خان محمد نظاماڻي تعلقو هالا ضلعو مٽياري. ايپليڪينٽ.بخلاف... (1) عبدالجبار (2) فريد احمد (3) مسمات رشيده (4) مسمات Jeadal (5) مسمات زاهده (6) مسمات فريده (7) بيبي اسما عمر 14 سال (مائنر) معرفت پاءُ/ گارڊين عبدالجبار رهندڙ ڳوٺ خان محمد نظاماڻي تعلقو هالا ضلعو مٽياري (8) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ....اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زيرقلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي برابرٽي ڇڏي آهي فوتي مراد خاتون شناختي ڪارڊ نمبر 4180205703180 وفات جي تاريخ 23-10-2026 برابرٽي ۾ سنڌ بينڪ هالا برانچ جي اڪائونٽ نمبر PK74SINDH0004025650791000 ۾ جڏيل رقم 286717.76 رپيا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ٿو ڪجي ته 01-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

بقايا 1 ڪيترائي زخمي

اڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي روڊ حادثي ۾ فوت ٿيندڙ فاروق احمد چنا ويٺل ڳوٺهي خيرو شڪارپور واسي آهي زخمين ۾ مسمات زرينه، علي محمد، امير بخش، واحد بخش ۽ ٻيا شامل آهن بلال ڪوچ شڪارپور کان ڪراچي وڃي رهي هئي جنهن کي ٽرالر جو پٺيان ٽڪر ٿي پيو هن حادثي جي واقعي ۾ ايس آءِ ايڇ ايس ريسڪيو 1122 جو سي او لطف منگريو سينئر آپريشن مئنيجر فريد احمد خاصخيلي، ڊي ايم ڊاڪٽر مائره صبا شاهه اسٽيشن ڪو آرڊينيٽر عبدالرحيم ملڪ ۽ ماجد ملڪ پنهنجي ٽيم سان ڊيوٽي سرانجام ڏني ۽ زخمي کي ريسڪيو ڪيو

بقايا 2 وڌيڪ فوتيون

جانيون ضياءِ ۽30 کان مٿي انسان معذور ٿي ويا ۽ انتظاميه خاموش گمبٽ جي شهرين ۽ گمس اسپتال ايندڙن جو فلائي اوور ڏيڻ جو سنڌ حڪومت کان مطالبو ايشياءِ جي ۽ پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي اسپتال گمس گمبٽ جيڪا گمبٽ اسٽيشن روڊ تي واقعي آهي هن اسپتال ۾ روزانو هزارين مريض پوري پاڪستان کان ايندا آهن جڏهن ته گمس اسپتال ۽ اسٽيشن ڏانهن ويندڙ قومي شاهراهه روڊ تان يوٽرن ۽ فلائي اوور نه هجڻ سبب گمس اسپتال ۽ اسٽيشن گمبٽ ڏانهن گمبٽ جا شهري ۽ پوري پاڪستان کان ايندڙ مريض ۽ شهري پرشاني جو شڪار ٿي ويا آهن گمبٽ اسٽيشن ۽ گمس اسپتال ويندڙ روڊ جيڪو قومي شاهراهه جي سنٽر مان گذري ٿو جڏهن قومي شاهراهه روڊ تي ٽريفڪ جو گذر تمام تيزي سان ٿئي ٿو جنهن سبب فلائي اوور پل هجڻ سبب روزانو حادث ٿين ٿا جڏهن ته گمس اسپتال گمبٽ جي رپورٽ موجب هڪ مهيني اندر 10 کان مٿي گمبٽ جي شهرين سميت پري پري کان ايندڙ ماڻهون تيز رفتاري سبب قومي شاهراهه تي ٽريفڪ سبب فوت ٿي چڪا آهن جڏهن ته 30 مٿي حادثن ۾ معذور ٿي ويا آهن ، گمبٽ سميت آسپاس جي علائقي واسين ۽ اسٽيشن تي ويندڙ مسافرن ۽ گمس اسپتال ايندڙ هزارين مريضن ضلعي انتظاميه سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته خدارا اربين روپيه روڊن رستن تي خرج ڪيا وڃن ٿا ۽ گمبٽ قومي شاهراهه روڊ تي فلائي اوور پل ڏني وڃي ۽ ان پل کان يوٽرن گمبٽ شهر اسٽيشن ۽ گمس اسپتال گمبٽ سٽي اسپتال گمبٽ ڏانهن رستا ڏنا وڃن جنهن انساني جانيون روز جي حادثن کان بچي سگهن. گمبٽ گمس ميڊيڪل ڪاليج ويندڙ ڊاڪٽر شاگردن شاگرديائن ۽ ڊاڪٽرن سنڌ حڪومت ۽ اين ايڇ اي چيئرمين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تي گمبٽ شهر کان گمس ميڊيڪل ڪاليج ويندڙ روڊ قومي شاهراهه روڊ مٿان فلائي پل ڏني وڃي جنهن اسان آسائي سان ميڊيڪل ڪاليج وڃي سگهون

بقايا 3 خلاف پيادل مارچ

سميت ٻارن جي اغوا ميرٽ جي لتاڙ ڪارپوريٽ فارمنگ، انتهاپسندي، ڪرپشن سميت سنڌ دشمن منصوبن خلاف سٽي گيٽ حيدرآباد کان متحد ۽ مضبوط سنڌ پيادل مارچ ڪيو ويو. جيڪو هيرا آباد، سول اسپتال، تلڪ چاڙهي، اسٽيشن روڊ، ڪوهه چوڪ، حيدر چوڪ، گولڊ بلڊنگ کان ٿيندو حيدرآباد پريس ڪلب پهتو پيادل مارچ ۾ قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو ايڊوڪيٽ مظهر راهوجو الطاف خاصخيلي،سنڌياڻي تحريڪ جي شازيا احمداڻي نصرت خاصخيلي، زينت سمون ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ هئا. ان موقعي تي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي وفاقي وزير داخلا محسن نقوي جي تازي بيان سنڌ جي ورهاڱي جي سازش، جلالپور ڪئنال جي منصوبي ۽ تجويز ڪيل 28هين آئيني ترميم کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته سنڌ جا عوام پنهنجن تاريخي، آئيني ۽ جمهوري حقن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندا. محسن نقوي جا بيان وفاقي يونٽن جي وچ ۾ اعتماد کي نقصان پهچائين ٿا. وفاقي حڪومت جو فرض آهي ته اها سڀني صوبن کي برابري جو آئيني ۽ سياسي احترام ڏئي اهڙا بيان محرومي ۽ بيچيني ۾ اضافو ڪن ٿا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جو هر منصوبو ناقابلِ قبول آهي سنڌ هڪ تاريخي تهذيبي ۽ جاگرافيائي وحدت آهي لساني انتظامي يا سياسي بنيادن تي سنڌ کي ورهائڻ جي هر ڪوشش قومي يڪجهتي جي خلاف آهي هن چيو ته سنڌ جو عوام هر سازش جو پريون پرامن ۽ جمهوري مزاحمت ذريعي مقابلو ڪندو جلالپور ڪئنال سميت درياهه سنڌ تي اهڙا سمورا منصوبا جيڪي سنڌ جي حصي جي پاڻي کي متاثر ڪن 1991ع جي آبي معاهدي ۽ بين الصوبائي انصاف جي اصولن جي خلاف آهن هن چيو ته سنڌ اڳ ئي سخت پاڻي کوٽ، زرعي تباهي ۽ انڊس ڊيلٽا جي برٻادي جو شڪار آهي اهڙا منصوبا سنڌ جي معيشت، زراعت ۽ لکين ماڻهن جي مستقبل لاءِ خطرو آهن اياز لطيف پليجي چيو ته تجويز ڪيل 28هين آئيني ترميم جيڪڏهن صوبائي خودمختياري، وفاقي توازن يا آئين جي بنيادي ڍانچي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ آندي پئي وڃي ته قومي عوامي تحريڪ ان جي ڀرپور مخالفت ڪندي ارڙهين آئيني ترميم ذريعي حاصل ٿيندڙ صوبائي اختيارن تي ڪو به سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو اياز لطيف پليجي چيو ته وفاق فوري طور تي سنڌ جي خلاف سڀ تڪراري منصوبا ۽ قدم واپس وٺي آئين جمهوريت ۽ وفاقي اصولن جي پاسداري ڪري هن چيو ته سڀني قومي معاملن کي گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۽ پارليامينٽ ذريعي آئيني طريقي سان حل ڪيو وڃي سنڌ جا عوام پنهنجي پاڻي وسيلن زمين سڃاڻپ ۽ آئيني حقن جي تحفظ لاءِ هر جمهوري فورم تي جدوجهد جاري رکندا. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر شازيا احمداڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار برداشت نه ڪنداسين

بقايا 4 جوابدار گرفتار

جيڪب آباد روڊ تي ڪامياب ڪاروائي ڪندي بلوچستان کان جيڪب آباد طرف ايندڙ ڪار نمبر: بي ايڪس جي: 082 کي روڪي تلاشي ورتي جنهن دوران پوليس ڪار جي اندران 2 ڪلو گرام چرس ۽ 42 ڪلو گرام گٽڪو هٿ ڪري جوابدار نواب شاهه جي رهواسي شهباز پٽ عبدالخالق مڪراڻي کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس هٿ ڪيل سامان پنهنجي تحويل ۾ وٺي گرفتار ٿيل جوابدار کي حد جي ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو جنهن بعد مٿس اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 5 لاش هٿ

ضروري ڪاروائي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر نيو جتوئي پهچايو جتان پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال مورو موڪليو ويو.فوتي شهر ۾ مزدوري ڪندو هو. فوتي نيو جتوئي پرسان ڳوٺ منگو خان ڍهر جو رهواسي ٻڌايو وڃي پيو موت جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 6 وارثن جو احتجاج

افون تي رابطو ڪرائي ويو هٿيارٻندن پاران جنهن ۾ نوجوان وارثن کي اپيل ڪري بچائڻ جو چئي رهيو هو

بقايا 7 جوابدار گرفتار

آءِ اي پوليس ٻبرلو ۾ ڳجهي اطلاع تي پيرڳوٺ موڙ پرسان ڪاروائي ڪندي منشيات فروش عامر ڪلهوڙو کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان شراب جون 48 بوتلون ۽ هڪ ڪار هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو.ٻي ڪاروائي دوران ڪوٽڏيجي پوليس گشت ڪندي منشيات فروش مير حسن گوپانگ کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان 2000 گرام ڀنگ هٿ ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو.ساڳئي ريت شهيد مرتضيٰ ميراڻي پوليس گشت دوران ڪاروائي ڪندي منشيات فروش محمد عمران ٻرڙي کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان نشي آور سپارين جا ٻه پيڪٽ هٿ آيا، جنهن بعد جوابدار خلاف لاڳاپيل ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي انهن ڪامياب ڪاروائين تي پوليس پارٽين کي شاباش ڏيندي سندن پيشاوراڻي ڪارڪردگي کي ساراهيو هن چيو ته ضلعي ڀر ۾ منشيات فروشن ۽ ٻين ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪاروايون جاري رهنديون

بقايا 8 ثقافتي تقريب

شاگردن سماجي شخصيتن ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي ميزباني علامه آءِ آءِ قاضي پبلڪ لائبريري جي انچارج عبدالله قمبراڻي ڪئي جڏهن ته مهمان خاص پاڪستان آرٽس ڪائونسل دادو جي نمائندي تابش بخاري پنهنجي خطاب ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي زندگي، فڪر شاعري، فلسفي ۽ سنڌ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ روحاني ورثي لاءِ سندن لازوال خدمتن تي تفصيلي روشني وڌي هن چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو فڪر صرف سنڌ تائين محدود ناهي پر سڄي انسانيت لاءِ محبت، امن، رواداري، ڀائيچاري، صبر برداشت ۽ انسان دوستي جو عالمي پيغام آهي هن زور ڀريو ته شاهه سائين جي تعليمات تي عمل ڪندي معاشري مان نفرت، انتهاپسندي ۽ تعصب جو خاتمو آڻي سگهجي ٿو جڏهن ته نوجوان نسل کي پنهنجي عظيم صوفي ورثي سان جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي تقريب دوران شاگردن وڏي جذبي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جا بيت، وايون ۽ شاعري نهايت خوبصورت انداز ۾ پيش ڪئي، جنهن تي شرڪت ڪندڙن کين ڀرپور داد ڏني تقريب ۾ ڳالهائيندڙن چيو ته شاهه لطيف جو پيغام سنڌ جي تهذيب، ثقافت، قومي سڃاڻپ ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن جو امين آهي، تنهن ڪري ضروري آهي ته نئين نسل کي سندن فڪر فلسفي ۽ تعليمات کان روشناس ڪرائڻ لاءِ اهڙيون ادبي ۽ ثقافتي تقريبون باقاعدگي سان منعقد ڪيون وڃن آخر ۾ شرڪت ڪندڙن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي اعليٰ فڪر ۽ تعليمات تي عمل ڪرڻ سنڌ جي علمي ادبي ۽ ثقافتي ورثي جي تحفظ، قومي يڪجهتي امن محبت، اخوت ۽ رواداري کي فروغ ڏيڻ لاءِ گڏيل عزم جو اظهار ڪيو جڏهن ته شاهه سائين جي روح جي ايصال ثواب ۽ ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ گڏيل دعا پڻ گهري وئي

بقايا 9 جي بک هڙتال

پي آبادگار جدوجهد ڪميٽي بار خيرپور ناٿن شاهه جي اڳواڻن طبقاتي جدو جهد پورهيت مزاحمتي تحريڪ ۽ ٻيا بک هڙتال تي ويٺا ان موقعي تي رئيس امجد گاڏهي علي سٽي حافظ حاجن لغاري راجا قريشي غلام محمد گاڏهي يعقوب ڪوسو محمد سومر چانڊيو غلام محمد گاڏهي خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب جو صدر قربان علي ٻگهيو تعلقه بار خيرپور ناٿن شاهه جو صدر همت علي گاڏهي سئنير وڪيل شعبان ملاح حفيظ ڪهرو جاويد چانڊيو ڪامريڊ سهيل چانڊيو اعجاز ٻبر طبقاتي جدوجهد ماجد ٻگهيو پورهيت مزاحمتي تحريڪ ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن نارا ڊسٽري ڪئنال جي ڪالرا شاخ پيجاهو ڪڏڻ شاخ سميت ٻين شاخن ۽ واهن ۾ پاڻي جي کوٽ جو ذميوار آبپاشي کاتي جي ڪامورن ۽ چونڊيل نمائيندن کي قرار ڏيندي چيو ته سندن نااهلي سبب هزارين ايڪڙن لاءِ پوکيل سارين جو بيجارو سڪي سڙي رهي آهي پاڻي جي کوٽ ، لکين ايڪڙ زمين آباد ٿي نه سگهندي جنهن ڪري زراعت سان جوڙيل هزارين خاندان بک ۽ بد حالي جو شڪار ٿي ويندا هنن چيو ته ذميوارن فوري طور تي پاڻي نه پهچايو ته سندن بنگلن ۽ آفيسن جو گهيراءِ ڪيو ويندو

بقايا 10 بک هڙتال

تي هن الزام هنيو ته چار سال مڙس عبدالرحمن مارڪٽ ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو جڏهن ته ٻارن جو خرچ گهرڻ،حق مهر جي رقم گهر ۽ طلاق گهرڻ تي موتمار ڌمڪيون تي لهي آيو آهي هن چيو ته مڙس سدائين مارڪٽ جو نشانو بڻائيندو رهيو ۽ مون کي گهر نه ڇڏيو ۽ آخرڪار چار سال مارڪٽ ڪري مونکي ٻارن سوڌو گهران ڪڍي ڇڏيو مڙس ٻارن خرچ نه ڏيڻ سبب گهرن ۾ پورهيو ڪري ٻچن جو پيٽ پالينڊا آهيان هن چيو ته مڙس جاني خطرو آهي ان ڪري مڙس کان طلاق ڏياري تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 11 شهري پريشان

ڪوٽ سبب مختلف موذي ۽ پاڻيءَ سان لاڳاپيل بيمارين جن ۾ پيٽ جون تڪليفون هيپاٽائيٽس، چمڙي جون بيماريون ۽ ٻيون وبائي بيماريون شامل آهن تيزي سان پکڙجي رهيون آهن شهرين جو چوڻ آهي ته ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن جي ڌيان ڇڪائڻ باوجود اڃ تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي ان سلسلي ۾ شهرين احتجاج ڪندي حڪومت، ضلعي انتظاميا حيدرآباد ۽ لاڳاپيل کاتن کان مطالبو ڪيو آهي ته مسو پرڳڙي شهر جي واٽر سپلائي سسٽم پيوريفڪيشن پلانٽ ۽ آر او پلانٽ کي فوري طور تي فعال ڪيو وڃي جيئن شهرين کي صاف ۽ مٺو پيئڻ جو پاڻي فراهم ٿي سگهي ۽ موذي مرضن جي وڌندڙ خطري کي روڪي سگهجي شهرين وڌيڪ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن سندن بنيادي مسئلي جو جلد حل نه ڪيو ويو ته هو پنهنجي احتجاج جو دائرو وڌائيندا. جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي عائد ٿيندي

بقايا 12 اسپتال منتقل

صابر قريشي جو چوڻ آهي ته سندس پٽ جي دوستن سندس موبائل مان سندس ذاتي وائس رڪارڊنگ ڪڍي وائرل ڪئي، جنهن سبب منهنجي پٽ خودڪشي جي ڪوشش ڪئي جيڪڏهن منهنجي پٽ کي ڪجهه ٿيو ته آواز وائرل ڪندڙ دوست ذميوار هوندا.

بقايا 13 اسفند يار ڪرل

فرض سمجهي ٿي اهي ڳالهيون هنگورجا پرسان ڳوٺ خليفو هرياهه ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻن ممتاز هرياهه ۽ غلام مجتبيٰ هرياهه پاران ڪوٺايل هڪ وڏي عوامي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڪيون ان موقعي تي خطاب ڪندي سينيٽر پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه جمهوريت جي مضبوط بحالي آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حقن لاءِ تاريخي قربانيون ڏنيون آهن هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي جدوجهد عوام جي خدمت ۽ جمهوريت جي استحڪام لاءِ هئي جنهن جي مشن کي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ اڳتي وڌايو پيو وڃي پيپلز پارٽي جي اميدوار بئريسٽر اسفند يار ڪرل خطاب ڪندي چيو ته 16 آگسٽ تي پي ايس-30 جو باشعور عوام تير جي نشان تي ٺپو هڻي پاڪستان پيپلز پارٽي کي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪندو هن چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ ۾ روڊن تعليم صحت، پيئڻ جي صاف پاڻي، بجلي ۽ ٻين ترقياتي منصوبن تي تاريخي ڪم ڪرايا آهن جنهن سبب عوام هر چونڊ ۾ پيپلز پارٽي تي پنهنجو اعتماد ظاهر ڪندو رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوام سان ڪيل واعدن کي عملي جامو پارائڻ تي يقين رکي ٿي ۽ مستقبل ۾ به تڪ جي هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو هنن چيو ته مخالف ڌريون عوام کي گمراهه ڪرڻ ۾ ناڪام ٿينديون چو ته عوام هاڻي خدمت ڪندڙ ۽ نعريباز سياست ۾ فرق چڱيءَ ريت سمجهي ٿو عوامي ميڙاڪي ۾ علائقي جي معززين پارٽي ڪارڪنن نوجوانن ۽ وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي جن پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار بئريسٽر اسفند يار ڪرل جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪندي 16 آگسٽ تي تير جي نشان تي ووٽ ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو جلسي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد محرم علي شاهه لڪياري سيد فهد حسين شاهه جيلاني سيد صدا حسين شاهه ،سيد حسن رضا شاهه لڪياري گدا حسين سهتو قلندر بخش راڄپر سميت پ پ پ ڪارڪنن جي وڏي شرڪت ڪئي

بقايا 14 الھ تلھ رک

ويا. ٻاهه لڳڻ سبب گهرن ۾ لڳل سولر پليٽون بيٽريون انورٽر ۽ ٻيو قيمتي گهريلو سامان سڙي ويو ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت وڏي جدوجهد بعد باهه تي ضابطو آندو واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو آهي جڏهن ته متاثر خاندان جو سمورو الھ تلھ سڙي رک ٿي ويو ۽ اهي کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن جڏهن ته اڃا تائين سرڪار پاران سندن ڪابه سهائتا نه ڪئي وئي آهي

بقايا 15 مير بابر لنڊ

جي نالي تي ان مطالبي کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته سنڌ جهڙي حساس معاملي تي بغير ڪنهن مضبوط دليل جي ڳالهائڻ عوام جي جذبن سان کيڏڻ جي برابر آهي سندس چوڻ هو ته هر صوبي جي مسئلن جو حل ان جي ورهاست نه هوندو آهي جيئن هڪ ئي دوا هر مريض لاءِ هڪجهڙو فائدو نٿي ڏئي تيئن هر صوبي لاءِ به هڪ ئي فارمولو لاڳو نٿو ٿي سگهي مير بابر علي خان لنڊ چيو ته پنجاب ۽ خيبر پختونخوا جي ڪجهه علائقن جي تاريخي ۽ انتظامي حيثيت سنڌ کان مختلف ٿي سگهي ٿي پر سنڌ هڪ تاريخي ثقافتي ۽ قومي وحدت آهي جتي جاموٽ، سماٽ، بلوچ ۽ ٻيون قديمي قوميتون صدين کان آباد آهن ۽ اهي سنڌ جي ورهاست جي حمايت نٿيون ڪن هن وڌيڪ چيو ته چند عنصرن جي راءِ کي سموري اردو ڳالهائيندڙ برادري جي نمائندگي قرار نٿو ڏئي سگهجي سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي موقف تي يقين آهي ته آئين موجب اهڙن معاملن جو فيصلو عوامي ريفرنڊم ذريعي ٿيڻ گهرجي ۽ کيس پورو يقين آهي ته سنڌ جا عوام صوبي جي ورهاست واري ڪنهن به تجويز کي واضح طور رد ڪري ڇڏيندا. مير بابر علي خان لنڊ وڌيڪ چيو ته سياسي مقصدن لاءِ اهڙن حساس معاملن کي هوا ڏيڻ سان نفرتن ۾ واڌارو ٿيندو آهي ۽ عوام جا جذبا مجروح ٿيندا آهن هن سنڌ جي ورهاست بابت ڏنل بيانن جي مذمت ڪندي چيو ته قومي يڪجهتي ۽ عوامي هم آهنگي کي نقصان پهچائيندڙ سياست کان پاسو ڪرڻ گهرجي

بقايا 16 قادر مگسي

۽ ملڪي انتظامي ڍانچي بابت ڏنل بيان تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته ملڪ جا موجوده مسئلا ۽ بحران خراب حڪمراني (Bad Governance)جو نتيجو آهن انهن جو حل نوان صوبا ٺاهڻ نه، پر ملڪ جي سمورن صوبن ۽ قومن کي برابريءَ جي بنياد تي سندن آئيني، سياسي ۽ معاشي حق ڏيڻ ۾ آهي هن چيو ته ملڪ جو استحڪام طاقت جي مرڪزيت، صوبن جي اختيارن ۾ گهٽتائي يا نون انتظامي تجربن ۾ نه، پر قومن ۽ صوبن کي سندن تاريخي، سياسي ۽ آئيني حق ڏيڻ ۾ آهي هن مطالبو ڪيو ته ملڪ ۾ نئين آئين ساز اسيمبلي جون چونڊون ڪرايون وڃن جنهن ۾ سمورن صوبن ۽ قومن کي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڏني وڃي جيئن ملڪ جي نئين سر آئيني ۽ وفاقي جوڙجڪ جو تعين ڪري سگهجي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ملڪ ۾ جاري سياسي، معاشي ۽ انتظامي تباهي جا ذميوار ڪرپٽ حڪمران ۽ اهي قوتون آهن، جيڪي گڏيل ڪيترن ڏهاڪن کان عوام جي راءِ بدران پنهنجي پسند جا حڪمران اقتدار ۾ آڻينديون رهيون آهن نتيجي ۾ ملڪ جا ادارا ڪمزور ٿيا، بدعنواني وڌي ۽ عام ماڻهو انصاف، روزگار تعليم صحت ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي عدالتي نظام مان عام ماڻهو کي وقت سر انصاف نٿو ملي جڏهن ته حڪمران عوام جي فلاح ۽ بهبود بدران پنهنجي اقتدار ذاتي مفادن ۽ مراعاتن جي تحفظ ۾ مصروف آهن ڊاڪٽر قادر مگسي ملڪ ۾ صدارتي نظام آڻڻ لاءِ ٿيندڙ ماحول سازي کي سختيءَ سان رد ڪندي چيو ته صدارتي نظام ماضي ۾ به آزمايو ويو جيڪو مڪمل طور ناڪام ثابت ٿيو هاڻي بيهر اهڙي نظام لاءِ رستو هموار ڪرڻ جمهوريت، وفاقيت ۽ صوبائي خودمختياري خلاف قدم هوندو هن چيو ته سنڌ اسان جو تاريخي مادر وطن آهي سنڌ جي وحدت، وسيلن، قومي سڃاڻپ ۽ جاگرافيائي حدن خلاف ڪنهن به سازش، منصوبي يا مداخلت کي سنڌ جو عوام هرگز قبول نه ڪندو سنڌ ترقي پسند پارٽي سنڌ جي قومي وجود، حقن ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جمهوري جدوجهد جاري رکندي

بقايا 17 وارثن جو احتجاج

ڪيو . ان سلسلي ۾ ٻڏي ويل 20 سالن نادر ڪلهوڙو جي پيءُ محڪم ڪلهوڙو پوليس اهلڪارن تي الزام هڻندي چيو ته منهنجو پيءُ روهڙي ڪينال تي مال چاريندڙ ڌنار لاءِ ماني کڻي وڃي رهيو هيو ته پوليس اهلڪارن عبدالجبار ڪلهوڙو عابد ڪلهوڙو ۽ ٻين کيس کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته نادر ڪلهوڙو روهڙي ڪينال ۾ خوف ۾ ٽپ هنيو جيڪو ٻڏي ويو ڪافي ڳولا باوجود هن مهل تائين نه ملي سگهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پوليس اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.جڏهن ته تازو اسان جي چاچي معشوق ڪلهوڙي کي 16 جولائي تي پرياسٽي ڊي ايس پي هيڊ ڪوارٽر مسمات مختيار ڪلهوڙي جي درخواست تي گهرائي ان مٿان بنا جواز چرس جو ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن جو پوليس ليٽر پڻ موجود آهي .. هنن چيو ته انتظاميا ۽ ريسڪيو ٽيم کي بار بار ڪال ڪري رهيا آهيون ڪو به اچڻ لاءِ تيار ناهي خدشو آهي ته نوجوان ٻڏي مري ويندو هنن اعلي اختيارن ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز اسسٽنٽ ڪمشنر پريا ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته ريسڪيو ٽيم موڪلي نوجوان کي روهڙي ڪينال مان ڪڍڻ ۾ مدد ڪرائي وڃي. جڏهن ته آخري اطلاع تائين نوجوان جو لاش هٿ نه اچي سگهيو.. ٻئي ايس ايڇ او پريا الزامن کي رد ڪندي چيو ته آءِ ڄاڻايل پوليس پارٽي سان پرياروڊ اسپيشل ڊيوٽي ۾ ويل هيس.

بقايا 18 خلاف احتجاج

عوامي سهولتن جي کوٽ خلاف وائيس آف راڻيپور پاران پبلڪ هيلٿ کاتي جي ايس ڊي او راڻي پور جي آفيس اڳيان احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين هٿن ۾ نعرا لکيل پليڪارڊ کڻي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته ان موقعي تي "ايس ڊي او هٽايو شهر بچايو" سميت مختلف نعرا پڻ هنيا ويا، احتجاجي ريلي جي اڳواڻي وائيس آف راڻيپور جي اڳواڻن علي امداد لاڙڪ، شوڪت علي ڳانگهرو، بهادر علي لاڙڪ، خان سرڪي، اعجاز لاڙڪ، قدير دايو، فرمان لاڙڪ، علي اڪبر نديم لاڙڪ، شاهنواز وساڻ ۽ ٻين ڪئي مظاهرين پاران پبلڪ هيلٿ کاتي جي مبينا بي ضابطگين خلاف سخت نعريبازي ڪندي فوري طور تي نوٽيس وٺڻ ۽ شهر اندر رڪيل ترقياتي ڪم مڪمل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته پبلڪ هيلٿ راڻي پور جو ايس ڊي او انجنيئر ۽ لاڳاپيل ٺيڪيدار مبينا طور تي پاڻ ۾ ملي ڀڳت ڪري شهر ۾ نالي ماتر ۽ من پسند هنڌن تي پيور بلاڪ لڳرائي ترقياتي اسڪيمن جي نالي تي ڪروڙين رپين جا مبينا جعلي بل تيار ڪرائي رقم هڙپ ڪرڻ ۾ مصروف آهن هنن چيو ته ڪيترن ئي علائقن ۾ عوام کي بنيادي سهولتون به ميسر ناهن جڏهن ته سرڪاري رڪارڊ ۾ ترقياتي ڪم مڪمل ڏيکارڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته جيڪڏهن ترقياتي اسڪيمن لاءِ جاري ٿيندڙ سرڪاري فنڊ شفاف نموني خرچ ڪيا وڃن ته راڻي پور شهر جا ڪيترائي بنيادي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا پر مبينا ڪرپشن ۽ ناقص منصوبا بندي سبب شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ جاري ۽ مڪمل ٿيل سمورن ترقياتي ڪمن جو غيرجانبدارانه معائنو ڪرائي انهن جي معيار ۽ خرچ ٿيل رقم جو رڪارڊ عوام آڏو آندو وڃي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ مبينا بي ضابطگين ڪرپشن جون شڪايتون مسلسل سامهون اچڻ باوجود ذميوارن خلاف ڪاروائي نه ٿيڻ سواليا نشان آهي هنن مطالبو ڪيو ته لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٺيڪيدارن خلاف شفاف جاچ ڪرائي جيڪڏهن الزامن ۾ صداقت ثابت ٿئي ته ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ شهر ۾ حقيقي بنيادن تي ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن. وائيس آف راڻيپور جي اڳواڻن اعليٰ اختيارين، ايف آءِ اي ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کي اپيل ڪئي ته راڻي پور ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي ترقياتي اسڪيمن، ٺيڪن، بلن ۽ خرچ ٿيل سرڪاري فنڊن جو مڪمل آڊٽ ڪرائي معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبن تي فوري عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌائيندي باقاعده احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 19 لاش رکي ڌرڻو

مقابلي دوران گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ نوجوان حيدر علي رواهي بليدي کي قتل ۽ سندس سئوٽ بجل رواهي بليدي کي زخمي ڪرڻ جي دعوي ڪئي وئي واقعي کان پوءِ مقتول جي لاش کي جيڪب آباد جي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن زخمي ٿيل بجل رواهي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو جي اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو اطلاع تي وارث سول اسپتال پهچي مقتول نوجوان جي لاش کي ڏسندي ئي روئيندا رهيا، ڊاڪٽرن پاران نوجوان جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ايمبولينس ذريعي ڪٺائي پريس ڪلب آڏو پهتا جتي مڇريل ماڻهن لاش رکي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مقتول جي پيءُ علي نواز محمد قاسم رواهي بليدي وارن صحافين کي ٻڌايو ته لياقت، رانجهن رواهي بليدي وارن سان اسان جو تڪرار هلندڙ آهي جيڪب آباد پوليس انهن سان گڏجي اسان سان ناجائزي ڪئي آهي رات دير سان اسان جا نوجوان دودايور وڃي رهيا هئا ۽ فائرنگ ٿي جنهن ۾ اسان جو هڪ نوجوان مارجي ويو ۽ هڪ زخمي ٿيو جنهن بعد پوليس پهچي مقابلي جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي آهي جيڪا زيادتي آهي هنن چيو ته اسان کي شڪ آهي ته اسان جي دشمنن اسان جي نوجوان کي قتل ڪري پوليس حوالي ڪيو آهي يا وري پوليس عملدارن انهن کا رشوت وٺي اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو آهي هنن چيو ته پوليس تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ڏني وئي آهي پر هتي ته پوليس اسان جا بيگناهه نوجوان کهي رهي آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس کان گهر ڪندي چيو آهي ته اسان جي نوجوان جي قتل جو نوٽيس وٺي قتل ۾ ملوث پوليس عملدارن سميت رانجهن ۽ لياقت رواهي وارن مٿان ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي پاسي حد جي بقا محمد ٿاڻي تي پوليس عملدار نصير الدين ڪلهوڙو جي فرياد تي گناهه نمبر: 2026/17 تحت پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل جوابدار حيدر علي رواهي بليدي ۽ 4 نامعلوم جوابدارن مٿان اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 20 4جوابدار گرفتار

سان وابسته 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتي سندن ٻه ڪارون پڻ ضبط ڪيون جڏهن ته سندن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي پوليس موجب پهرين ڪاروائي سامارو موڙ تي چيڪنگ دوران آلٽو ڪار نمبر BZ-409 کي روڪي تلاشي دوران جوابدار علي اڪبر راڄڙ ۽ غلام مصطفيٰ راڄڙ کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان ڏيڍ ڪلو آفيم هٿ ڪئي ٻئي ڪاروائي ۾ دوروناڙو روڊ تي ڪوري گاڏي نمبر AGR-354 کي روڪي تلاشي دوران جوابدار غلام رسول جٽ ۽ گهمن ڀيل کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان اڍائي ڪلو آفيم هٿ ڪئي ايس ايڇ او سٽي نور محمد نوحاڻي موجب گرفتار ڪيل چارئي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪيون پيا شروعاتي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته جوابدار سانگهڙ ۽ ميرپورخاص جا رهواسي آهن جيڪي عمرڪوٽ سميت سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ آفيم وغيره سپلائي ڪن ٿا امڪاني سهولتڪارن ۽ نيٽ ورڪ بابت پڻ جاچ ڪئي پئي وڃي هوڏانهن گرفتار جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو جتان عدالت کين جوڊيشل ريمانڊ تي سب جيل اماڻي ڇڏيو

بقايا 21 ورهائڻ جي تقريب

مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ سانول ڪيريو احسان شاهه قاضي جاويد سنائي حيدر خانزاده ايوب ڪوسو پرويز سومرو علي رضا ماڇوڪو ۽ ٻين الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته الخدمت فائونڊيشن سڪرنڊ واسين جي بهترين خدمت ڪري رهي آهي جنهن تي الخدمت جا دوست جس لهڻن تقريب جيڪا الخدمت فائونڊيشن جي ضلعي صدر عمران باجوه جي صدارت هيٺ ٿي جنهن ۾ ضلعي نائب صدر توصيف رحماني پروگرام جو مقصد بيان ڪيو جن کان اسٽيج سيڪريٽري نثار راجپوت ترتيب وار ويچار ورتا جن ۾ سيد محمد يونس . عمران باجوه راشد مڪرم عاشق پناڻ ۽ زبير منصوري الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته الخدمت فائونڊيشن بنا ڪنهن فرق جي عوام جي خدمت ڪري رهي آهي جنهن ۾ اڄ وارو پروگرام ان ڪري اهميت وارو آهي جو اهڙن پروگرامن سان روزگار جا ذريعا پيدا ٿي ٿا پون مشينون رڪشا ۽ روڪ رقم حاصل ڪرڻ وارا چاهين ته هو سڄي عمر پنهنجن پيرن تي بيهي مستقل روزگار ڪري سگهن ٿا ڪين ڪنهن آڏو هٿ ٽنگڻ جي ضرورت نه پوندي تقريب جي پڄاڻي تي مشين رڪشا ۽ روڪ رقم حاصل ڪندڙن الخدمت فائونڊيشن جو شڪريو ادا ڪيو ان دوران چاچا انوار راجپوت آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

بقايا 22 جوابدار گرفتار

جي فرياد تي چار جوابدارن مريد راڄپر رانجهن راڄپر ڏڳاڻو ۽ عمر راڄپر تي مختلف قلمن هيٺ ايف آءِ آر پرياسٽي ٿاڻي تي داخل ڪري ورتي آهي ان سلسلي ۾ قتل جي الزام ۾ گرفتار جوابدار مريد راڄپر چيو ته مقتول منهنجو ڀيٽيو هو اسان قتل ڪرڻ جو سوچي به نٿا سگهون بي گناهه ڦاسايو ويو آهي مقتول بيمار رهندو هو ڪيس اٽيڪ پيو آهي پرياسٽي پوليس اسان جي گهرن ۾ گهڙي پيٽين مان سامان ڪڍي سونا زيور ۽ ٻيو سامان کڻي وئي آهي جڏهن ته هڪ مينهن هڪ ڳئون ۽ 40 کان وڌيڪ ٻڪريون ۽ ڇيلا ۽ پڻ پوليس کاهي وئي آهي اسان جي دانهن ٻڌڻ وارو ڪو به ناهي ايس ايس پي نوشهروفيروز شفاف جاچ ڪري انصاف فراهم ڪريو وڃي ٻئي پاسي پرياسٽي پوليس موجب مقتول جي ڪيس ۾ ٻه جوابدار مريد راڄپر ۽ عمر راڄپر کي گرفتار ڪيو آهي باقي جوابدار جلد گرفتار ڪيا ويندا....

بقايا 23 شخص فوت

تعلقا اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. فوتي جي سڃاڻپ جميل ولد فضل بروهي طور ٿي آهي، جيڪو سرڪاري گودام ڪالوني ڏگهڙي جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو.مقامي ماڻهن موجب فوتي منشيات آئيس جي استعمال جو عادي هو.واقعي تي شهرين ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڏگهڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ نوجوانن ۾ آئيس سميت ٻين منشيات جو استعمال تيزي سان وڌي رهيو آهي، جيڪو انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل آهي. شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته منشيات جي وڪري ۽ استعمال خلاف بنا دير سخت ڪاروائي عمل ۾ آڻي ان ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃيءَ نئين نسل کي آئس جهڙي زهر کان بچايو وڃي

بقايا 24 ڪراين ۾ واڌ

تي سفر جا ڪرايا وڌائي ڇڏيا آهن جنهن ڪري عام ماڻهو بيٺي پريشاني ۾ مبتلا آهن.ان سلسلي ۾ شهرين ۽ سماجي ڌرين محمد اسحاق پنهون عبدالقيوم اوڊ ڊاڪٽر علاوه الدين مهس سينئر صحافي شهمير علي جمالي، فقير غلام علي سولنگي ۽ ٻين چيو ته وڌندڙ مهانگائي غريب عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي هنن چيو ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ هر واڌ کان پوءِ روزمره استعمال جون شيون ۽ ٽرانسپورٽ جا ڪرايا بنا ڪنهن سرڪاري ضابطي جي وڌايا وڃن ٿا جڏهن ته ڪيترائي واپاري ۽ دڪاندار به هٿرادو مهانگائي ڪري ناجائز منافعو ڪمائي رهيا آهن هنن حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي، روزمره استعمال جي شين جي مقرر اگهن تي عملدرآمد ڪرائڻ سان گڏ ٽرانسپورٽ ڪراين تي به ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ هٿرادو مهانگائي ڪندڙ واپارين ۽ ناجائز ڪرايا وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي، جيئن عوام کي رليف ملي سگهي

بقايا 25 احتجاجي ريلي

عرفان ٻجيس ضمير بلاڻائي مقصود بليدي، عبدالرئوف ٻجيس فياض جنجهي عطاالله هنگورجي ۽ ٻين ريلي جي اڳواڻي ڪندي چيو ته ايس پي ايس سي جي گيٽ سامهون ميرٽ جي بحالي لاءِ جاري ڌرڻي ۾ ويٺل نوجوانن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي آهي. اسان جو مطالبو آهي ته ميرٽ جي بحالي، شفاف ڀرتين ايس پي ايس سي ۾ سڌارن سي سي اي 2024 جا نتيجا رد ڪري امتحان بيهر وٺڻ چيئرمين ۽ ميمبرن کان استعيفائن ۽ مبينا ڪرپشن خلاف جوڊيشل جانچ ڪري ميرٽ کي بحال ڪيو وڃي، انهن چيو ته سنڌ حڪومت ايس پي ايس سي کي هڪ دڪان بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن تان پئسن عيوض نوڪرين جو وڪرو ٿئي ٿو نتيجي طور محنت ڪش نوجوان مايوسي جو شڪار ٿين ٿا ۽ انتها جا قدم کڻڻ تي مجبور ٿين ٿا، هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت هڪ اداري ۾ ميرٽ بحال ناهي ڪري سگهي ته سموري حڪومت جو نظام ڪيئن هوندو؟ انڪري انهن پاران سنڌ جي وڏي وزير کان استعيفي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا 26 تربيتي ورڪشاپ

جي پيشوراڻي ، فني ۽ قيادتي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻڻ خاص طور تي سرڪاري ۽ انتظامي معاملن ۾ مصنوعي ذهانت جي مؤثر استعمال بابت ڄاڻ ۽ مهارت فراهم ڪرڻ آهي ورڪشاپ جو اهتمام پروفيسر ڊاڪٽر حسام الدين شيخ ۽ انسپيڪٽر آف ڪاليجز سيد منير راشدي جي نگراني ۾ قائم ڪيل آرگنائيزنگ ڪميٽي ڪيو هن شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪندي تربيتي پروگرام جي مقصدن ۽ اهميت تي روشني وڌي.شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ آن لائن خطاب ڪندي آرگنائيزنگ ڪميٽي جي ڪوششن کي ساراهيو ۽ چيو ته اهڙا صلاحيت وڌائڻ وارا پروگرام يونيورسٽي آفيسرن جي فني، انتظامي ۽ قيادتي صلاحيتن کي مضبوط بڻائڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪن ٿا وائيس چانسلر پنهنجي خطاب ۾ سرڪاري ۽ انتظامي ڪمن ۾ مصنوعي ذهانت جي وڌندڙ اهميت تي زور ڏيندي چيو ته سکڻ جي عمل لاءِ عمر جي ڪا به حد ناهي. هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته مستقبل ۾ به اهڙيون ورڪشاپ باقاعدگي سان منعقد ڪيا ويندا ته جيئن يونيورسٽي جي آفيسرن ۽ وزارتي عملي جي پيشوراڻي صلاحيتن ۾ وڌيڪ بهتري آڻي اداري جي مجموعي ڪارڪردگي کي مضبوط بڻائي سگهجي.افتتاحي اجلاس جي صدارت فزيڪل سائنسز فيڪلٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نور احمد شيخ ڪئي هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته جديد آفيس مينيجمينٽ ۽ انتظامي معاملن ۾ مصنوعي ذهانت جي اهميت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي هن چيو ته هي ورڪشاپ شرڪت ڪندڙن کي جديد ڄاڻ ۽ عملي مهارتون فراهم ڪندو جيڪي سندن پيشوراڻي ڪارڪردگي ۽ ڪم جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو هن سڀني شرڪت ڪندڙن تي زور ڀريو ته هو تربيتي سيشنن ۾ ڀرپور شرڪت ڪن ۽ سکيل طريقن کي پنهنجي آفيسن ۾ عملي طور لاڳو ڪن.افتتاحي اجلاس ۾ پروفيسر ڊاڪٽر ارم راڻي شيخ ۽ پروفيسر ڊاڪٽر مسيح الله جتوئي پڻ شرڪت ڪئي.افتتاحي تقريب ۾ رجسٽرار ڊائريڪٽر فنانس انسپيڪٽر آف ڪاليجز ايڊيشنل رجسٽرار ڊائريڪٽر ايڊميشنز مختلف انتظامي شعبن جا سربراهه انتظامي آفيسر سينيئر ڊيٽا پروسيسنگ آفيسر ۽ يونيورسٽي جا ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.ورڪشاپ جو فني تربيتي سيشن ڊاڪٽر محسن ڪاظمي ۽ ڊاڪٽر فرحان شهزاد پاران ڪرايو ويو جن انتظامي معاملن ۾ مصنوعي ذهانت جي استعمال بابت ڄاڻ ڏني شرڪت ڪندڙن پهرين ڏينهن دوران انٽرايڪٽو تربيتي سرگرمين ۾ ڀرپور دلچسپي سان حصو ورتو.ورڪشاپ 31 جولاءِ 2026 تائين جاري رهندو جنهن دوران وڌيڪ فني سيشن عملي مشقون ۽ بحث مباحثا منعقد ڪيا ويندا جن جو مقصد يونيورسٽي آفيسرن کي جديد ڊجيٽل انتظامي ۽ قيادتي مهارتن سان آراسته ڪرڻ آهي

بقايا 27 سيڪيورٽي پلان تيار

ڪاميٽي روم ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي گڏيل صدارت ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتراڻ ڪئي اجلاس ۾ پاڪ فوج جي ڪرنل احسن ميجر عقيل، ڪيپٽن عبدالباسط، رينجرز حساس ادارن صحت کاتي، سيپڪو پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ مينيجر عارف عباسي، ريسڪيو 1122، ميونسپل ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران ضلعي ۾ چهلم حضرت امام حسينؓ جي جلوسن ۽ مجلسن لاءِ سيڪيورٽي صفائي سٿرائي، بجلي، طبي سهولتن هنگامي امداد ۽ ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ان موقعي تي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد چيو ته مجلسون ۽ جلوس مقرر ڪيل وقت موجب منعقد ڪيا وڃن ته جيئن بهتر انتظامن کي يقيني بڻائي سگهجي هن صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ ۽ ريسڪيو 1122 کي الرٽ رهڻ ۽ لاڳاپيل اسپتالن ۽ ريسڪيو اسٽيشنن تي ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيڪل عملي جي موجودگي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل آفيسرن کي پڻ هدايت ڪئي ته جلوسن جي سمورن رستن جي فوري صفائي ڪرائي وڃي، سيٽي مين هول محفوظ نموني بند ڪيا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا سستي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتراڻ چيو ته ضلعو گهوٽڪي هميشه مذهبي هم آهنگي ڀائيچاري ۽ امن جو بهترين مثال رهيو آهي ۽ ملڪ دشمن عنصر اهڙن مذهبي موقعن تي فساد ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تنهنڪري سمورن لاڳاپيل ادارن کي مڪمل طور چوڪس رهڻو پوندو ته جيئن ڪنهن به شرپسند کي امن خراب ڪرڻ جو موقعو نه ملي هن چيو ته چهلم جي موقعي تي امن امان برقرار رکڻ لاءِ جامع سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي هن عالمن ۽ جلوسن جي منتظمن کي به اپيل ڪئي ته انتظاميه سان مڪمل سهڪار جاري رکيو وڃي، جو ته گڏيل تعاون سان ئي بهترين انتظام ممڪن بڻائي سگهجن ٿا. ان موقعي تي پاڪ فوج جي ميجر عقيل چيو ته پاڪ فوج هر وقت الرٽ آهي ۽ ضلعي انتظاميه سان مڪمل تعاون جاري رکيون پئي وڃي هن يقين ڏيارو ته چهلم حضرت امام حسينؓ دوران جيڪا به ذميواري پاڪ فوج کي ڏني ويندي، اها مڪمل ذميواري ۽ ڀرپور نموني سان نڀائي ويندي ته جيئن ضلعي ۾ امن وارو ماحول برقرار رهي

بقايا 28 احتجاج

ٿئي گذريل رات نامعلوم چورن اسان جي گهر جي ڀت ٽوڙي لکين رپين جي ماليت جا ٻڪريون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن اطلاع باوجود پوليس نه پهتي آهي انهن چيو ته اسان غريب مسڪين ماڻهو آهيون اسان جو گذر سفر چوپائي مال تي آهي نامعلوم چورن خلاف ڪاروائي ڪري قيمتي ٻڪريون واپس ڪرائي ڏنا وڃن ياد رهي هڪ ڏينهن اڳ نصيرواهه تي ن ليگ اڳواڻ تعلقه مٽياري نصرالله عاقلاڻي کان نامعلوم چور موٽرسائيڪل روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا گذريل رات اوڏيرولال وليج ٿاڻي جي حد خليفو يار محمد شاهه وڻان مائٽن کان تعزيت ڪري واپس ايندڙ ميرا آباد واسي سليم خاصخيلي کان نامعلوم هٿيارٻندن موٽرسائيڪل ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا اوڏيرولال ۽ ڀرپاسي وڌندڙ بدامني تي علائقي واسين سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو نوٽيس وٺي نامعلوم چورن ۽ ڦورن خلاف ڪاروائي ڪري عوام جي پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 29 گرفتاري جو مطالبو

موٽرسائيڪل ڦر جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران هٿيارٻندن 50هزار روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڀرپاسي جي ماڻهن خبر پوڻ تي هٿيارٻندن موٽرسائيڪل ڇڏي فرار ٿي ويا. هن چيو ته واقعي بابت حد جي ٿاڻي تي اطلاع ڪيو پر پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪو به تحرڪ نه ورتو آهي هن چيو ته ڦورو جوابدارن سان هڪ جوابدار نور حسن کي سڃاتو آهي پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي مٽياري کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 30 سلسلو جاري

قائم خاني اعجاز قائم خاني جاويد قائم خاني رياض راجپوت، توفيق آرائين، منظور قاسم رسالدار قائم خاني سابق ڪائونسلر ڊاڪٽر لڇمڻ ۽ ٻين سيد بلند شاهه هائوس پهچي وارثن سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي بلند درجات لاءِ دعا ڪئي-

بقايا 31 خلاف احتجاج

ورڪر عورتن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته اهو فيصلو فوري طور واپس ورتو وڃي مظاهرين جو چوڻ هو ته ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام عوام کي بنيادي صحت جون سهولتون ماءُ ۽ ٻار جي صحت، حفاظتي ٽيڪاڪاري ۽ پوليو مهم سميت اهم خدمتون فراهم ڪري رهيو آهي تنهن ڪري هن پروگرام کي ڪنهن ٻئي اداري حوالي ڪرڻ سان نه رڳو هزارين ملازمن جو مستقبل داءُ تي لڳندو پر صحت جون بنيادي خدمتون پڻ متاثر ٿينديون احتجاج ڪندڙن چيو ته هو سنڌ حڪومت جو اهو فيصلو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا ۽ جيڪڏهن حڪومت پنهنجو فيصلو واپس نه ورتو ته احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ تائين وڌايو ويندو هنن وڌيڪ چيو ته ملازمن جي حقن تي ڪو به سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو ليڊي هيلٿ ورڪرن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پروگرام جي سڃاڻپ، ڍانچي ۽ بجيٽ کي برقرار رکيو وڃي، ملازمن کي مڪمل تحفظ ڏنو وڃي ۽ ڪنهن به قسم جي نجڪاري يا آئوٽ سورسنگ کان پاسو ڪيو وڃي اهڙن خدشن بابت يونين اڳ به احتجاج ۽ پريس ڪانفرنسن ذريعي پنهنجو موقف ظاهر ڪري چڪي آهي.

بقايا 32 ضلعي ۾ ٿيندي

سپيريئر سائنس ڪاليج خيرپور شامل آهن.ذريعن موجب چونڊن جو سامان ۽ بيلٽ پيپر 1 آگسٽ جي شام تائين لاڳاپيل پولنگ اسٽيشنن تي پهچايو ويندو ڪنهي پولنگ اسٽيشنن تي مردن ۽ عورتن جا گڏيل رجسٽرڊ ووٽر 65 آهن.ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي موجب چونڊن دوران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪنهي پولنگ اسٽيشن تي سي سي ٽي وي ڪيمرائون جو بندوبست ڪيو ويو آهي

بقايا 33 منعم ظفر خان

ڪندي چيو آهي ته شهر کي سرسبز بڻائڻ لاءِ هر شهري کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ پوکي ان جي سنڀال ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته وڻ پوکڻ صدقو جاريه آهي ۽ موجوده حالتن ۾ شجرڪاري وقت جي اهم ترين ضرورت بڻجي چڪي آهي هن چيو ته ڪراچي ۾ گرين ڪور رڳو 2 سيڪڙو آهي، جڏهن ته اهو گهٽ ۾ گهٽ 25 کان 30 سيڪڙو هجڻ گهرجي موسمياتي تبديلي، هيٽ ويو ۽ شهري ٻوڏن جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڏي پيماني تي شجرڪاري ضروري آهي ريڊ لائين ۽ گرين لائين منصوبن دوران هزارين وڻ ڪٽيا ويا، جنهن سبب ڪراچي آهستي آهستي ڪنڪريٽ جي جنگل ۾ تبديل ٿي رهيو آهي منعم ظفر خان چيو ته جماعت اسلامي جي ٽائون ڪائونسل 278 پارڪ بحال ڪيا آهن ۽ ڪيترائي اربن فاريسٽ قائم ڪيا آهن، جڏهن ته هاڻي هر ٽائون ۾ هڪ نئون اربن فاريسٽ قائم ڪيو ويندو واٽر هارويسٽنگ ۽ وضو جي پاڻي کي محفوظ بڻائي شجرڪاري کي هٿي ڏني ويندي، جڏهن ته عورتون به هن مهم ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون پهرين آگسٽ تي اداري نور حق ۾ عورتن لاءِ خصوصي پلانٽيشن پروگرام پڻ منعقد ڪيو ويندو هن چيو ته ڪراچي کي سرسبز بڻائڻ صرف حڪومت جي ذميواري نه، پر هر شهري جي قومي ذميواري آهي سائنسي رپورٽن موجب هر ست ماڻهن جي مقابلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ هجڻ گهرجي، منعم ظفر خان حڪومت تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته حڪمرانن ڪراچي جو مينڊيٽ ڦري شهر کي تباهي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. فارم 47 جي پيداوار حڪمران عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن جڏهن ته پيپلز پارٽي ڪراچي ۾ تباهي ۽ ڪرپشن جي علامت بڻجي وئي آهي هن دعويٰ ڪئي ته ڪراچي ۾ گذريل ڇهن مهينن دوران 40 هزار کان وڌيڪ اسٽريٽ ڪرائيم جا واقعا پيش آيا، شهري ڦرجن ۽ قتل ٿين ٿا، پر حڪومت خاموش تماشائي بڻيل آهي منعم ظفر خان چيو ته حڪمران شاهانه خرچ گهٽائين جو ته عوام ٻن وقتن جي ماني لاءِ به پريشان آهي پيٽروليم ليوي عوام تي مڙهيل اضافي بار آهي جيڪو وڌيڪ برداشت نه ڪيو ويندو پيٽرول سستو ٿيڻ باوجود عوام کي ڪو فائدو نٿو ڏنو وڃي پر قيمتون وڌڻ شرط مهانگائي فوري وڌائي ويندي آهي هن اعلان ڪيو ته 3 آگسٽ تي عورتن جو وڏو احتجاجي مارچ شاهراه قائدين تي ڪيو ويندو جڏهن ته 7 آگسٽ تي سڄي ڪراچي ۾ پيٽروليم ليوي خلاف عوامي احتجاج ٿيندو هن چيو ته جماعت اسلامي عوام جي خدمت سان گڏ ظلم واري نظام خلاف پنهنجي جدوجهد به جاري رکندي

بقايا 34 احتجاج

پاڻي نه پهچڻ خلاف هٿن ۾ مختلف نعرن ۽ مطالبن جا بينر کڻي آبپاشي کاتي جي عملدارن جي نااهلي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ٽهڪ اس ۾ هڪ ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ حاڪم ڪوسو گلزار ڪوسو بابل لطيف ڪوسو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته آبپاشي کاتي جي عملدارن جي ڪرپشن ۽ نااهلي سبب شاهه اويس پمپنگ اسڪيم جي پڇڙي تائين پاڻي نه پهچڻ سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل نه رڳو سڪي رهيو آهي پر ڪيترن ئي ايڪڙن تي بيٺل فصل پڻ سڙي ويو آهي جنهن سان آبادگارن کي لکين روپين جو معاشي نقصان ٿيو آهي جنهن جو آبپاشي کاتي جي عملدارن کي ڪوبه احساس ناهي، سندن نااهلي سبب شاخ جي بجلي فيڊر تي 200 کان وڌيڪ غيرقانوني ڪنڊا لڳل آهن شاخ کي غيرقانوني توليون ۽ ڏڪا لڳايا ويا آهن منڊ ۾ واٽر ڪورسز جي سائيز وڌائي پاڻي کنيو وڃي ٿو هنن چيو ته اسان ڪافي ڀيرا احتجاج ڪيا آهن جنهن ڪانپوءِ آبپاشي کاتي جي عملدارن پاران پاڻي ڏيڻ جي خاطري ڪرائي ٿي وڃي، پر ان تي عمل نٿو ٿئي جيڪا سراسر ناانصافي ۽ اسان جي احتجاجن جي توهين آهي. هنن چيو ته ڪيترن ئي ورهين کان شاهه اويس پمپنگ اسڪيم جي شاخ جي ڪوٽائي ٽوڙي صفائي ناهي ٿي سگهي ، جنهن سان پڇڙي تائين پاڻي نٿو پهچي هنن چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن اڄوڪي احتجاج کي نظر انداز ڪيو ويو ته زرعي پاڻي جي حاصلات لاءِ انڊس هاءِ وي تي فيصلائتو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 35 احتجاجي مظاهرو

ڪندڙ شهرين ۽ ڳوٺاڻن فقير عبدالنبي ساريو احسان مري، نثار احمد، جبل سنڌي، برڪت علي جويو نبي بخش ملاح، ممتاز علي، عبدالرزاق، نديم احمد ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته ڪڪڙ شهر سميت ٻين ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ خانپور جوڻيجو درمحمد ابڙو ٿرڙي جادو شهيد، پيارو اسٽيشن، ڳوٺ ڏڳا، رڪڻ، پاٽ شريف قصبو ۽ ٻيا ڪيترا ڳوٺ اچي وڃن ٿا جتي زيڊ ايڪيهن نشي آور سپارين وڪرو ٿين ٿيون جنهن سبب معصوم ٻار ۽ نوجوان نسل زهريلي سپارين جو عادي ٿي زندگي برٻاد ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ ڏانهيندي چيو ته اسان جي بار بار احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ به منشيات فروشن خلاف ڪابه ڪاروائي نه ٿي ڪئي وڃي جڏهن ته لوڪل انتظاميا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ ناهي جنهن سبب منشيات فروش بنا خوف جي شهرن ۽ مختلف ڳوٺن ۾ زيڊ ايڪيهن سپارين جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن جن کان ڪوبه پڇڻ وارو ناهي جيڪي معصوم زندگيون اجاڙي رهيا آهن جڏهن ته منشيات فروشن خلاف ڪاروائي نه ٿيڻ سبب منشيات فروش بنا خوف جي سپارين جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڊي سي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاهه ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ زيڊ ايڪيهن نشي آور سپارين جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 36 برادري جي مذمت

قراردادن ۾ چيو ويو ته قانون جي حڪمراني پاڪستان جي آئين 1973ع جي بالادستي ۽ وڪيلن سميت عام عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ وڪيل برادري پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي مٿي ڄاڻايل سمورين بار ايسوسيئيشنس پوليس اسٽيشن ڪي اين شاهه ضلع دادو جي حدن اندر پوليس عملدارن طرفان وڪيل عاطف برڪت ملاح جي رهائشگاهه تي ڪيل غيرقانوني ۽ بنا جواز ڇاپي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي مذمتي قراردادن ۾ چيو ويو ته پوليس جا اهڙا عمل، جيڪڏهن قانوني اختيار ۽ مقرر قانوني طريقيڪار کان سواءِ ڪيا ويا هجن ته اهي قانوني برادري جي هڪ ميمبر ۽ سندس خاندان جي عزت، وقار ۽ قانوني حقن کي نقصان پهچائين ٿا. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت ڪنهن به فرد کي قانون کان مٿانهون عمل ڪرڻ نه گهرجي تنهنڪري ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن دادو تعلقا بار ايسوسيئيشن ڪي اين شاهه، ميهڙ ۽ جوهي بار ايسوسيئيشن سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس ايس پي) دادو کان مطالبو ڪن ٿيون ته هو هن واقعي بابت فوري، شفاف، غيرجانبدار ۽ آزاد جاچ جو حڪم جاري ڪري ۽ يقيني بڻائي ته جيڪي به عملدار ذميوار ثابت ٿين، تن خلاف قانون موجب سخت ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 37 احتجاج

مس ميهڙ منتقل ڪيو جتي لاش جي سڃاڻپ طاهر پٽ خادم حسين جوڻيجو جي نالي سان ٿي مقتول طاهر جوڻيجو پاڪستان آرمي ۾ ڪلارڪ هو جيڪو 4 ڏينهن اڳ موڪل تي شاهه پنجو ڳوٺ آيو هو اڄ سندس لاش هڪ واهه مان هٿ آيو اسپتال ۾ ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو جڏهن لاش شاهه پنجو ڳوٺ پهتو ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي ٻئي طرف گذريل رات طاهر علي جوڻيجو جي پيءُ سڄاد علي جوڻيجو، وڏيرو سڪندر علي جوڻيجو، ايس ٽي پي ضلعي اڳواڻ علي شير جوڻيجو ، حاجي شمشاد علي جوڻيجو ۽ زاهد حسين جوڻيجو احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته طاهر علي جوڻيجو ڪراچي کان پنهنجي ڳوٺ شاهه پنجو ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ لاءِ آيو هو هنن الزام لڳايو ته ان کان پوءِ شاهه پنجو جي ايس ايڇ او رسول بخش ڀنڀرو کيس گرفتار ڪري پوليس اسٽيشن وٺي ويو وارثن موجب جڏهن پوليس اسٽيشن پهتاسين ته ايس ايڇ او انهن کي ٻڌايو ته طاهر علي جوڻيجو پوليس اسٽيشن مان فرار ٿي ويو آهي ان وقت سندس جسم تي ڪو به ڪپڙو نه پاتل هو ۽ صرف پوٽڙو پاتل هيو وارثن چيو ته شاهه پنجو ۽ ڀرپاسي ۾ ٻن ڏينهن تائين وڏي ڳولا ڪرڻ باوجود طاهر علي جوڻيجو جو ڪو به پتو نه ملي سگهيو احتجاج ڪندڙن ايس ايڇ او شاهه پنجو سلطان تي الزام لڳايو ته هن سندن پٽ طاهر جوڻيجو کي ڪنهن جي حڪم تي يا چرچ تي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو يا سندس لاش لڪايو ويو يا پاڻي ۾ اڇلايو ويو جڏهن ته اڄ سندس لاش هڪ واهه مان مليو آهي هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي دادو ، پاڪستان آرمي جي آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان واقعي جي جاچ ڪرائڻ ۽ طاهر علي جوڻيجو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪندي انصاف جي گهر ڪئي آهي

بقايا 38 ڀيٽا پيش

سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ـ ان موقعي تي سالگرهه تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته شهيد عرفان مهدي فڪر جي ايم سيد کي وڏي مهارت سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو پاڻ هڪ ئي وقت اديب شاعر ۽ شعلا بيان مقرر سان گڏ سائين جي ايم سيد جو لاڏلو پڻ رهيو. هنن چيو ته فڪر سيد تي عمل ڪرڻ سان سنڌ آزاد ۽ خوشحال ٿي سگهي ٿي اڳواڻن عزم ڪيو ته عرفان مهديءَ جي خواب کي ساڀيان بڻائڻ لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 39 ۽ جوتا

واپس نه پهتا وارثن سندن ڳولا شروع ڪئي ته نارا ڪئنال جي ڪناري تي ٻنهي جا ڪپڙا ۽ جوتا پيل مليا، جڏهن ته ٻنهي جا موبائل فون پڻ بند آهن ان بنياد تي خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته پيءُ ۽ پٽ نارا ڪئنال ۾ ٻڏي ويا آهن.واقعي جي اطلاع 1122 ريسڪيو عملي کي ڏني وئي جنهن ڪانپوءِ ريسڪيو ٽيم ۽ علائقي وارن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻنهي جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي.سوراهه پوليس موجب اطلاع ملندي ئي پوليس اهلڪار پڻ واقعي واري هنڌ روانا ٿي ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ جاچ ۽ ڳولا جو عمل جاري آهي

بقايا 40 لاءِ احتجاج

هٿيارٻندن گڏجي مٿس حملو ڪيو متاثر موجب، جوابدارن هٿيارن جي زور تي ٽي ٻڪريون ڦري ورتيون جڏهن ته مزاحمت ڪرڻ تي صدام چانڊيو کي جنگهه ۾ گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ فرار ٿي ويا. هنن وڌيڪ چيو ته احتجاج ۽ ميڊيا تي خبرون اچڻ بعد پوليس ڪيس ته داخل ڪيو پر اڃا تائين ڪنهن به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو ويو سندن چوڻ آهي ته جوابدار کين مسلسل ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن سبب سندن جاني خطرو وڌي ويو آهي متاثر ڌر جو وڌيڪ الزام آهي ته پوليس ڪاروائي لاءِ رشوت طلب ڪري رهي آهي جيڪا وڏي زيادتي آهي متاثرن ايس ايس پي دادو ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ آءِ جي سنڌ سميت اعليٰ اختيارين کان اپيل ڪئي آهي ته کين فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ ڦر ٿيل ٻڪريون واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 41 اسپتال منتقل

زبير . اعظم . رامون . جاويد . نجيب الرحمان . نينو . رامون ۽ شاهجهان کي ڌار ڌار رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو.

بقايا 42 برادري جي ريلي

ڳالهائيندي چيو ته ٽنڊوآدم گڊز ٽرانسپورٽ صدر شڪيل بلوچ هميشه عوام جي خدمت ڪئي سندس ترقي ڏسي مخالف بوڪلاهٽ جو شڪار ٿي ويا ڪيس گم ڪرڻ سان سندس جدوجهد ختم نٿي ڪري سگهجي ملڪ جو هر محنت ڪش ماڻهون شڪيل بلوچ سان گڏ آهي هنن چيو ته شڪيل بلوچ کي اغوا ٿيندي 8 ڏينهن گذري ويا آهن پر سندس ڪو پتو ناهي پئجي سگهيو سندس گاڏي شهدادپور مان لاوارث حالت ۾ ملي اڃان تائين پوليس ڪو گهريل جواب ناهي ڏئي سگهي صرف آسرا ڏئي رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي ڪنهن سان دشمني ناهي شڪيل بلوچ هڪ واپاري ۽ سماجي ماڻهون آهي پوليس کي گهرجي ته سندس بازيابي لاءِ ڪي جوڳا اپاءُ ورتا وڃن هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي سانگهڙ کان گهر ڪئي ته شڪيل بلوچ کي جلد کان جلد بازياب ڪرائي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 43 عرس شروع

طرف شاهه جو قصر قلندر اندر ۽ ان بعد قصر قلندر ٻاهران سامهون تاريخي چبوتري سامهون صوفيائي سماع ۾ شرڪت ڪئي . جنهن ۾ صوفي راڳي شفيع فقير ۽ ٻين صوفياڻا ڪلام پيش ڪيا رات جو هڪ ٻاهتر ٻارين ۾ سماع ٿيندو ٻي طرف اڄ درگاهه جي گادي نشين صوفي عطاءُ الله ستاري روزاني عبرت کي ڏنل خصوصي انٽرويو ۾ چيو ته دنيا ۾ امن ڀائيچاري ۽ برابري لاءِ صوفي شاهه عنايت شهيد جي فلسفي تي عمل ڪرڻ اچي سگهي ٿو . هن چيو ته تصوف انسانيت سان محبت ۽ سڀني فردن سان بنا ڪنهن مت ڀيد ۽ مذهبي وابستگي جي برابري ۽ سراسري جو درس ڏي ٿو جن ۾ فردن جو صوفيت جو هام پيتو سي امر ٿي ويا هن چيو ته 153 درگاهون هن درگاهه سان منسلڪ آهن اسان پوري دنيا ۾ محبت جو پيغام ٿا موڪليون .

بقايا 44 ڌرڻو روڊ بلاڪ

شهباز ميمڻ مسعود رحمان محمد عرفان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي اور هيڊ برج تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ پاڻي لاءِ زوردار نعري بازي ڪئي ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهجي ويون ان موقعي رهواسين چيو ته چيو ته ڪافي عرصي کان سجل سرمست ڪالوني ۾ پيئڻ جي پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪئي وئي آهي رهواسي ڳري اگهه تي پاڻي جو ٽينڪر خريد ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن اسان پاڻي جا بل ته ڀريون ٿا پر واٽر سپلا ۾ ڪافي عرصي کان پاڻي موجود ناهي علائقي جا بااثر شخص پنهنجي گهرڻ ڏانهن واٽر سپلا جي لائين ڪٽي ويا آهن ڊي سي جامشورو نوٽيس وٺي ۽ علائقي جو دورو ڪري اسان کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 45 گارڊ گرفتار

شوڪت علي ٽنيو جي فرياد تي گناهه نمبر 128 قلم 302 جي ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي آهي جڏهن ته سڪيورٽي گارڊ خالد حسين مگريو کي گرفتار ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي مقتول جي وارثن هالاڻي ٿاڻي اڳيان احتجاج ڪندي شوڪت علي ٽنيو چيو ته اسان جي پيءُ کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي اسان سان انصاف ڪيو وڃي پمپ تي اسان جو پيءُ هيليپري ڪندو هو ان جا ننڍا ننڍا ٻچا آهن هن وقت تائين پمپ وارن اسان سان ڪو به تعاون نه ڪيو آهي

بقايا 46 جوابدارن تي داخل

تي داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ ٻن جوابدارن باغ علي لهري بروهي ۽ صاحب علي لهري بروهي کي نامزد ڪيو ويو جن جو تعلق بلوچستان جي اوستا محمد واري علائقي سان آهي پوليس پاران سرڪار جي مدعيت هيٺ داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته خفيه اطلاع تي گهڄو لڳ ناڪابندي ڪئي وئي ته ڪراچي مان تيز رفتاري سان ايندڙ ويگو نه بيهڻ تي سندس پيڇو ڪيو ويو ۽ تيز رفتاري سبب منشيات سان ڀريل ويگو گاڏي سم نالي ۾ ڪلٽي ٿي پئي. ايف آءِ آر موجب پوليس اهلڪار مبينا جاکرو پاڻي ۾ ٽپو ڏيئي ٻنهي جوابدارن کي پڪڙيو ته ٻنهي جوابدارن کيس غوطا ڏيئي پاڻي ۾ ٻوڙي شهيد ڪيو جنهن دوران ٻين اهلڪارن ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ آر موجب جوابدارن جي ويگو گاڏي مان گٽڪي مائي لاءِ استعمال ٿيندڙ چورو سوپاري جا 45 پلاسٽڪ جا ڪٽا ۽ تيار مائو گٽڪو برآمد ڪيو ويو پوليس ايف آءِ آر موجب جاچ دوران جوابدارن اعتراف ڪيو ته اهي ڪراچي کان منشيات گٽڪو ميٽريل کڻي جي منشيات فروش راحيل ميمڻ ۽ مڪلي ۾ حيدر بروهي کي سپلائي ڪرڻ لاءِ کڻي اچي رهيا هئا پوليس بروقت گرفتار ڪيل ٻنهي جوابدارن جي گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏي ٻين منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا

بقايا 47 برادري جي مذمت

ڳولا باوجود ڪو به پتو پئجي ناهي سگهيو هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته پيرسن جي ڳولا ۾ مدد ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي

مورو ويجهو تيز رفتار مسافر ڪوچ ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر، هڪ مسافر فوت، ڪيترائي زخمي

نورپور لڳ حادثي جي نتيجي ۾ فاروق احمد چنا موقعي تي فوت، 9 ڄڻا زخمي ٿي پيا

اطلاع تي 1122 ريسڪيو ٽيم پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

بلال ڪوچ شڪارپور کان ڪراچي وڃي رهي هئي جنهن کي ٽرالر جو پٺيان ٽڪر ٿي پيو

مورو (ن ع) مورو ويجهو نورپور لڳ تيز رفتار مسافر ڪوچ ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر ٿي پيو هڪ مسافر فوت ڪيترائي زخمي ٿي پيا، جنهن حادثي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 ٽيم پهچي لاش ۽ زخمين کي نوشهروفيروز جي اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي جي نتيجي ۾ هڪ مسافر فوت ٿي ويو 9 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد فراهم ڪئي وئي، زخمين جي حالت نازڪ هئڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهه ۽ گمبٽ جي اسپتال

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دادو لائبريري ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي عرس جي مناسبت سان ثقافتي تقريب

تقريب ۾ اديبن، شاعرن، استادن، شاگردن، سماجي شخصيتن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

شاهه لطيف جو پيغام محبت، امن، رواداري ۽ انسانيت لاءِ عالمي درس آهي: تابش بخاري

شاگردن پاران شاهه جي بيتن ۽ واين جي خوبصورت پيشڪش، ثقافتي ورثي جي تحفظ جو عزم

دادو(رپورٽ:ولي محمد لند) علامه آءِ آءِ قاضي پبلڪ لائبريري دادو ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سالياني عرس جي مناسبت سان شاندار ادبي تقريب سنڌ جي عظيم صوفي شاعر مفڪر انسان دوست ۽ قومي سڃاڻپ جي علامت حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ساليانو عرس مبارڪ جي سلسلي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي پبلڪ لائبريري دادو ۾ هڪ شاندار باوقار ۽ علمي ادبي ۽ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اديبن شاعرن استادن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جون ڪارروايون، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ، 3 جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪامياب ڪارروايون ڪندي ڪن منشيات سپلائر جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندن قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري مٿن الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا،تفصيل موجب، سي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپورناٿن شاهه ۾ نارا دسٽري ۽ مختلف شاخن ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگارن جي بک هڙتال

عوامي تحريڪ، جي يو آئي، ايس يو پي، آبادگار جدوجهد ڪميٽي پاران پنجين ڏينهن بک هڙتال ڪئي وئي

پاڻي جي کوٽ سبب سارين جو پوکارو سڪي رهيو آهي، لکين رپين جو نقصان سان هزارين خاندان متاثر ٿيندا: مظاهرين

آبپاشي عملدارن ۽ چونڊيل نمائندن ذميوار آهن، پاڻي نه ڏنو ويو ته آفيسن ۽ بنگلن جي گهيراءُ ڪيو ويندو

خيرپورناٿن شاهه (ن ع) خيرپورناٿن شاهه ۾ رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ نارا دسٽري ۽ مختلف شاخن واهن ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف هارين ۽ آبادگارن پاران پنجين ڏينهن به علامتي ڪئي وئي جي يوٽ پارليامنٽ ،عوامي تحريڪ ،قومي عوامي تحريڪ جي يو آئي، ايس يو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپورناٿن شاهه: پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي واسڻ جو مڙس جي زيادتين ۽ تشدد خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ڪراسنگ جي رهواسڻ فضابيبي پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ مڙس عبدالرحمن لاشاري جي زيادتين ۽ تشدد خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام پرسان شارٽ سرڪٽ سبب ٻن گهرن کي باهه، الهه تلهه رک

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام پرسان ڳوٺ غلام علي گوپانگ ۾ سولر ڪنيڪشن ۾ شارٽ سرڪٽ ٿيڻ سبب اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ شريف جمالي ۽ سليم جمالي جا گهر مڪمل طور تي سڙي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي ورهاست بابت بحث عوام جي جذبن سان کيڏڻ برابر آهي: مير بابر لنڊ

سنڌ تاريخي ثقافتي ۽ قومي وحدت آهي، عوام ورهاست جي ڪنهن به تجويز کي رد ڪندا

حساس معاملن کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ سان نفرتون وڌنديون

گهوٽڪي(ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي گهوٽڪي جي صدر مير بابر علي خان لنڊ سنڌ جي ورهاست بابت هلندڙ بحث تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته هڪ سياسي ۽ لساني جماعت ڪافي عرصي کان مختلف معاملن کي بنياد بڻائي سنڌ جي ورهاست جو مطالبو ڪندي رهي آهي جڏهن ته هاڻي ڪجهه سياسي اڳواڻ ۽ ٽيڪنوڪريٽس به انتظامي يونٽن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

صوبا انتظامي يونٽ نه پر تاريخي ۽ قومي مادر وطن آهن، حدن سان ڇيڙڇاڙ نقصانڪار هوندي: قادر مگسي

ملڪ جا موجوده مسئلا ۽ بحران خراب حڪمراني جو نتيجو آهن، انهن جو حل نوان صوبا ٺاهڻ ناهي

ملڪ جو استحڪام طاقت جي مرڪزيت، صوبن جي اختيارن ۾ گهٽتائي يا نون انتظامي تجربن ۾ نه پر آئيني حق ڏيڻ ۾ آهي

سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ سڃاڻپ خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪنداسين، جمهوري جدوجهد جاري رهندي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته پاڪستان هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي جنهن جا صوبا رڳو انتظامي يونٽ نه پر تاريخي، فطري ۽ قومي مادر وطن آهن سنڌ سميت ڪنهن به صوبي جي جاگرافيائي حدن قومي سڃاڻپ يا آئيني حيثيت سان ڇيڙڇاڙ ملڪ لاءِ انتهائي نقصانڪار ثابت ٿيندي پنهنجي جاري وڊيو بيان ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي طرفان صوبن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڀٽائي جي ميلي تي ايوارڊ ورهائي رهيو آهي

هالاڻي ۾ پيٽرول پمپ تي اتفاقي گولي لڳڻ سبب هيلپر فوت، سيڪيورٽي گارڊ گرفتار

ريپٽر صاف ڪرڻ دوران گولي ڇٽڻ ڪري ڳوٺ ٽنيا بقا شاهه واسي نصير احمد ٽنيو مارجي ويو

وارثن جي فرياد تي هالاڻي ٿاڻي تي قتل جو ڪيس داخل، گرفتار گارڊ خلاف جاچ جاري

هالاڻي (رپورٽ: حفيظ گوپانگ) هالاڻي قومي شاهراهه نواز پيٽرول پمپ تي سيڪيورٽي گارڊ خالد منگريو ريپٽر جي صفائي ڪندي ريپٽر جي اتفاقي گولي ڇٽڻ سبب ڪمري ۾ موجود ڳوٺ ٽنيا بقا شاهه جو رهواسي 35 سالا هيلپر نصير احمد ٽنيو گولي لڳڻ سبب مارجي ويو لاش کي رورل هيلٿ سينٽر هالاڻي آندو ويو جنهن ڪانئڻ وارثن کي اطلاع ڏنو ويو وارثن پاران پوسٽ مارٽم ڪرائي هالاڻي ٿاڻي تي مقتول جي ڀاءُ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پيئڻ جي پاڻي کوٽ خلاف رهواسين جو اور هيڊ برج تي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

سچل سرمست ڪالوني جي رهواسين ٻن مهينن کان پاڻي جي بحران خلاف احتجاج ڪندي ڌرڻو هنيو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي سچل سرمست ڪالوني جي رهواسين پيئڻ جي پاڻي جي هٿرادو کوٽ ۽ واٽر سپلاءِ لائين غير فعال هجڻ ۽ ٻن مهينن کان ڪالوني پاڻي جي بحران خلاف رهواسين

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

جهوڪ شريف ۾ صوفي شاهه عنايت شهيد جو 218 هون ساليانو عرس شروع

گادي نشين صوفي عطاءُ الله ستاري پاران درگاهه تي حاضري ڀري عرس جو افتتاح ڪيو

صوفي شاهه عنايت شهيد جو فلسفو امن، ڀائيچاري ۽ برابري جو پيغام ڏئي ٿو: عطاءُ الله ستاري

عرس ۾ سماع جون محفلون، سيڪيورٽي لاءِ ڏيڍ سئو کان وڌيڪ جوانن تي ٻڌل ٽيمون مقرر

بلڙي شاهه ڪريم(ٽ ر) صوفين جي سرواڻ ۽ جو کيڙي سو کائي جو نظريو ڏيندڙ عظيم انقلابي صوفي شاهه عنايت شهيد جو 218 هون ٽي روزه ساليانو عرس مبارڪ اڄ ان کان جهوڪ شريف ۾ ٿي ويو عرس مبارڪ جو افتتاح گادي نشين صوفي عطاءُ الله ستاري پنهنجي حويلي کان صوفي فقيرن سنگ ۾ صوفياڻي راڳ سميت درگاهه تي پهچي ڪيو . صوفي وارث شاهه جي سربراهي ۾ ڏيڍ سئو کان مٿي جوانن جون سيڪيورٽي ٽيمون جوڙيون ويون آهن . بي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ٽنڊوآدم واسي گڊز ٽرانسپورٽ اڳواڻ شڪيل بلوچ جي بازيابي لاءِ بلوچ برادري جي ريلي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ٽنڊوآدم واسي گڊز ٽرانسپورٽ اڳواڻ شڪيل بلوچ جي بازيابي لاءِ بلوچ برادري پاران ريلي ڪڍي ٽنڊوالهيار پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي عبدالروف بلوچ . عبدالجبار بلوچ . امام بخش بلوچ . هاشم بلوچ . جليل بلوچ . فريد بلوچ .مجيد بلوچ ۽ ٻين ميڊيا سان

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ پرياسي مختلف واقعن ۾ 16 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ پرياسي موٽرسائيڪلن ۽ چنگچي رڪشائن جي ٽڪر ۾ علي احمد . انور. محمد اڪرم. علي گل . اڪبر. احسان ۽ عرفان زخمي ٿي پيا ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران نوجوان محمد امين زخمي ٿي پيو جڏهن ته محمد

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

هالا پريس ڪلب ۾ جيئي سنڌ تحريڪ اڳواڻ شهيد عرفان مهدي جي سالگرهه تقريب، ڀيٽا پيش

هالا (ٽ ر) جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ شهيد عرفان مهدي جي سلهين سالگرهه جو ڪيڪ هالا پريس ڪلب ۾ ڪاٽيو ويو . جسقم معياري اڳواڻ عبدالرشيد ڏيٿو. رئيس مسعود مهدي - سردار اياز ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ شهيد عرفان مهديءَ جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: اليڪشن لاءِ پ پ اميدوار ڪلي ڪچهري ۾ عوام سان ملي رهيا آهن

ميهڙ لڳ ڳوٺاڻن جو پاڪ ڪتاب کڻي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

نديم چانڊيو ۽ ٻين صدام چانڊيو تي حملو ڪري ٻه ٻڪريون ڦري ڪيون:مظاهرين

ميڊيا ۾ خبرن بعد پوليس ڪيس داخل ڪيو پر اڃا تائين هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪيو

ميهڙ (ن ع) ڳوٺ ماڏو جا رهواسي صدام چانڊيو ۽ نادر چانڊيو پنهنجي امڙ موسل چانڊيو ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ قرآن پاڪ کڻي آزاد پريس ڪلب ميهڙ پهچي صحافين آڏو احتجاج ڪيو ان موقعي تي هنن ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ صدام چانڊيو جڏهن جهنگ ۾ ٻڪريون چاري رهيو هو ته اوچتو نديم چانڊيو شهمير چانڊيو ۽ ٽن نامعلوم

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پيءُ ۽ پٽ گم، نارا ڪئنال جي ڪناري تان ڪپڙا ۽ جوتا هٿ

مڇي شڪار لاءِ ويل 40 ورهين جو معشوق ڪنڀر ۽ 16 ورهين جو پٽ راجو واپس نه پهتا

وارثن جي اطلاع تي ريسڪيو 1122 ۽ علائقي واسين پاران نارا ڪئنال ۾ ڳولا آپريشن شروع

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي علائقي سوراهه ٿاڻي جي حد، تجل پرسان ڳوٺ مڪلو مهراڻي جي سامهون نارا ڪئنال ۾ پيءُ ۽ پٽ ٻڏي وڃڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي،تفصيل موجب خيرپور ضلعي جي سوراهه ٿاڻي جي حد ۾ 40 ورهين جو معشوق ڪنڀر ۽ سندس 16 ورهين جو پٽ راجو ڪنڀر صبح سوير مڇي شڪار ڪرڻ لاءِ نارا ڪئنال تي ويا هئا، پر گهڻي دير گذرڻ باوجود گهر

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پرسان 4 ڏينهن کان گم پاڪ فوج جي ڪلارڪ جو لاش واهه مان هٿ، وارثن جو احتجاج

ايس ايڇ او رسول بخش ڀنڀور طاهر جوڻيجو کي گرفتار ڪيو، ٿاڻي تي وياسين ته چيو هو ڀڄي ويو آهي:مظاهرين

4 ڏينهن کان پوءِ اڄ لاش مليو، ايس ايڇ او شاهه پنجو پاءُ کي ڪنهن جي حڪم تي تشدد ڪري قتل ڪيو

ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو، پاڪستان آرمي جي آفيسر معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار

ميهڙ(رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ ويجهو شاهه پنجو علائقي مان 4 ڏينهن اڳ گم ٿيل پاڪ فوج جي ڪلارڪ جو لاش شاهه پنجو ويجهو هڪ واهه مان هٿ آيو پوليس لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5



ٽنڊوآدم لڳ نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي رهواسي نوجوان علي شير ولد دلبر کهڙو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آڻڻ بعد گهڻي جوکي حالت ۾ ايل ايم يو حيدرآباد نيو ويو.

حيدرآباد: سنڌياڻي تحريڪ پاران اياز لطيف پليجي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

حيدرآباد ۾ سنڌياڻي تحريڪ جو سنڌ جي ورهاست، جلالپور ڪئنال خلاف پيادل مارچ

سنڌ جي پاڻي، زمين ۽ آئيني حقن تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول ناهي: اياز پليجو

سنڌ تاريخي ۽ تهذيبي وحدت آهي ورهاست جي هر ڪوشش کي جمهوري جدوجهد سان ناڪام بڻائينداسين: اڳواڻ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌياڻي تحريڪ جي سنڌ تي نيو جلالپور ڪئنال شبير ساند جي قتل ، سنڌ ٽوڙڻ جي سازش، نياڻين جي قتل، ڪاروڪاري، سنڌو درياهه تي ڊاڍي، پريا ڪماري، اجالا پرين سولنگي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

مورو نيو جتوئي پرسان ٽيوب ويل مان لاش هٿ

ڳوٺ محمد عمر ڪوسو پرسان ٽيوب ويل مان سوڀو ڍڍر جو لاش هٿ آيو

پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

مورو (ن ع) نيو جتوئي پرسان ڳوٺ محمد عمر ڪوسو پرسان زرعي زمين جي ٽيوب ويل ۾ لاش هٿ آيو جنهن جي سڃاڻپ سوڀو ولد غلام فقير ڍڍر طور ٿي آهي.جڏهن ته سندس چپل ۽ قميص پرسان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ 16 ورهين جو نوجوان مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج

گمس اسپتال روهڙي ڪئنال پل پرسان چار هٿياربند عبدالغفار کي اغوا ڪيو

ڏيپارو واسي عبدالغفار لاشاري جو وارثن سان فون تي رابطو بچائڻ جي اپيل

گمبٽ (ٽ ر) يو سي فتح پور جي ڳوٺ ڏيپارو واسي نوجوان 16 سالا عبدالغفار پٽ جهان خان مبينا طور گمبٽ مان اغوا يو سي فتح پور جي ڳوٺ ڏيپارو جو رهواسي 16 نوجوان عبدالغفار لاشاري گمبٽ ٿاڻي جي حد گمبٽ گمس اسپتال روهڙي ڪئنال پل وٽان چار نامعلوم هٿيار بند ڪار ۾ سوار نوجوان کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا اغوا ٿيندڙ نوجوان جو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پريا: پوليس جي خوف کان روهڙي ۾ ٽپو ڏيندڙ نوجوان جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

پريا ۾ پوليس جي خوف کان نوجوان روهڙي ڪينال ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو، وارثن جو احتجاج

پوليس اهلڪارن ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته نادر خوف وچان ڪينال ۾ ٽپو ڏنو: ڀاءُ

پوليس اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اڃا تائين ڪي لاش ناهي مليو

ايس ايڇ او الزامن کي رد ڪري ڇڏيو آءِ جاڳايل پوليس پارٽي سان پرياروڊ اسپيشل ڊيوٽي ۾ ويل هيس

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي ڪلهوڙا ڪالوني واسي 15 سالن جو نوجوان مبينا پوليس جي خوف کان نادر پٽ غلام شبير ڪلهوڙو روهڙي ڪينال ۾ ٽپ ڏئي ٻڏي ويو. وارث سندس ڳولا لاءِ روهڙي ڪينال تي پل تي ويٺل.. مرد توڙي عورتن جو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

راڻي پور ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ ۽ اسڪيمز جي نالي تي مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج

رائيس آف راڻيپور پاران ايس ڊي او راڻي پور جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مبينا ڪرپشن ۽ ناقص منصوبابنديءَ سبب سخت پريشانين جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي:مظاهرين

راڻي پور(رپورٽ:عبدالخالق ڳلال) راڻي پور ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ ۽ اسڪيمز جي نالي تي مبينا ڪرپشن خلاف احتجاج، ايس ڊي او هٽايو شهر بچايو جا نعرا رپورٽ موجب: راڻي پور شهر ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ مختلف ترقياتي اسڪيمن جي نالن تي ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن ۽

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ الخدمت فائونڊيشن پاران مستحقن ۾ سلائي مشينون، قرض ورهائڻ جي تقريب

10عورتن کي سلائي مشينون، 16 مستحقن کي هڪ هڪ لک رپيا ۽ هڪ غريب کي روزگار لاءِ رڪشا ڏني وئي

تقريب ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن جي شرڪت، الخدمت جي فلاحي خدمتن کي ساراهيو ويو

سڪرنڊ (س ر) الخدمت فائونڊيشن سڪرنڊ پاران 10 مستحق ماڻهن ۾ سلائي ڪڙهائي مشين 16 ماڻهن ۾ هڪ هڪ لک رپيه روڪ بنا وياج جي قرض ۽ هڪ غريب شخص کي آٽو رڪشا ڏني وئي ان سلسلي ۾ فلٽر پلانٽ آفيس تي شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

مٺي: سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف نوجوانن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

مٺي ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف احتجاجي ريلي

ايس پي ايس سي جي گيٽ سامهون ڌرڻي تي ويٺل نوجوانن سان يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

سنڌ حڪومت ايس پي ايس سي کي دڪان بڻائي ڇڏيو آهي، پئسن عيوض نوڪريون ڏنيون ٿيون وڃن:مظاهرين

مٺي (ڊ ر) سنڌ ۾ ميرٽ جي لتاڙ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا ڪرپشن سفارش ۽ اقرباپروري خلاف، ۽ ايس پي ايس سي جي گيٽ سامهون ميرٽ جي بحالي لاءِ جاري ڌرڻي ۾ ويٺل نوجوانن سان يڪجهتي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ چهلم حضرت امام حسينؑ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي پلان تيار

ڊي سي ۽ ايس ايس پي جي گڏيل صدارت هيٺ اجلاس منعقد ڪيو ويو

پاڪ فوج، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا امن برقرار رکڻ لاءِ گڏ رهندا: ميجر عقيل

گهوٽڪي(ن ع) ضلعي گهوٽڪي ۾ چهلم حضرت امام حسينؑ جي موقعي تي امن امان برقرار رکڻ ۽ فول پروف سيڪيورٽي انتظامن کي يقيني بڻائڻ جو فيصلو ڊي سي ڪمپليڪس ميرپورماٿيلو جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، لکين رپين جون ٻڪريون چوري، احتجاج

نامعلوم چور گهر جي پٺ ٽوڙي ٻڪريون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن:اڪرم ڪوسو

علائقي واسين جو آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان نوٽيس وٺي امن بحال ڪرڻ جو مطالبو

اڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن ۽ وليج ٿاڻي جي حدن ۾ چورين ڦرون روز جا معمول بڻيل بدامني ۾ واڌ پرسان ڳوٺ سچو ابڙا مان شوق جا 2 قيمتي ٻڪريون چوري ٻڪرين جي شوقينن جو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي اڪرم ڪوسو يار محمد ڪوسو ۽ چيو ته اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ بدامني ۾ واڌ ٿي وئي آهي ڪا رات خالي نه آهي جو چوري نه

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مانجهند ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻن جو مظاهرو، نتهڻ اس ۾ ڌرڻو

شاهه اويس ڪئنال جدوجهد ڪميٽي اڳواڻن حاڪم ڪوسو، گلزار ڪوسو، بابل لطيف ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻڇڙي ڏانهن پاڻي نه پهچڻ سبب سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل سُڪي سڙي رهيو آهي: آبادگار

مانجهند (ن ع) مانجهند ۾ شاهه اويس ڪئنال جدوجهد ڪميٽي پاران شاهه اويس پمپنگ اسڪيم جي ٻڇڙي ڏانهن زرعي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽي ڪراچي ۾ تباهي ۽ ڪرپشن جي علامت بڻجي وئي آهي: منعم ظفر خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان گرين ڪراچي پلانٽيشن ڊرائيو جي شروعات جو اعلان

بقايا نمبر 33ڏسو صفحو 5

دادو: لطيف جي عرس جي حوالي سان ٿيل تقريب جو ڏيک

ڪڪڙ ۽ پرياسي نشي آور سوپارين جو وڪرو بند نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

خانپور جوڻيجو درمحمد ابڙو ٽرڙي جادو شهيد ۽ ٻين ڳوٺن ۾ سرعام وڪرو پيو ٿئي:مظاهرين

معصوم ٻار ۽ نوجوان نسل زهريلي سوپارين جو عادي ٿي زندگي برباد ڪري رهيا آهن

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر سميت مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ زيڊ ايڪيٽهن نشي آور سوپارين جو وڪرو بند نه ٿيو شهرين ۽ ڳوٺاڻن ضلع انتظاميا کان سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ان موقعي تي احتجاج

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

وڪيل عاطف ملاح جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف وڪيل برادري جي مذمت

ڊسٽرڪٽ بار دادو سميت ڪي اين شاهه، ميهڙ ۽ جوهي بار ايسوسيئيشنن پوليس ڪارروائي کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو

ايس ايس پي دادو کان واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ، ذميوار اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

خير پور ناٿن شاهه (ن ع) عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ماهه نور ملاح، بختاور ملاح ۽ ايڊووڪيٽ عاطف برڪت ملاح جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف دادو ضلعي جي سمورين بار ڪائونسلن طرفان مذمتي قراردادون منظور ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن دادو تعلقا بار ايسوسيئيشن ڪي اين شاهه ميهڙ ۽ جوهي طرفان ڌار ڌار مذمتي قراردادون منظور ڪيون ويون

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ قومي شاهراهه تي فلاءِ اوور ۽ يوٽرن نه هجڻ سبب حادثا معمول، مهيني ۾ 10 کان وڌيڪ فوتگيون

تيز رفتار ٽريفڪ سبب 30 کان وڌيڪ ماڻهو معذور ٿي ويا، انتظاميا معاملي تي اک نه ٿي پٽي

گمبٽ جا شهري ۽ پوري پاڪستان کان ايندڙ مريض ۽ شهري پرشاني جو شڪار ٿي ويا

شهرين، ڊاڪٽرن ۽ شاگردن پاران سنڌ حڪومت ۽ اين ايڇ اي کان قومي شاهراهه تي پل ۽ يوٽرن ڏيڻ جي اپيل

گمبٽ (رپورٽ : مريد ٽالپري) گمبٽ گمس اسٽيشن روڊ قومي شاهراهه روڊ تي فلائي اور پل ۽ يوٽرن جو رستا نه هجڻ سبب روزانه روڊ حادثا معمول بڻجي ويا آهن هڪ مهيني اندر 10 کان مٿي انساني

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ملتان: شديد برسات بعد مسافر پاڻي مان گذري رهيا آهن

جيڪب آباد پوليس جي ڪارروائي، 44 ڪلو منشيات هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

جيڪب آباد (ڊ ر) ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي جي هدايتن تي پوليس جون منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروايون جاري، جيڪب آباد جي سي آءِ اي پوليس جي انچارج عمر الدين بنگلاڻي پنهنجي ٽيم سان گڏجي ڳجهي اطلاع تي جيڪب آباد جي آباد ٿاڻي جي حد شڪارپور

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مسو پرڳڙي شهر ۾ ملي پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ، آر او پلانٽ ناڪاره، شهري پريشان

صاف پاڻي نه ملڻ سبب شهرين آلودو پاڻي واپرائڻ تي مجبور، مختلف بيمارين منهن ڪڍيو

اختيارين ۽ چونڊيل نمائندن کي بار بار آگاهي باوجود مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي: شهري

واٽر سپلاءِ نظام ۽ پيوريفڪيشن پلانٽ فوري بحال نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

مسو پرڳڙي (ن ع) مسو پرڳڙي شهر ۾ ملي پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن شهر جو واٽر سپلائي سسٽم پيوريفڪيشن پلانٽ ۽ آر او پلانٽ ڪيترن ئي سالن کان خراب پيل هجڻ سبب شهرين کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي ميسر ناهي جنهن ڪري هو مجبورن آلودو ۽ غير معياري پاڻي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن مقامي شهرين موجب صاف پاڻي جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ نوجوان جي زهر پي خودڪشي جي ڪوشش، اسپتال منتقل

مورو (ن ع) مورو: شهر جي ملاح چوڪ جي رهواسي دڪاندار صابر قريشي جي پٽ فيضان قريشي زهر کائي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪيس مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو سندس حالت نازڪ هجڻ ڪري ڪيس نواب شاهه ريفر ڪيو ويو.

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پ پ عوامي پارٽي آهي ۽ عوام جي خدمت کي پنهنجو فرض سمجهي ٿي:اسفنديار ڪڙل

پارٽي هميشه جمهوريت جي مضبوط بحالي، آئين جي بالادستي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن:ڪاظم شاهه لڪياري

ذوالفقار ڀٽو ۽ شهيد راڻي جي جدوجهد عوام جي خدمت ۽ جمهوريت جي استحڪام لاءِ هئي

مخالف ڌريون عوام کي گمراهه ڪرڻ ۾ ناڪام ٿينديون، عوام خدمت ڪندڙ ۽ نعريباز سياست ۾ فرق سمجهي ٿو

هنگورجا(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري ۽ پي ايس-30 گمبٽ—سوڀوديرو جي ضمني چونڊ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار بئريسٽر اسفند يار ڪڙل چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي پارٽي آهي ۽ عوام جي بي لوث خدمت کي پنهنجو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پرسان مبينا پوليس مقابلي ۾ نوجوان مارجي ويو، سئوٽ زخمي، لاش رکي ڌرڻو

بيگاري ڪئنال پرسان پوليس مقابلي ۾ حيدر علي رواهي بليدي کي مارڻ ۽ سندس سئوٽ ٻچل رواهي بليدي کي زخمي ڪرڻ جي دعويٰ

اطلاع تي وارث اسپتال پهتا، لاش وصول ڪرڻ بعد پريس ڪلب اڳيان رکي احتجاجي مظاهرو نعريبازي

لياقت، رانجهن رواهي بليدي وارن سان اسان جو تڪرار هلندڙ آهي، جيڪب آباد پوليس انهن سان گڏجي اسان سان ناجائزي ڪئي آهي:ڀاءُ

آءِ جي سنڌ اسان جي نوجوان جي قتل جو نوٽيس وٺي قتل ۾ ملوث پوليس عملدارن مٿان ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪرائي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد پرسان مبينا پوليس مقابلو نوجوان مارجي ويو سندس سئوٽ زخمي وارثن جو لاش رکي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو روڊ بلاڪ، مارجي ويل نوجوان سميت 5 ڄڻن خلاف پوليس مقابلي جو ڪيس داخل خبر موجب: جيڪب آباد پرسان بقا محمد ٿاڻي جي حد بيگاري ڪئنال پرسان پوليس جو مبينا ڏوهارين سان مقابلو ٿي پيو پوليس پاران

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: نوجوان جو لاش رکي سندس وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

عمرڪوٽ پوليس جون ڪارروايون، 4 ڪلو آفيم هٿ، 4 جوابدار گرفتار

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ پوليس ڳجهي اطلاع تي سامارو موڙ ۽ ڏورونارو روڊ تي ڌار ڌار ڪارروايون ڪندي تقريباً 4 ڪلو آفيم هٿ ڪري وڏي منشيات فروش گروهه

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پرسان نامعلوم تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر ۾ پنڌ ويندڙ شخص فوت

ٽنڊو جان محمد روڊ تي جلال ابڙنگ اسٽاپ ويجهو پنڌ ويندڙ شخص کي نامعلوم گاڏي ٽڪر هنيو

گاڏي جي ٽڪر ۾ جميل بروهي سخت زخمي ٿي پيو، اسپتال منتقل، ڊاڪٽر فوتگي جي تصديق ڪئي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان نامعلوم تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت، منشيات جي وڌندڙ استعمال تي ڳڻتي ڏگهڙي پرسان نامعلوم تيز رفتار گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو تفصيل موجب گذريل رات دير سان ڏگهڙي - ٽنڊو جان محمد روڊ تي جلال ابڙنگ اسٽاپ ويجهو روڊ جي ڪناري پنڌ ويندڙ هڪ شخص کي نامعلوم تيز رفتار گاڏي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي فوري طور

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين ۾ هٿرادو مهانگائي، گاڏي پيٽي جي شين ۽ ٽرانسپورٽ ڪرائن ۾ واڌ

پيٽروليم اگهن کي جواز بڻائي واپارين روزمره جي شين جا اگهه وڌائي ڇڏيا

انتظاميا مقرر اگهن تي عملدرآمد ۽ ناجائز منافعو ڪمائيندڙن خلاف ڪارروائي ڪري

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين شهر ۾ هٿرادو مهانگائي بي قابو ٿي وئي آهي، جنهن سبب روزمره استعمال جي شين سان گڏ ٽرانسپورٽ جا ڪرايا به وڌايا ويا آهن واپارين ۽ دڪاندارن پيٽروليم شين جي وڌندڙ اگهن کي جواز بڻائيندي اٽو چانور کنڊ، چانهه جي پتي، گيهه دالين ۽ ٻين گاڏي پيٽي جي شين جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن جڏهن ته ٽرانسپورٽرن به مختلف رستن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي ۾ پاڻي جي واري تان پيرسن جي قتل جو چار جوابدارن تي ڪيس داخل، ٻه جوابدار گرفتار

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان ڳوٺ پير پانڌي راڄير ۾ پاڻي جي واري تان مبينا قتل ٿي ويل پيرسن محرم راڄير جي قتل جو ڪيس مقتول جي ڀاءُ مير خان راڄير

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ آفيسرن جي صلاحيتن ۾ واڌ لاءِ مصنوعي ذهانت بابت تربيتي ورڪشاپ

انتظامي معاملن ۾ اي آءِ جي استعمال، جديد آفيس مئنيجمينٽ ۽ قيادتي مهارتن بابت آفيسرن کي تربيت ڏني پئي وڃي

وي سي ڊاڪٽر يوسف خشڪ پاران تربيتي پروگرامن کي يونيورسٽي جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ اهم قرار

ڊاڪٽر محسن ڪاظمي ۽ ڊاڪٽر فرحان شهزاد پاران عملي سيشن، آفيسرن جديد ڊجيٽل مهارتن بابت سکيا حاصل ڪئي

خيرپور (ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي آفيسرن لاءِ ٻن ڏينهن واري صلاحيت وڌائڻ واري ورڪشاپ جي شروعات انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سيمينار هال ۾ ٿي ورڪشاپ جو مقصد يونيورسٽي جي انتظامي آفيسرن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

مٽياري جي رهواسين جو ڦر واقعي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)مٽياري جي ڳوٺ محمد خان جوڻيجو جي رهواسي عورتن ۽ مردن روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر واقعي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي شاگرد عبدالغفار جوڻيجو ڌانهيندي الزام هنيو ته خميس ڍاڳي ڳوٺ پرسان هٿياربند ڌوهارين يرغمال بڻائي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

جيئي لطيف
جيئي سنڌ
شاهه اويس ڪئنال جدوجهد ڪميٽي

مانجهند: شاهه اويس ڪئنال مان پاڻي جي چوري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪي اين شاهه ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرن جو پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ خلاف احتجاج

مظاهرين ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ جي تجويز خلاف مظاهرو ڪيو

سنڌ حڪومت جو اهو فيصلو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا: مظاهرين

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ليڊي هيلٿ ورڪرن پاران پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ واري فيصلي خلاف احتجاج، زبردست نعريبازي، سنڌ حڪومت جو فيصلو رد ليڊي هيلٿ ورڪرن ۽ سپروائيزرن حڪومت پاران ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام کي پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ جي تجويز خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو رخسانه عباسي مختيار بروهي ۽ ٻين ليڊي هيلٿ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پ پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه جي ڀيڻ جي لاڏاڻي تي تعزيتي سلسلو جاري

سامارو (ن ع) سامارو ۾ پ پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه جي وڏي ڀيڻ ۽ سنڌ ٽپيدار ايسوسيئشن جي مرڪزي صدر علي قطب شاهه . سيد امجد علي شاهه پريس ڪلب سامارو جي سابق صدر ۽ ٽپيدار ايسوسيئشن ڊويزنل صدر سيد جاويد حسين شاهه ٽائون آفيسر سيد شمشير علي شاهه جي امڙ لاڏاڻي تي ڊپٽي ڪميشنر عمرڪوٽ نويد الرحمان لاڙڪ، سابق وفاقي وزير سيد علي نواز شاهه جي ڀائيچي سيد ارشاد شاهه جي فرزند سيد غلام حيدر شاهه ۽ سندس ڀاءُ، ڪوٽ غلام محمد جي سابق ناظم امير حسن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

جمون ۽ ڪشمير جي چونڊن لاءِ پولنگ سڀاڻي تي خيرپور ضلعي ۾ ٿيندي

ٽي پولنگ اسٽيشنون قائم، اڄ پولنگ اسٽيشنن تي سامان ۽ بيلٽ پيپر پهچايا ويندا

ٽنهي پولنگ اسٽيشنن تي مردن ۽ عورتن جا گڏيل رجسٽرڊ ووٽر 65 آهن:اليڪشن ڪميشن

خيرپور(ڊ ر) جمون ۽ ڪشمير جي چونڊن لاءِ پولنگ 2 آگسٽ، آچر تي خيرپور ضلعي ۾ ٿيندي اليڪشن ڪميشن جي ذريعن موجب ضلعي ۾ ٽي پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن جن ۾ گورنمينٽ مراد هاءِ اسڪول گمبٽ، گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ڀريالو ۽ گورنمينٽ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٺٽي پرسان پوليس اهلڪار جي شهادت وارو ڪيس گرفتار ٻن جوابدارن تي داخل

ڳجو پرسان ويڳو ڪلٽي ٿيڻ بعد گرفتاري دوران اهلڪار مبين جاڪرو کي غوطا ڏئي شهيد ڪيو ويو

سي آءِ اي انچارج ڏليدار خان پٺاڻ جي فرياد تي جوابدار باغ علي ۽ صاحب علي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدارن اعتراف ڪيو ته ڪراچي کان منشيات ٺٽي جي منشيات فروش راحيل ميمڻ ۽ حيدر بروهي کي سپلائي ڪرڻ لاءِ کڻي اچي رهيا هئا

ٺٽو (ڊ ر) گذريل ڏينهن ٺٽي لڳ ڳجو پرسان سمر نالي ۾ منشيات فروشن جي ويڳو گاڏي ڪلٽي ٿيڻ دوران جوابدارن جي گرفتاري جي ڪوشش ڪندي غوطا ڏيئي شهيد ڪيل پوليس اهلڪار جو قتل ڪيس اوسٽا محمد واسي گرفتار ٻن جوابدارن خلاف مڪلي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو پوليس ٻنهي جوابدارن جي گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏي سي آءِ اي پوليس ٺٽو جي انچارج ڏليدار خان پٺاڻ جي فرياد تي قلم 302 ۽ 34 پي پي سي تحت مڪلي ٿاڻي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

راضيديرو ويجهو 70 سالن جو پيرسن ٽن هفتن کان پراسرار نموني گم، وارث پريشان

راضيديرو(ن ع) راضيديرو لڳ ڳوٺ ڪوڙل خان پڪي واسي 70 سالن جو پير سن اعجاز علي پڪي پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي ان ڏس ۾ سندس پٽ سجاد علي پڪي جو چوڻ آهي ته 3 هفتا اڳ شاهه لڏائي جي ميلي تي وڃڻ جو چئي گهران نڪرڻ بعد واپس ناهي موٽيو مٽن مائٽن توڙي دوستن سميت ڪافي جڳهن تي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.